
# جيئي سنڌ جيئي سنڌ



Gul Hayat Institute

باباءِ سنڌ

## حيدر بخش جتوئي

# جيئي سنڌ - جيئي سنڌ

(شاعري)

## باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي

Gul Hayat Institute

Baba-e-Sind Hyder Baksh Jatoi
Academy

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي
اڪيڊمي



حيدرآباد سنڌ

1988ع

ڇپائيندڙ : دادن حيدر بخش جتوئي
ڪنوينر
باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي
21 ، مسلم هائوسنگ سوسائٽي
حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ : سهڻي پرنٽرس، الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ
ٻهريون ايڊيشن : آڪٽوبر 1988ع
قيمت : 40-00 روپيا

Gul Hayat Institute

JEAY SIND, JEAY SIND (Long Live Sind, Long Live Sind) Collected Poems of 'Baba-i-Sind' Hyder Baksh Jatoi (1901 - 1970) in Sindhi. Published by Baba i Sind Hyder Buksh Jatoi Academy, 21, Muslim Housing Society, Hyderabad Sind, Pakistan. July 1988, Convener: Dadan Hyder Baksh Jatoi.

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- مهاڳ | الف |
| ٢- سوانح | ح |
| ٣- پيش لفظ | ذ |
| ٤- تحفهٔ سنڌ | 1 |
| ٥- آزاديءَ قوم | 65 |
| ٦- اڻ سهيڙيل شاعري | 127 |


Gul Hayat Institute

# مهاڳ

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بابت ڄاڻ مونکي 1930ع کان وٺي 1945ع تائين ايتري هئي ته هو ڏوڪري تعلقي جو هو ۽ (ان لحاظ کان پاڙيسري) هو، سنڌس ڳوٺ ۾ منهنجا چاچا ريزڪي دوڪان هلائيندا هئا جن کان اهو معلوم ٿيندو رهندو هو ته هو هڪ ايماندار نيڪ ۽ بي تعصب ماڻهو هو، شايد 1931ع ۾ هو اسانجي ڳوٺ ڍل جي وصوليءَ لاءِ آيو هو ۽ رات اسانجي اوطاق تي ٽڪيو هو. معلوم اهو ٿيو ته ننڍن ڪاڻيدارن جن تي بقايا هئي انهنجا برتڻ ۽ وهڙا به ڪوڙوار ۽ ٽپيدار ڪاهي آيا هئا جي حيدر بخش موٽائي مالڪن کي ڏنا ۽ ٽپيدار کي تنبيهه ڪئي ته هر جا اوزار ڏاند ۽ ڪاڏي پيٽي جا برتڻ ۽ سامان ضبط نه ڪرڻا آهن.

حيدر بخش جو لاڳاپو هاري تحريڪ سان 1935-1936 کان ٿيو جڏهن هاري ڪميٽيءَ جي آفيس ٽنڊي ڄام ۾ هئي ۽ انهيءَ وقت کان وٺي هو ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ڪتاب پڙهڻ لڳو. ان کان اڳ هن جو واسطو ٿياسافي (Theosophy) وارن سان به هو، جيڪي به سياسي ۽ سماجي ڪم ڪندڙ هئا انهي سان لهه وچڙ هئي. ان دور جي دوستن ۾ جيٺمل گلراجاڻي، جمشيد نسروانجي، جي-ايم-سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پروفيسر واسواڻي، ڪامريڊ عبدالقادر ميوو خان (صدر هاري ڪميٽي) ۽ محمد امين کوسو ۽ ٻيا ڪامريڊ حيدر بخش سان ملندا جلندا رهندا هئا ۽ انهن سان حيدر بخش جي ڏي وٺ هئي، پر نوڪريءَ ۾ هوندي به سنڌس خيالات گهڻو اڳتي ۽ انقلابي هئا، ان دور ۾ به هن نوڪري ڇڏي ڪل وقتي ڪارڪن ٿيڻ جو سوچيو مگر دوستن جي چوڻ تي اهو پروگرام ٽاريندو رهيو.

۽ وڏيرا شاهيءَ جي رعب ۽ دٻاءُ کي للڪارڻ ۽ مقابلي جو دور ليکجي ۽ ٻيو دور 1954 کان وٺي 1970 تائين جنهن دور ۾ حيدر بخش (۽ سندس سائين) جي جاکوڙ هاري تحريڪ کي سنڌ جي وجود ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو اڳواڻ ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ جنهن سبب کيس "باباءِ سنڌ" به ڪوٺجي ٿو.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي سان وقت بوقت ڪي سنها ٿلها اختلاف به ٿياءِ پر شاباس آهي هن مرد مجاهد کي جو ڪڏهن به ذاتي بغض يا سياسي بغضن تي وقت نه وڃايائين ۽ اسان سان هميشه سائين دوستن ۽ ڀائرن وانگر نڀاهيو. هو مون کان عمر ۾ ويهه سال وڏو هو پر ڪڏهن به هن مون کي اهو سوچڻ جو موقعو نه ڏنو ته سندس "ننڍو ڀاءُ" آهيان يا هو "وڏو" هو. 1945 ۾ جڏهن مان گوبند مالهيءَ سان گڏ جي "نئين دنيا" رسالي لاءِ لکيل مواد وٺڻ لاءِ وڏي ويس تڏهن کان هو منهنجو مهربان دوست، ساٿي، ۽ جدوجهد ۾ ساٿي ۽ سرواڻ رهيو.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ وقت بوقت پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪمت عملي ۽ طريقه ڪار جو نڪته چين به رهيو جنهنڪري هن کي "ڊسپلن" ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو هو پر ڪميونسٽ پارٽي ڪڏهن به هن کي پاڻ کان الڳ يا جدا نه سمجهيو وقت بوقت هن سان صلاح مشورو ۽ تنظيمي رابطو برقرار رهيو حيدر بخش جتوئي پاڻ کي فخريه ڪميونسٽ سڏايو ۽ پنهنجي آخري انٽرويو ۾ به پاڻمرادو چيو ته هو مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن کان متاثر هو ۽ انهن مان ئي هن علم پرايو هو.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي هڪ اعليٰ درجي جو مفڪر (Thinker, Philosopher) انقلابي (Revolutionary) جذبن ۽ قوتن کي اڀاريندڙ (Agitator)، تحريڪن کي منظم ڪندڙ (Organizer) ۽ "سنڌ جي قومي وجود" ۽ هارين جي حقن

لاءِ جدو جهد جو سرواڻ ۽ انهن ٻنهي تحريڪن کي ڳنڍيندڙ پل جو ڪم ڏيندڙ اڳواڻ هو. ڇو ته سنڌ (۽ پاڪستان) جي عوام جي پنهنجي حقن لاءِ جدو جهد ۾ هنن ٻنهي جهدن کي گڏڻ جي اشد ضرورت هئي ۽ آهي ڇو ته انهن ٻنهي تحريڪن جي گڏجي هلڻ ۾ ئي اسان جي نجات آهي.

سوڀو گيانچنداڻي

Gul Hayat Institute

# سوانح

حيدر بخش جتوئي 7- آڪٽوبر 1901ع ۾ ڳوٺ بکي ديري تعلقع ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پر واري ڳوٺ پياڻ جي اسڪول ۾ ورتائين ۽ سنڌي فائينل سڄي سنڌ ۾ پهرئين نمبر سان پاس ڪيائين ته پوءِ کيس انگريزي پڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ سنڌ مدرسه لاڙڪاڻي ۾ ثانوي انگريزي تعليم حاصل ڪيائين ۽ ايڏو ته هوشيار هو جو ڊبل پروموشن وٺي مئٽرڪ چند سالن ۾ امتياز سان پاس ڪيائين، انکانپوءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتائين ۽ 1927ع ۾ بي. اي امتياز سان فارسي ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ڪيائين. 1928ع ۾ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو ۽ ڏوڪريءَ ۾ هيڊ منشي ٿيو ۽ پوءِ هائر جو امتحان پاس ڪري سموري سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ مختيارڪار ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف تعلقن جهڙوڪ بدين، ڊگهڙي، جيمس آباد، گهوٽڪي ۽ ڏوڪريءَ ۾ مختيارڪار ٿي رهيو ۽ پوءِ جلد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. هارين سان محبت ۽ سندن بدحالي ڏسي حيدر بخش جتوئي 1945ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان استعفا ڏني ۽ سڌي طرح سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ شامل ٿي هن سنڌ هاري ڪميٽي جي نئين سر تنظيم ڪئي ۽ آئين پڻ تيار ڪيو.

حيدر بخش جتوئي گڏيل هندستان جي وقت کان وٺي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر رهيو ۽ آخري دم تائين پاڻ کي ڪميونسٽ سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وفاق ۾ رهندي سنڌ جي صوبائي حقن لاءِ وڙهندو رهيو ۽ ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ ون يونٽ جي سختيءَ سان مخالفت ڪيائين ۽ سنڌ جي حقن لاءِ ڪيترا ڪتابچا لکيائين ۽ جيل ۾ رهيو. سنڌ جي عوام کيس

Gul Hayat Institute

باباءِ سنڌ جو لقب ڏنو جيڪو کيس پسند هو ۽ آخر ۾ ون
يونٽ جي ٽٽڻ جو اعلان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، باباءِ سنڌ
حيدر بخش جتوئي 21- مئي 1970ع تي منجهند جو 3- وڳي
آخري ساهه کنيو. کيس غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبره جي
ٿلهي تي دفنايو ويو آهي، سندس شريڪ حيات مسز ممتاز
جتوئي به ساڻس پرسان دفن ٿيل آهي جيڪا سندس جدائي جو
ڏک برداشت نه ڪندي 20- سيپٽمبر 1970ع تي وفات ڪئي.

Gul Hayat Institute

ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهن.

آخر ۾ آءٌ پروفيسر ظفر حسن شاهه ۽ محترم وليرام ولڀ جو نهايت شڪرگذار آهيان جن هن مجموعي کي سهيڙڻ ۽ پروف ريڊنگ ۾ مدد ڪئي. آءٌ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، سرجن علي بخش جتوئي، ڊاڪٽر هادي بخش جتوئي، ڊاڪٽر حاتم جتوئي ۽ وسيم عثمانيءَ جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب لاءِ مالي امداد ڪئي.

سنڌ جي هڪ هڪ سنڌيءَ ڏانهن پيار پريت ۽ محبت سان.

**دادن حيدربخش جتوئي**

ڪنوينر

21، مسلم هائوسنگ سوسائٽي بابا سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي

حيدرآباد سنڌ

7- آڪٽوبر 1988ع

Gul Hayat Institute

# تحفۂ سنڌ

ڪفر و دين هر دو در رهت پويان
وحده لاشريڪ له گويان

بطرف
حبيب شفيق
احمد
غلام علي چاڳلا
ڪراچي

Gul Hayat Institute

حيدربخش الهداد جتوئي
بي - اي
مختيارڪار بدين
ساڪن بکو ديرو، تعلقو لب درياهه،
ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ.

ٻهريون ڇاپو: هجري سال 1350

# ”تحفۂ سنڌ“ ۾ آيل شعرن جي ترتيب


1- عرض (پهرئين ڇاپي جو مهاڳ)
2- رباعيون 1 کان 22
3- غزل 1 کان 4
4- نظم
(1) درياهہ شاهہ
(2) شڪوه
5- متفرقہ
(1) مناجات (درحق عمرالدين)
(2) مثنوي
(3) قنبر
(4) همہ اوست -1
(5) همہ اوست -2
(6) فاني زمانو
(7) بہ پاتا
(8) حڪايت
(9) قصيدو (يادگار مسوري)
(10) قصيدو (في مدح حامد علي خان)


Gul Hayat Institute

# عرض

عيب مي را هم گفتي هنرش نيز بگو.

--- حافظ

مان هي ٿورا شعر پنهنجي دوستن جي اڳيان پيش ٿو ڪريان. ليڪن ڀانيان ٿو ته هي شعر گهڻن کي پسند نه ايندا. بلڪ ڪي دوست به منهنجا دشمن ٿي پون ته عجب نه آهي. هندو دوست منهنجي زبان کي پسند نه ڪندا ۽ مسلمان دوست منهنجي دماغ جي توهين ڪندا. آءٌ مسلمان دوستن کي هيترو چوندس ته جيڪي شڪوڪ ۽ شبهات مون "شڪوه" ۾ اظهار ڪيا آهن سي برابر گستاخانه آهن ۽ ڪٿي ڪٿي بي ادبي ڏيکارين ٿا، مگر اهي سڀ محبت ۽ جستجوئي حق جو نتيجو آهن. جيڪڏهن انساني فطرت انساني آهي ته مون کي پڪ آهي ته مون وانگر هزارن دلين ۾ اهي شڪوڪ پيدا ٿيا هوندا ۽ ٿيندا رهندا. اهڙن خيالن جو انساني طبيعت ۾ هميشه کان موجود هئڻ جو لازمي نتيجو آهي انهن جو اظهار ڪرڻ. ٻي صورت ۾ جيستائين اهي خيالات اظهار نه ٿيندا تيستائين انهن جو علاج ۽ اصلاح غير ممڪن آهي. ممڪن ۽ ضروري آهي ته ڪيترن ماڻهن جي دلين ۾ اهڙا خيال گذريا هوندا ۽ انهن اهي مسئلا حل ڪري ڇڏيا هوندا، پر چاڪاڻ ته زماني جي نظر ۽ خوف کان انهن اهي خيالات اظهار نه ڪيا ۽ انهن سوالن ۽ جوابن کي فقط بذات خود يا ڪن مخصوص دوستن جي اندر محدود رکيو ۽ عام خلق کي بلڪل محروم ڪيو. آءٌ ضرور ٿو سمجهان ته اهڙن خيالن کي اظهار ڪريان جيئن انهن جي حل ڪرڻ لاءِ حتي المقدور ڪوشش ڪئي وڃي.

Gul Hayat Institute

انهيءَ ئي دستور هنن دقيق ۽ عظيم مسئلن جي تحقيقات ڏي سگهي ٿي. اُميد ته مان جلد ”جواب شڪوه“ به دوستن جي پيش ڪندس.

هندو دوستن کي فقط هي چوندس ته:

سخن کز بهر حق گوئي چه عبراني چه سرياني،
مڪان کز بهر حق جوئي چه جابلقا چه جابلسا.

— سنائي

— حيدربخش الهداد جتوئي

بکو ديرو

14- شوال 1350

Gul Hayat Institute

رباعیون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

(1)

خالق مان چوان توکي يا الله چوان،
يا ساري خدائيءَ جو مگر ساهه چوان!
تنهنجي يا خدا ڪهڙي مان ساراهه چوان،
بي چون ۽ بي انت شهنشاهه چوان!

(2)

الله خدائيءَ جو نگهبان ٿئي،
تنهن ڪان ئي فقيري ۽ شرف شان ٿئي.
زاهد جان گنهگار جي روزي نه لهي،
ڪئن نالو سندس رازق ۽ رحمان ٿئي؟

(3)

قسمت جي قلم ڪن کي گنهگار ڪيو،
دنيا جي بلائن ۾ گرفتار ڪيو.
پرهيز ۽ عبادت ٿيو حصو ڪن جو،
خالق ته جهان جو ائين سينگار ڪيو.

(4)

الله وڏو پرده نشين عالم ۾:
برقعه ٿيو ڏيکي زالن جان ڪم شرم ۾.
زالون ٿيو عزيزو ته زيارت تي هلون:
مردن کي اجازت نه ملي هن ڪم ۾.

(5)

توکي اي صنم ڪهڙو آ پردي جو ضرور،
يا خوف نظر بد سندو يا عُجب و غرور؟
يا عمر گهٽيءَ کان آ گهٽيو تنهنجو جمال،
ڇا تنهنجي تجلي جو ڪڏهن ٿيندو ظهور؟

Gul Hayat Institute

( 6 )

اي يـــار ضيا تنهنجي ڪٿان نابين ٿيس،
زلفـن ۾ ٿـيس قـيـد ۽ غـمـگين ٿيس!
مون کي نہ خبر پيئي ورن وڪـڙن جي،
ٿيو عقل خـطا منهنجو ۽ بي ديـن ٿيس!

( 7 )

ڄڏهين جو مسرت ٿي سنڌم قسمت ٿي،
جنبش مان ڪنان دست قضا حرڪت ٿي.
هي هي جـو پيو ڇنڊو ڪري ميم مٿان،
تقسيم مسرت مـــان ڦـري حسرت ٿي!

( 8 )

مخدوم چـيم ويهہ اکـيون بند ڪري،
ديـــدار عطا توکي خـــداونـد ڪري.
آيوم اکيـن بند ڪئي ڪجهہ نـہ نظر،
هن "ڪجهہ نہ" ڇڏيا قيد خرد مند ڪري!

( 9 )

قدرت جا عجب رنگ اکيون کولي ڏسو،
الله کـــي انـڌا ٿي مگر ڳولي ڏسو.
الله ڏسو ڪهڙو آ قدرت جـي خلاف،
دنيا کـــي انهيءَ رولي وڌو پولي ڏسو!

( 10 )

چوگرد مـُنکي بند هـوا ۾ ڇو رکيُئي،
جي بند رکيُئي گند هوا ۾ ڇو رکيُئي؟
منهنجو تہ هوا ۾ رکيُئي ڪاڏو ۽ مدار،
الـــزام خداوند هوا ۾ ڇـــو رکيُئي؟

Gul Hayat Institute

(11)

دنيا ۾ مُنکي زور سان پيدا ڇو ڪيئي،
پيدا جي ڪيئي يار جو شيدا ڇو ڪيئي؟
شيدا جي ڪيئي — دور صنم کان ڇو ڪيئي،
هي ظلم جدائيءَ جو هويدا ڇو ڪيئي؟

(12)

ڇڏ منهنجي ستائڻ ۾ اچئي ڪهڙو مزو،
ڳارڻ ۽ کپائڻ ۾ اچئي ڪهڙو مزو؟
هي پانهنجي سورهيائي ڪندين ڪنهن کي بيان،
هن پاڻ پڏائڻ ۾ اچئي ڪهڙو مزو؟

(13)

بيشڪ تہ سين ساڻ وفائي تو ڪئي،
حسنين ايوبن سان صفائي تو ڪئي،
سڀ نامۂ اعمال سندءِ تي آ لکيل،
دنيا ۾ اسان تي جفائي تو ڪئي!

(14)

هن آيت زمين جي تي ڪئين آيا ويا،
ٿي راڳ ۽ قصيدا جنهين جا ڳايا ويا،
آخر نہ رهيا راڳ نہ مداح نہ شاهہ،
ٿيان رنگ عوض تن جي ۾ نهرايا ويا.

Gul Hayat Institute

(15)

عبرت وٺو دنيا کان ڏسو دورِ قمر،
دارا شهہ جمشيد سندي ڪهڙي خبر؟
لس ٿي ويا سيئي نقش سندس محل مٿان،
تاراج ۽ تلف ٿي ويا سندن شهر ۽ گهر.

( 16 )

وڪرم جو ڪٿي تخت ۽ اڪبر جو جلال،
ڪٿ شاهہ جهان ۽ ڪٿي دسرٿ جو نهال!
اڄ ڏيهن ڏٺي تن جي مڪانن تي ڏسو،
وارو ٿــا وٺن شور سان باندر ۽ شغال.

( 17 )

الله مـٺـم آڻ سـگهو ننڊ جـي هير!
وهمن کي ٿي صورت ڏئي هي موت صغير.
ڪهڙا هـي نظارا ۽ هـي ڪـهـڙا گفتا،
سبحان الله ڪهڙو عـجـب موت ڪبير.

( 18 )

جاڳي نہ سٺي مون کي ٿيو آرام نصيب،
قسمت ۾ نڪي مون کي ٿيو گلفام نصيب.
مون کي ٿيو دنيا ۾ فقط عشق نصيب،
تنهن عشق سان گڏ عشق جو ناڪام نصيب!

( 19 )

اي مدعي هي ڳالهہ سمجهہ ٿـي مسعود،
جئن منهنجو وجود آهي تيئن خدا جو وجود.
تون هستيءَ پنهنجيءَ کي ڇاڻ پاڻ سڃاڻ،
دل تنهنجي ٿئي ڪئن ٿي شاهد ۽ مشهود.

( 20 )

الله جــو رسـتـو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾ ٽڪاڻي ۾ نـہ ديـول ۾ ڏٺم.
هت بحث ۽ منطق جو نہ ڪجهہ آهہ ضرور،
مولا کي ڏٺم جـي تہ سچي دل ۾ ڏٺم.

Gul Hayat Institute

( 21 )

هن لنبي حڪايت جو خلاصو سمجهو،
دنيا کي عجب رنگ ۽ تماشو سمجهو!
دنيا ۾ وڻو عيش ۽ عشرت دل تي،
جنت جو فقط سهڻو دلاسو سمجهو!

( 22 )

جلدي آ ڀري جام اي ساقي ساقي،
نشي ۾ رهون عمر هي باقي ساقي.
حيدر کي ته ساندہ ڪي ٻه ٽي جام پيار،
جو ٿيندو وڃي هاڻي بقاقي ساقي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# غزل

Gul Hayat Institute

## (1)

ساقي ڀيار جام جهان بين ڀري ڀري،
خود بين مشائخن کان ڀڄي ٿيس پري پري!

تقويٰ ۽ زهد مان نه ٿي اڄ تائين ھڙ حصول،
شيخن ڏنو ٿي اهنج اجايو ذري ذري.

ميخاني ۾ اچو ته ٿيون مست ۽ بيخبر،
پيرِ مغان جا پير چمون سر ڌري ڌري.

ملو سڙي ٿو بزم اسان جي ڏسي ڏسي،
سيني سندس ۾ ڪيني جي آتش ٻري ٻري.

فصل بهار آهه ۽ جنبش ۾ باغ آهه،
چڻ چڻ سماع جي ڪان ٿو هيٺئون نري نري.

وهه واهه هن سماع جو آهي اثر عجيب،
هر مست پنهنجي نفس جي اندر مري مري.

ڪر واعظا زبان ڀڳهي ۽ بلند بند،
بيهوش تي اثر نه نصيحت ڪري ڪري.

الله ڪا هنن کي هدايت نصيب ڪر،
نا قلب تن جو اصل سندن ڏي وري وري.

ناحق وڃائي دين تا دنيا خراب ڪن،
ڪائي ويو رياءُ سندن جان هري هري.

حيدر ڪي ڀهرين ڏينهن ملي نعمت شراب،
هن بحر ۾ ٿو ٻي پي ٽٻي ۽ تري تري!

Gul Hayat Institute

( 2 )

لمارو ڏيئي وهاريم صنم کي هنج ڪري،
الاهي کهڙو ڪيم خدا کي رنج ڪري.

خدا جي رنج ٿيو آ خدا غفور رحيم،
مگر مان ڪيئن ڇڏيان ههڙو وقت هنج ڪري.

نمونو يار جو ڇاتسم محبو خير ٿيو،
جو پيار يار جو آيو لباس رنج ڪري.

مان ڪاٿي ڪاٿي چميون ڏيئي ڏيئي مست ٿيس،
زهي شڪر جا رهي ٿي صنم ۾ گنج ڪري.

هي عيش ۽ هي خوشي يار سان هميشه هجي،
اسان جي عمر الاهي مثال پنج ڪري.

هي شعر شادي مڪواج اسان ڏي حيدر واهه
نصيب تنهن کي صنم خانهٔ سپنج ڪري.

Gul Hayat Institute

( 3 )

اي يار منهنجي خاطر هيڏي ته هڪ پهر آ،
دنيا ۾ تنهنجو منهنجو لحظي جي لئي گذر آ!

آخر ته موت ايندو گهوري جدائي وجهندو،
هن موت بيحيا جي ڏاڍي تکي تبر آ.

تنهنجي اسان غريبن تي چو نه ڪجهه نظر آ،
دل تنهنجي اي ستمگر فولاد يا پٿر آ.

مون تي نه رنج ڪر اي محبوب پنهنجي صدقي،
مون کان اگر خطا ٿي انسان خطا جو گهر آ.

راتيون وهاڻيون منهنجون تارا ڪتيون ڳڻيندي،
ٿيو بيشمار غم آ اونداهه ۾ سفر آ.

تنهنجي لبن جي ڪم ٿيو خون جگر خدا سان،
آتش اندر جگر آ ذارن ۾ چشم تر آ.

**حيدر** فقير گنج مهر و وفا رکي ٿو،
افسوس نذر ان جو خالي ز سيم و زر آ.

Gul Hayat Institute

(4)

دل جان دين ايمان سهڻي صنم تي صدقي،
سارو جهان تنهنجي هڪڙي قدم تي صدقي.

جانان جهان اندر دل ۾ مڪان جوڙيم،
هي جسم منهنجو سارو هن آشرم تي صدقي.

رشڪِ مسيح الفت سان هيءَ حياتي بخشي،
اهڙيءَ عطا تي قربان ههڙي ڪرم تي صدقي.

مون کي غلامي تنهنجي تي اصل کان عنايت،
الله جي اراديَ لوح ۽ قلم تي صدقي.

موچارو موت تنهن جو جو مري ٿو جستجو ۾،
جو ڪري ٿو عيش عشرت درد ۽ الم تي صدقي.

اڄ مدرسه ۾ اهل هو طلبا ۽ عالمن ۾،
ڪيا پئي جهان صنم تي حيدر قسم تي صدقي.

Gul Hayat Institute

# نظم

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# درياهہ شاهہ

1ـ ايـا سنڌ جـا ساهہ فضل الله،
ايا هند جا حسن زيور ۽ جاهہ،
ايا فخر دنيا خـدا جي نـگاهہ،
تونگر ۽ مسڪين جي پشت ۽ پناهہ!
توئي ابر رحمت، توئي رنگ شفقت،
سندم جان تو ۾، ۽ ايمان تو ۾!
چوي تو کي دم دم محبت ۽ چاهہ،
پلي آئين جي آئين درياهہ شاهہ!

2ـ سنڌ پاڻ ساري جهان جو آ تخت،
جتي ميٺهن موتين سندو آهہ سخت،
وهي ٿو هتان هر هميشه جو بخت،
هي دنيا ۾ آهي بهشتي درخت:
جو چاهي لهي ٿو، ڪٿي پي رهي ٿو،
فرنگي ۽ هندي، جپاني ۽ سندي!
منجهان اهڙي سندر سخي بارگاهہ،
پلي آئين جي آئين درياهہ شاهہ!

Gul Hayat Institute

3ـ هتان پاڪ گنگا جو آغاز ٿئي،
۽ جمنا جو پيي ناز انداز ٿئي،
ٿي بنگال برهما سان دمساز ٿئي،
هتي ڪشف الله جو راز ٿئي:
زمين آسمان سان، عرب گلستان سان،
پيا هتڙي گڏجن، مخالف به سڏجن!
هتي فرق مشرق ۽ مغرب ۾ ناهہ،
پلي آئين جي آئين درياهہ شاهہ!

4ـ اڇين مانسرور مان ڪشمير ۾،
۽ باغ عدن واري تصوير ۾،
پرين تنهن کي خوشبوءِ اڪسير ۾،
مفرّح ڪٽي سنڌ لئي سير ۾،
ڏئين دل کي فرحت، ڏئين روح راحت،
۽ ڪيلاس پربت، منجهان شير شربت،
۽ گلزار گلشن جا آڻين اٿاهه!
ڀلي آئين جي آئين دريا شاهه!

5ـ ٽڪر ٽاڪي پهچين ٿو پنجاب ۾،
وجهي توکي پنجاب ٿو خواب ۾،
پرين ملڪ کي خواب ۾ آب ۾،
وجهين آب کي ڪين گرداب ۾،
ويون چاڙهيون لاهيون، نيون واهه واهيون،
ڇڏي گوڙ گمسان، هلين ٿو مزي سان!
اي روح روان صاحب عزّ و جاهه،
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه!

6ـ ٿي راوي اڇي تنهنجي ديدار تي،
۽ ستلج ۽ جهلم نمسڪار تي،
ٿين مست ٿيون تنهنجي للڪار تي،
ڪرن تنهنجي قدمن جي آڌار تي،
ٿين توتي قربان، فنا پنهنجي ڪن جان،
ڏين پاڻ پنهنجو، لهن وصل تنهنجو!
جو ميلو سمايل فنا اندر آهه!
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه!

Gul Hayat Institute

7- توُن داخل ٿئين سنڌ ۾ ٿو اخير،
جا آ عشق تنهنجي ۾ اصلاً اسير،
سحر وقت سنڌي اچي ٿي حقير،
ڪري تنهنجي پوڄا، مڃي توکي پير!
اي سنڌو سدائي، تون ڪر سنڌ سائي،
تون همنام سان رهه، وفا سان هميشه
جو سنڌو سوا سنڌ جي ڪجهه به ناهه،
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه!

8- ٿو آخر وڃي سمنڊ ۾ گم ٿئين،
ٿو ٽڪرن ۽ جبلن کان بي غم ٿئين،
۽ بي انت ساگر سان همدم ٿئين،
رموز خوديءَ ۾ ٿو محرم ٿئين!
ابد ذات تنهنجي، همه بات تنهنجي،
تون هر شيءِ جو مايو، سنڌ سڀ تي سايو!
تر ۽ خشڪ کي بخشين نئون رنگ ۽ ساهه!
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه!

9- هو اوّل ۾ تنهنجو سمندر ۾ گهر،
تپش عشق جي پر ڪرائي سفر،
گهمئين ملڪ سهڻين ڏٺئي شهر بر،
هماليه تي ورتي تو شڪلِ گهر!
ٿيو پاڻي گوهر، پيو سمنڊ اندر،
سمندر مان چائين، وري تنهن ۾ آئين،
هي دنيا آ چرخي سندي چاڙهه لاهه!
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه!

Gul Hayat Institute

10– ٿي ساوڻ ۾ توکي بهاري ٿئي،
بهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي،
ٿي ساريءَ سان ڌرتي به ڪاري ٿئي،
ٿي هر ڪا زمين برڪ واري ٿئي.
ٻنيون ريج ڪائن، سگهو اَنُ اُپائن،
ڀرن واھ ريلا، ڪري جهنگ ٻيلا.
ٿئي جهنگ جهر پاڙي ٿو چار ماھ،
ڀلي آئين جي آئين درياھ شاھ!

11– دمِ عيسيٰ ڦوڪين ٿو هر واھ ۾،
ڪسي سڪا سهڪي پئي چاھ ۾،
ڪڍس آب حيوان اچي گاھ ۾،
قدم خضر جو آھ هر راھ ۾،
ٿئي جهنگ گلشن، ٿئي باغ روشن،
ٿي هر ٻوٽي ٻهڪي! پکي تنهن تي چهڪي!
ڏُتاري ٿو اکين کي هر گاھ گاھ!
ڀلي آئين جي آئين درياھ شاھ!

12– خوشيءَ ۾ نه ماپين ٿو اونهاري ۾،
پُڄي تنهنجو پاڪر ڪڇي ساري ۾،
ڪرين تنگ ٿو بند ڪي گهاري ۾،
اچي شل نه ڪو گهاري لهواري ۾،
ٿئي بحر بر مان! مڃي تنهنجو فرمان،
سڄڻ پوکون سايون، ٿين غرق جايون!
ڏون بيحد خوشيءَ مان ماڻهن تي ڪاھ!
ڀلي آئين جي آئين درياھ شاھ!

Gul Hayat Institute

18ـ ڀلا ٻيڙي تنهنجي ڇُهي آسمان!
چڙهن مٿس حيدر مثل آس مان!
هي سچ نوح جي ڪشتي جي آ سمان!
جنهين جي سڙهن آ ڇٽيو آسمان،
ڀلا اوج تنهنجي! ڀلا موج تنهنجي!
عجب تنهنجون ڇوليون! ڏين وهم جو لوليون!
هي لوليون ٿيون ٻوليون ڪري نين ساهم!
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهم!

Gul Hayat Institute

# شڪوه

هيچ اڪسير بتاثير محبت نرسد
ڪفر آوردم و در عشق تو ايمان ڪردم.
— عرفي

مون کي افسوس ٿو الله جهڙي حالت تي اچي،
مون کي حيراني ٿي انسان جي حماقت تي اچي،
مون کي ڪل ٿي گهٽي حڪمت جي جهالت تي اچي،
مون کي ٿو شرم گهڻو منهنجي صداقت تي اچي.
مون کي ٿي خوف ۾ ماري هي نزاڪت منهنجي،
ليڪن تنقيد ٿي آهي رهي عادت منهنجي.

ناءُ مشهور جهان ۾ آهي انسان منهنجو،
ساري قدرت جي مٿان ٿو هلي فرمان منهنجو،
هي جهان آهه فقط ساز ۽ سامان منهنجو،
يا خُدا ياد آ توکي به ڪو احسان منهنجو.
سير هر جا جو اسان توکي ڪرايو دلبر،
عرش جو توکي ادب سان ڏنوسين منظر.

ڪو زمانو هو جڏهن تنهنجو جهان پڻ نه هُيو،
تنهنجو نالو به نه هو تنهنجو نشان پڻ نه هُيو،
تنهنجي تسبيح نه هُئي تنهنجو بيان پڻ نه هُيو،
ڪو ستارو نه هُيو ڪو حيوان پڻ نه هُيو.
ذات تنهنجي هئي تنهن وقت فقط ذات ۾ غرق،
آب حيوان هو انهيءَ وقت ۾ ظلمات ۾ غرق.

تنهن حڪمت نه ُهئي تو ۾ جهالت نه ُهئي،
ڇا تي قادر تون ُهئين ڪاٿي به قدرت نه ُهئي،
تو ۾ جذبو نه هو جنبش نه هئي حرڪت نه ُهئي،
قهر ۽ رحم نه هو تن جي ضرورت نه ُهئي،
تنهنجو هو عشق عدم سان پيو معشوق نه هو،
تون نه خالق ُهئين تنهن وقت ڪو مخلوق نه هو.

تنهنجو انجام نه آ تنهنجو ڪو آغاز نه آ،
توکي گهربار نه آ ساز نه آ ناز نه آ،
تنهنجو ڪو خويش نه آ تنهنجو ڪو دمساز نه آ،
تنهنجو ڪچ رنگ نه تنهنجو ڪچ آواز نه آ.
تو ازل کان جو عدم ساڻ رفاقت پاتي،
اهڙين اهڙين صفتن ساڻ تو زينت پاتي.

توکي عاجز ڪيو اڪيلائي ڇڏيئي نيٺ عدم،
تو ڪيا تنهنجي شڪم مان لکها پار پدم،
"ڪُن فَڪان" ڪي زِ دل آئي ۽ رسايو تو بدم،
هي جهان ناهي ڪنهنئي نيٺ ترقيءَ تي قدم.
تو جهان ناهيو ۽ تنهن ۾ تو ڪيو اهڙو ڪمال،
جو انهيءَ جو نه ڪنهين کي هو ڪڏهن خواب و خيال.

تو فلڪ ناهيو ۽ دنيا جو نگهبان ڪيو،
بي عدد رنگن ۽ ُروپن سان پريشان ڪيو،
حُسن ۽ خوبي سان هزارن کي تو مستان ڪيو،
حيرت انگيز جهان ناهي تو حيران ڪيو.
انهيءَ حيراني فلڪ کي آهي گردش ۾ وڌو،
ساري ڌرتيءَ کي انهيءَ حيرت آ لرزش ۾ وڌو.

Gul Hayat Institute

هر زمان ساڻ بيگمان آهه ٿي صحبت تنهنجي،
هر مڪان ۾ آ عيان شان ۽ ڪرامت تنهنجي،
هر زبان ۾ آ بيان تنهنجو ۽ مدحت تنهنجي،
غرض هر شيءِ کي وڪوڙي وئي وحدت تنهنجي.
تو ڪيو حضرت انسان جي دل گهر پنهنجو،
ساري قدرت ۾ ڇڏيو کولي تو دفتر پنهنجو.

تنهنجي دفتر جا سڀئي ورق ڪنهين ڪين پڙهيا،
ڪنهين ڪارا ڏڪنهين اڇا ڪنهين رنگين پڙهيا،
ڪي سڪيا ڪفر هتان ۽ ڪي هتان دين پڙهيا،
ڪن فقط تن مان محبت جا مضامين پڙهيا.
جيڪو جنهن ورق ڏنو تنهن ۾ اهو غرق ٿيو،
عمر پوري ٿي وئي پورو نه هڪ ورق ٿيو.

تنهنجي خاطر ۾ ڪنهين ڪعبه کي تعمير ڪيو،
تنهنجي نالي ڪنهين جبل کي ٻي تصوير ڪيو،
نالي تنهنجي کي فلڪ تي ڪنهين تحرير ڪيو،
بحر ۾ بر ۾ سنڌ ء نالي کي تقرير ڪيو.
ڪن جي دل تنهنجي ئي تسبيح ڪان خوشنود رهي،
تنهنجي تقديس فقط منزل مقصود رهي.

ليڪ مغرور ٿئين پنهنجو ڏسي هيڏو جهان،
هيڏي تعريف ٻڌي تو ۾ تڪبر ٿيو عيان،
جلد ظاهر ٿي ويا تو ۾ تنزل جا نشان،
هر ڪمالي را زوالي سڄ ٿيو صاف بيان.
تون به مخلوق مثل ٿي وئين رب اڪبر،
تو تي ٿيو نيٺ ته مخلوق جي صحبت جو اثر.

Gul Hayat Institute

ڪن کي تو پيار ڪيو ڪن سان تو تڪرار ڪيو،
ڪن کي جنت بخشي ڪن کي تو لاچار ڪيو،
ڪن کي صياد ڪيو ڪن کي گرفتار ڪيو،
خون ڪن جي سان سمونڊن کي تو سرشار ڪيو.
ڪن کي دولت بخشي ڪن کي نبوت بخشي،
ڪن تي ڪيئي فضل عطا، ڪن کي مصيبت بخشي.

هي دورنگي نہ چڱي هن وڏو نقصان ڪيو،
تنهنجي مخلوق کي هن سخت پريشان ڪيو،
هن دماغن کي خيالات ۾ غلطان ڪيو،
جن سڳهو توسان صفا جنگ جو اعلان ڪيو.
تنهنجي لشڪر کي وڏي هار پنهان آئي،
پنهنجي لشڪر جي حمايت تي نہ سرڪار آئي.

سلسلي تنهنجي ۾ بس گوڙ ڪرايو انسان،
سج ٻبهاري ۽ ڌرتيءَ کي هلايو انسان،
۽ ستارن کي زمين کان ٻہ وڌايو انسان،
معجزه تنهنجي کي مٽيءَ ۾ ملايو انسان.
جنهن فلڪ کي تو خدائيءَ جو نگهبان ڪيو،
خود انهيءَ کي ٻہ صفا ناس آ انسان ڪيو.

Gul Hayat Institute

تنهنجي لشڪر کي بشر آخري مغلوب ڪيو،
ذات انسان گهڻو پاڻ کي محبوب ڪيو،
طالبي مان وڌي ان پاڻ کي مطلوب ڪيو،
علم سان ۽ هنر سان جهان خوب ڪيو.
ساري دنيا ۾ پئي ڪاهي بغاوت آخر،
هر ڪنهين کي هئي زبان ۾ هي شڪايت آخر:

ڪاڏي آدم ڪٿي جبريل معليٰ تنهنجو،
ڪاڏي آ تختِ سليمان يدِ بيضا تنهنجو،
ڪاڏي آ نوح نجي ڪاٿي مسيحا تنهنجو،
ڪاڏي آ تنهنجو خليل ۽ ڪٿي شيدا تنهنجو؟
چؤ ته اڄ ڪهڙي ولايت ۾ قيام آهه سندن،
چؤ ته اڄ ڪنهن جي اڳيان ڪارو ڪلام آهه سندن؟

”آندو آدم تو ڪٿان آيو آ ابليس ڪٿان،
آئي انڪار جي ابليس کي چؤ ريس ڪٿان،
آهي ابليس پرائي ها تدريس ڪٿان،
چؤ ته آدم سکي آيو سندءِ تقديس ڪٿان؟
تون جي آدم جو خدا ڪير آ شيطان جو خدا،
ڪير ڪافر جو خدا، تون جي مسلمان جو خدا؟

”چؤ ته آدم کي عنايت ٿي آ جنت ڪنهن کان،
آهي شيطان کي ملي هيتري مهلت ڪنهن کان،
جي هدايت آهه تو کان ته ضلالت ڪنهن کان،
هيڏي دنيا ۾ عداوت ۽ تفاوت ڪنهن کان؟
ڪير آ ڪير آ، آخر ۾، سبب هر جو سبب،
تنهنجي هوندي يا خدا ڪنهن کي ڏجي هيڙو لقب!

”ڪن کي ٿو مرض ڏئين ڪن کي شفاعت پنهنجي،
ڪن کي ٿو حُسن ڏئين ڪن کي قباحت پنهنجي،
ٿو ڪرين بُخل عيان ڪڏهن سخاوت پنهنجي،
ڪهڙي منهن ساڻ ٿو ڏيکارين عدالت پنهنجي؟
جيڪڏهن هي آ عدالت ته جفا چاهه پُڌاءِ،
سمجهه هيڙي کان زياده ٿي خطا چاهه پُڌاءِ؟

Gul Hayat Institute

”مار پيدا به ڪرين مار جو ارشاد ڪرين،
عيد تي مڪي ٿو گهيٽن لئي بغداد ڪرين،
ڪجهه نه ٿو غور انهن جي ٻڌي فرياد ڪرين،
ڪهڙا هي ظلم ستم جور ٿو ايجاد ڪرين؟
ڪجه حيا ڏار، حيا ڪر تون غريبن تي خدا،
ظلم جي پاڙ نه آهي ايا دانا بينا!

”تون غريبن جي مٿان اڇلين ٿو طاعون و وبا،
در بدر تن کي رُلائين ٿو پنائين ٿو جدا،
ڪهڙي ڪهڙي ٿو ضعيفن جي مٿان آڻين بلا،
خوفناڪ آهين تون ڪهڙو نه اي قهار خدا.
پنهنجي ٻچڙن جي مٿان تون ئي ٿو ڪاوڙ هارين،
پنهنجي ٻچڙن کي فقط تون ئي ٿو ناهي مارين!

”جيڪڏهن تُنهنجو جهان سارو گلستان ٿئي ها،
هر جڳهه عيش ۽ عشرت سندو سامان ٿئي ها،
جي سدا صلح و امان حصهٔ انسان ٿئي ها،
تنهن جي الله پُٽي ۾ ڪهڙو نقصان ٿئي ها!
ذات تنهنجي به خوش ۽ مان به خوش ۽ هو ٻيي خوش،
باغبان خوش دل بلبل به خوش ۽ بو ٻيي خوش!“

هي ڳالهئون ٻڌي الله گهڻو ٿيو غمگين،
اهڙو غمگين جو رسي ويئو وڃي عرش برين،
بي حيائي ڏسي ماڻهن جي ٿيو پرده نشين،
موڪليائين فقط آواز اهو طرف زمين:
”مون کي جيئين ٿو وڻي تيئن ٿو ڪريان فرمان،
ٻل مٿو پنهن جو کپائي پيو نادان انسان.“

مولويءَ ڪي اهو ارشاد جڏهن گوش ٿيو،
ڏاڍو غمگين ٿيو ويچارو ۽ مدهوش ٿيو،
پيئي تسبيح ڪري سجده فراموش ٿيو،
جلد تنهن کي به بغاوت جو اچي جوش ٿيو.
سيني هن جي مان هي فرياد ۽ هي آه آئي:
”توکي غيرت نه جهان ۾ ڪڏهن الله آئي.

”يا خداوند ڪرج عقده ڪشائي پنهنجي،
ڇو آهي رعب ۽ عزت تو گهٽائي پنهن جي،
تون ڇڏي ننڊ ڪي ڏيکار وڏائي پنهن جي،
مون کي آ خوف وڃائين نه خدائي پنهن جي.
ڪٿي آ تنهن جي ڪرامت ۽ ڪٿي تنهن جو قدر،
ڇا ٿيو توکي به مولا هي ٻڍاپڻ جو اثر؟

”تنهن جا ڪافر ٿا مزا ڪن ته غيرت ڏيکار،
تنهن جا طالب ٿا سهن درد محبت ڏيکار،
تنهن جا سالڪ ٿا مرن اُڃ ۾ رحمت ڏيکار،
دوستي دشمني پنهنجيءَ تفاوت ڏيکار.
چو طرف کان ٿا چون يا خدا صدها ماڻهو،
اهڙي الله کان ايئين ڪي چڱو آ ماڻهو!

”ڇوُ ته تو رب لهي ٻيو ڪير يتيمن جي نگاهه،
ٻين ڪي الله جي ٻانهن جي آ ڪهڙي پرواهه،
هوڏانهن هيڏانهن ڦري آهيون ٿيا بيرهه بنواهه،
چوطرف نيٺ اچي سامهون ٿي تنهن جي درگاهه!
ڇو ته پئي ڪهڙي خدا وٽ وڃون فرياد ڪٿي،
پنهن جي ٻانهن ڪي خدا ڪري ڪوئي ارشاد ڪٿي.“

Gul Hayat Institute

يا خدا توں آهين خالق ڪ مان خالق تنهن جو،
يا فقط شاهد حق مظهر ناطق تنهن جو،
مون سان ڇا رشتو آهي خالق مطاق تنهن جو،
فڪر هن ۾ ٿو ڳري ۽ مري عاشق تنهن جو،
پاڻ ڪي مان ڇا چوان ۽ توکي ڇا دوست چوان،
ڇا همہ نيست چوان مان يا همہ اوست چوان؟

اي جنهين مون کي حياتي ڪئي عطا ۽ دل و جان،
اي جنهين مون کي عطا ڪيو فهم و گمان،
اي دل و جان جهان حاڪم بي چون و چنان،
منهن جي گستاخي مٿان خشم نہ ڪر اي رحمان!
مون هميشه کان پري آهہ سلامي تنهن جي،
مون ازل کان هي قبولي آ غلامي تنهن جي!

منهن جي شڪوه مان عيان آهہ لياقت منهن جي،
ضعف منهن جو، جهل منهن جو ۽ حماقت منهن جي،
يا خدا ڏاڍي بُري آهہ ٿي حالت منهن جي،
جا بجا جاري گلا آهہ نهايت منهن جي،
جي گلا منهن جي ٿي مولا تہ گلا ڪنهن جي ٿي،
جي ثنا منهن جي ٿي سائين تہ ثنا ڪنهن جي ٿي؟

تنهن جي ماڻهن سان محبت آهي مذهب منهن جو،
تن جي تفريح ۽ خدمت آهي مطلب منهن جو،
حيرت انگيز جهان تنهنجو آ مڪتب منهن جو،
تو جهڙي رب جي پيداش آ منصب منهن جو.
جهڙو ڏي آهيان تهڙوئي مان تنهن جو الله!
ڪنهن نہ حيدر کي جهان ۾ ڪيو پنهن جو والله!

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# متفرق

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# مناجات

(درحق عمرالدين)

ٿا گهرون گذجي دعا پاڪ جي ساراهہ ڪري،
سايہ لطف و لطف تو مثان الله ڪري!

اي برادر رهي شل تو سان سدا فتح قريب،
توکي رب شاد رکي تنهنجو سکي ساهہ ڪري!

مرحبا بخت سنڌ کي ۽ مبارڪ توکي،
بخت تنهنجو پلي آغاز نؤ ماهہ ڪري.

تو وچايو آهي نعرو هتي اي سنڌي هاڻ،
ڪاميابي ڏسي انگلنڊ توکي وهہ واهہ ڪري.

آهي اميد وري ايندين پڙهي خط ۽ ڪتاب،
شوڪت ۽ چاهہ سان علم و دل درياهہ ڪري.

تون چڙدي ٿو وڃين سيني کي اڪيلو انگلنڊ،
ٿا ڪريون توکي روانو خدا همراهہ ڪري!

Gul Hayat Institute

# مثنوي

نڙ کي ٻڌ ڪئين هو حڪايت ٿو ڪري،
۽ جدائن کان شڪايت ٿو ڪري.

مون کي جڏھانڪر وڍيو ٻوڙن مان ٿـَن،
مرد ۽ زالون منهنجي دانهن کان رُئن.

اصل پنهنجي کان ٿئي جيڪو پري،
وصل جي لئي ٿو وري هردم مري.

سينو چاهيان هجر ۾ ٽڪر ٽڪر،
عشق جي دردن جي تان ڪريان خبر.

هر جماعت ۾ رُئان جئن عندليب،
ڪاٿي خوش ماڻهو ملن ڪٿ بدنصيب.

هرڪو پنهنجي راءِ موجب يار ٿيو،
دل جو دل اندر مگر اسرار ٿيو.

دانهن منهنجيءَ کان سندم ڳجھ دور ناهه،
ليڪ اک ۽ ڪَنّ کي سو نور ناهه.

جان کان تَنُ تَنَ کان جان پنهان نه آهه،
پر لقائي جان جو فرمان نه آهه.

Gul Hayat Institute

آهه نڙ جي واءُ نه، باهه آهه،
جنهن کي هي آتش نه، آهي ناهه آهه.

باهه عشقي آهه جا نڙ ۾ اچي،
جوش عشقي آهه جنهن کان مئي پچي.

نڙ جي سنگت آهه وڇڙيل ساڻ ٺيڪ،
نڙ جي چيڪن کان پيو اندر ۾ چيڪ.

زهـــر ۽ تـــرياق نـــڙ جان ڪنهن ڏنو،
يـــار ۽ مشتاق نـــڙ جـــان ڪنهن ڏنو.

نـــڙ ڏکن سورن جون ڳالهيون ٿو ڪري،
مجنون ڪئن ليليٰ جـــي الـفت ۾ مري.

حق اسان کـــي بخشيا نـڙ جانءِ ۽ وات،
هڪ ڪـــري ظاهر ۾ ٻيو بـــاطن ۾ بات.

تـــون ٻڌين هڪ وات جـــي رڙ ۽ فغان،
ٻـو هـــوا ٻئي جـــي ٻئي منجهه آسمان.

Gul Hayat Institute

# قنبر

شاهه و گدا ڪري ٿو تنهنجو سلام قنبر،
رحمت وسي ٿي تو تي هر صبح شام قنبر.

هر طرف ڪان تلائن لاتي آهي بهاري،
آب حيات پيئن ٿا خاص عام قنبر.

هرهڪ تلاءُ بيشڪ آئينه هو بهو آ،
آهي ڪيو سڪندر شايد قيام قنبر.

ڪهڙا نمڪ پريا هن قنبر جا آدمي سڀ،
پاڻي نمڪ پريو ٿا پيئن مدام قنبر.

پائن سفيد ڪپڙا چهرا هميشه چهرا،
ڪهڙو ڪلر جو آهي تاثير نام قنبر.

بي نون نه سمجهو قنبر آهي اُو مشڪ ۽ عنبر،
خوشبو ۾ تازه تر آ هرهڪ مشام قنبر.

سگداسي سندي سنهڙا چانديءَ مثل ٿا چلڪن،
هيڪار ۾ معطّر ڪن ٿا تمام قنبر.

منڙيون پيڻ جو ڏوڏيون بهه بيشمار آهن،
ڪائن وڏا نانديا ٿا سڀ عام جام قنبر.

اعليٰ دماغ ماڻهن لئي خوب هي جڳهه آهه،
آهي بدل دڙي تي عالي مقام قنبر.

ڪهڙا حسين ماڻهو قمبر جي شهر ۾ رهن،
حق تي ڪيو سَتون آ بيت الحرام قنبر.

Gul Hayat Institute

ماڻهن جو آهه وس ڇا – آهن پڪي پريشان،
ڪاٿان پڪين کي آڻي ماري ٿو دام قنبر.

آڙيون بدڪ ۽ ڪرڙا هر هر مٿان وڃن ٿا،
گهورن ٿا جان پنهنجي هر هر بنام قنبر.

ڏيندين ۾ ڪائي ڪائـــي ڪان ٿلها ٿين ٿـــا،
آخر ڪري ٿو تن کي پنهنجو طعام قنبر.

حيدر جـــو ٿي سپاهي قنبر ٿيو شهنشه،
اي دل حياتي ساري ٿي رهه غلام قنبر!

Gul Hayat Institute

# همہ اوست

( 1 )

عجب اسرار يا مولا رکيو تو نحنُ اقرب ۾،
ٿئين هر شيءِ سان شامل گم ٿئين هر دين مذهب ۾.

مڪان تنهنجو نہ ڪٿ آهي مگر هر جاءِ حق موجود،
توئي ڪاشيءَ ۾ گنگا ۾ توئي مڪي ۾ يثرب ۾.

زبان منصور جيءَ ۾ جاءِ ڪيئي مُلّن جي دل خوش ڪيئي،
ڪيو ڪن کي تو سرگردان منجهائيئي ڪن کي مطلب ۾.

ڪنئي ڪنعان چئي يا نوح انہ ليسَ مِن اهلِڪَ،
مگر آخر ۾ اوّل تنهن سان گڏ هنئين وقت آرڪب ۾.

ڏنئي منهن غيب اندر لن تراني چئي تجلي سان،
وڌءِ موسيٰ ڪليم الله کي توبہ ۾ تائب ۾.

زمين ڪربلا تنهنجي نظر کان خوب واقف آهہ،
ڏسي مقتل حبيبن جو ٿئين اهل مصائب ۾.

عجب هِن رنگ رنگي تنهنجا سبحان الذي اسريٰ،
ڪرائيئي ڪاڻ احمد کي الاهي سير هڪ شب ۾.

Gul Hayat Institute

يهودا کي مسيحا ڪيئي وڌين ويجهو يهودن جي،
توفّي چئي وري هُن کي ڪيئي اعلي مراتب ۾.

ڪيئي قالوا بليٰ جي قيد ۾ قابو قرابت سان،
جڏهن داخل ٿئين تون چئي نفخت انسان جي قالب ۾.

توئي مسجد تڪاڻي ۾ توئي گبرن جي ٽاڻي ۾،
توئي ميخاني رندن جي تون واعظ ۾ تون مطرب ۾.

ٿئين اسرار ۾ اسرار آ الانسان سرّي چئي،
ٿئين اثبات نفي اندر ٿئين اظهار غائب ۾.

ڪڏهن دشمن جو حامي ٿئين ڪڏهن پيارن جو حامي ٿئين،
ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي طرف مغلوب و غالب ۾.

ڏسي ٿنهنجا عجائب رستا ٿيا عالم سڀيئي غرق،
سندءِ توحيد ۾ تسبيح ۾ حمد ءِ تعجب ۾.

هوالاول هُوالاخر هُوالباطن هوالظاهر،
اهوئي آسمان ۾ ارض ۾ مشرق ۾ مغرب ۾.

فنا في الله جا پڙهه ڪي سبق حيدر ۾ غافل ٿي،
ضرورت ڪهڙي توکي قيد ڪيو آ درس مڪتب ۾.

Gul Hayat Institute

# همہ اوست

( 2 )

هر شيءِ ۾ حسن تنهنجو يا رب نظر اچي ٿو،
انڊين اکين جي آڏو پردو مگر اچي ٿو.

ڳولا ۾ تنهنجي يا رب ٿيو عقل ۽ وهم عاجز،
هڪ بي خبر گهمي ٿو - پيو موتي گهر اچي ٿو.

تون هئين ازل کان اڳهون - تنهنجي ابد تي منزل،
ٿي وقت توکان حيران بي پا و سر اچي ٿو.

ڪاشيءَ ظهور تنهنجو ڪعبي ۾ نور تنهنجو،
والله سامهون سڀ ڪنهن کي تنهنجو در اچي ٿو.

گلشن ۾ حسن تنهنجو - بلبل کي تنهنجو سودا،
جنهن جي زبان مان دم دم لعل ۽ گُهر اچي ٿو.

تنهنجو وجود هر شي - تنهنجو مڪان هر جا،
تون مايہ جنهن مان هر شي جِنّ و بشر اچي ٿو،

چاهين خبر نہ آهي - چاهين خبر بہ آهي،
تنهنجي خبر جي اندر مون کي چڪر اچي ٿو.

تحقيق هڪڙو انسان پڻ ٿي لاءِ آرسي آهہ،
هر ڪنهن کي عڪس پنهنجو سوٽي نظر اچي ٿو.

حيدر جي دل ۾ سارو عالم سمائجي ٿو،
جڏهن جو تنهنجي اڳيان دلبر نظر اچي ٿو.

# فاني زمانو

هر ڪنهن کي هلڻو آهه هي فاني وطن ڇڏي،
پيارا عزيز دوست ۽ گلشن چمن ڇڏي!

هن تختهٔ زمين کي هزارين وڃڻ ڇڏي،
هرڪو وڃائي وارو وڃي انجمن ڇڏي.

جڏهن تو روح پاڪ معطر بدن ڇڏي،
دنيا ۾ تنهن کي ڪونه گهڙي هڪڙي ڪن ڇڏي.

داخل هميشه لاءِ ٿئي خاڪ ۾ بدن،
ڪيڙن سان همنشين ٿئي اهلِ وطن ڇڏي.

باقي خدا جي ذات ٻيو سڀ فنا،
هر چيز اڄ سڀاڻي هي حسن ۽ سخن ڇڏي.

جمشيد ڪاخ مان ويو ڪڏي خاڪ ۾ سرير،
جاهه ۽ جلال کي ڇڏي رنگي جمن ڇڏي.

چلپل جو چرچو آهه جهان چار ڏينهن بس،
هر ڪو عدم ۾ ٿو ٿئي داخل جشن ڇڏي.

ليڪن ڏسو هي ناز ۽ نخرو پوڙهي زال جون،
ٻيهي پري سون کي ڏکيو ٿي ڇڪن ڇڏي.

Gul Hayat Institute

هن جو وصال آڻي پشيماني بوءِ بد،
راحت خوشي ۽ شڪر کي روح ۽ بدن ڇڏي.

حاصل ڪري منال ٿو البته گهري جو مال،
افسوس موت سان فقط هي محن ڇڏي.

حيدر تون ڪر سفر جي پهر جيئين شاد دل،
گهائي غزل ٿي خوش هي ڏکن جا سخن ڇڏي.

# ٻہ پاتا

مون عجب پوڙهو ڏٺو اوچتو اڄ وقت سحر،
تي ڪيائين هڪ عورت سان هيئين دل خوش تر.
”تنهن جي زلفن ڪيو مست مُنکي،
ويو هوش جان سڙي ٿو جگر.
ليليٰ تون ۽ مجنون مان،
ميلو ڪرايو رب اڪبر.

مون کي خدا سان جوان ڪيو عشق،
تون پي اچين ٿي جوان وهم نظر.“
چيو عورت ”چاچا ٿو چئين بيچڙا،
تون پال منهنجا ويچارا ڪر.

ات بيهہ تہ تنهنجي ڏاڙهي تہ ڏسان،
سارين گهگهٽين ۾ هلايان خبر.“
چيو پوڙهي: ”خدا سان نہ ڪريان اهل،
مان ماءُ پيٽان ٿيس پاتو پتر.“

منهن پوڙهي جو ٿيو پيلو ۽ ڏاڙهي تي ڏکيس،
تي چيائين ”توبه! توبه!“ هر هر.
چيو عورت: ”خدا جا صد بار شڪر،
مون جان جهان ۾ سوين رهن بشر.

مان پي تنهن جان پاتي پير،
تون پي مان جان گنگو چير.“

# حڪايت

اوڏ هڪڙي لعل ڪنهن ڀِٽ مان لڌو،
تنهن کي هن گڏهه جي ڳچيءَ ۾ ٻڌو.

جان ڏٺو ان لعل کي گوهر فروش،
پيو تعجب ۾ ڏسي اهڙو گهَر.

اوڏ کان پڇياءِ قيمت لعل جي،
جنهن چيو لائق ڏسي بخشيش ڪر.

چار پئسا جوهريءَ ڪيا هٿان،
خوش ٿي ورتائين گهَر ٿي ڪيئين گذر.

او چتو ليڪن هي دُرّ بي بها،
پيو ڪري اُن جي هٿان ٿيو ٿي ٽڪر!

وائڙو ٿي جوهري واڪو ڪيو،
لعل توکي حيف آهي سربسر.

کهڙو گڏهه جي ڳچيءَ ۾ هوءِ مان،
مون کي تون هئين ساهه کان محبوب تر.

لعل جي پڙزن مان هي آواز ٿيو،
توکي هي چيا ٿي ويو اي بدسيَر.

چار پئسا تو ڪئي منهنجي بها،
منهنجي قيمت تي نه ڪئي تو ڪُجھ نظر.

شرم ۽ افسوس تو تي جوهري،
هُو ته ويچارو هو مون کان بي خبر.

دم به تو بي قدر وٽ چاتم گناهه،
بس انهي غيرت ۾ ٿي پيس ٿي ٽڪر.

Gul Hayat Institute

# قصيدو

## (يادگار مسوري)

غلط خيال هي ماڻهن جو نيٺ مان سمجهو،
الا مون پاڻ تي بي پايہ آسمان سمجهو۔

اچو مسوريءَ ۾ آسمان جا پايہ ڏسو،
هماليہ نہ چئو تنهن بي گمان سمجهو،

ٽڪر ٽڪر سان ٿو ٽڪري جبل جي جنگ ڏسو،
فقط گهڙيءَ لئي هر ٽڪرو پهلوان سمجهو۔

ٿو هو قمر کي اُڏائي، هو آفتاب کٽي،
هو آهہ محمل پروين هو سدره دان سمجهو۔

عجيب جادو ٿو جبلن کي هٿ اُڏائي مٿي،
هي هڪڙو معجزو قدرت جو هٿ عيان سمجهو۔

هو ڪوهہ قاف جبل آهہ، هو ڪڪر نہ چئو،
قمر نہ چئو هو پري منجهہ پريستان سمجهو۔

هو ماهہ ڪڏهن لڪي ٿو ڪڏهن ٿو لاهي نقاب،
شهيد و شيئتہ تنهن تي سڄو جهان سمجهو۔

Gul Hayat Institute

هو ماهہ آهہ عزيزو ڪہ آ عروس فرنگ،
بطرف عيسيٰ گردون نشين روان سمجهو۔

ڏسو تہ نوڪون هماليہ ٿو ڪئن فلڪ کي هڻي،
هي مينهن ناهہ اهو خون آسمان سمجهو۔

هي خون سفيد ٿئي ٿو ڦري ٿو سبز ٿئي،
هي ڪيمياي حڪيم عزيز جان سمجهو۔

دُور کي هو ٿو زمرد ڪري ۾ لعل ڪري،
سڌس هٿن مٿي سيماب زر سمان سمجهو۔

ٽڪر ٽڪر تي ڪري ٿو شجر شجر ڦهڪو،
چمن چمن ڪي عزيزو جنان جنان سمجهو.

جتي ڪٿي ٿـــي وڃي سلسبيل ۽ تسنيم،
نـــ نهر سمجهو اها ڪوثر، روان سمجهو.

هي واهه جو آ سعادت ۽ برڪتن جي رات،
سڀن سعيد ســتــارن جو اڄ قِران سمجهو.

هي ميڻهن جو آ رڳو نالو ٿا نغارن وڄن،
هتي رهـيـو آهي وڏو رُهان سمجهو.

فلڪ سِڱن جي عوض ۾ آهي گُهـرَ افشان،
پکي پکي ڪي مسرت ۾ نغزخوان سمجهو.

هوا بهاري جي عيوض ٿـي وار سينگاري،
زمين جي سيني مٿان آرسـي عيان سمجهو.

ســتــارا جوش دعـا ۾ پڙهي پڙهي تسبيح،
وڃي مـراقـبـ اندر ٿـيـا نهان سمجهو.

ڏسو ته پردي جي هيڏي هتي حفاظت آهه،
شريف پـــارســا بيگم هي مسلمان سمجهو.

خبر اٿو ته ڪري ڪـيـر ٿو هتي پردو،
ڪـڪـر قريب جي ڪاري لباس سان سمجهو.

وليڪ ۽ لاهيون ۽ چاڙهيون ڏسي مسوريءَ جون،
فلڪ ٿو ٻاري ڪڏهن برقي شمعدان سمجهو.

وڻي مچايو آ ڏوُ ڏوُ جـو گوڙ بم گولن،
وڃي ٿو چـيـري هي آواز آسمان سمجهو.

گلن مٿي تـي بـڌو آ عمامه مشڪ انداز،
ڪلي ڪلي ٿا مبارڪ ڏيـــن دلان سمجهو.

بسر ٿي رات خوشيءَ ۾ ۽ نيٺ آيو صبوح،
ٿو جام جم سان اچي شمس درميان سمجهيو.

Gul Hayat Institute

شراب هاري ڪنهائين خراب ماڻهن کي،
وڃائي ويهي رهيا هوش ۽ ڌيان سمجهو.

فلڪ جو ماري سوَن ڪي سو آهه هٿ ماريل،
۽ ڪيس شيفتهٔ مرشدِ مغان سمجهو.

شراب هيٺرو هاريل آ شمس جي چوڌير،
فلڪ جا پير پُسي ٿيا رهن ارغوان سمجهو.

فضول خرچ جو نڪري ٿو هي نتيجو نيٺ،
گهڙيءَ ۾ ڪيس گدا انڌو ناتوان سمجهو.

پڌي ٿو چيلهه کي سندرو عصا اُنس هٿ ۾،
ڦري ٿو ساري فلڪ ۾ گهران گهران سمجهو.

مليس ڪجهه به نه ٿو خير ۾ شرابيءَ کي،
بکو ٿو سهڪي اُنس خشڪيءَ دهان سمجهو.

ٿو عاجزيءَ ۾ سڙي، ٿو ٻين کي پيي ساڙي،
سڙڻ ۾ تاب کان تنهنجو جگر ۽ هان سمجهو.

ٿو هيڏو تاب ڪري ۽ وڃائي آخر تاب،
جو ڏوسٽو هي سبق آفتاب کان سمجهو.

غرض اسان جو وڃي چا ٿو تنهن ۾ سچ پچ، هاڻ،
بيان شادي مبارڪ جا ڪي نوان سمجهو.

اُنن ٿي تحفا اچن ٿا نظر ڪريو هوڏي،
هو موتين سان ڀريل سارو ڪاروان سمجهو.

غريب اُنن کي وهي رهيو آ پگهر ڏاڍو،
کٽي پري کان اچن بار ٿا گران سمجهو.

اُنن تي کهل نه ڪئي آهه ڪجهه سخي بي رحم،
اُنهيءَ ۾ هن فقط پنهنجو شان مان سمجهو.

وڪوڙي ويو آهي سامان اُنن کي چوڌاري،
لڪي ويا غاشه ڀڳل پاڪڙا ڀلاڻ سمجهو.

Gul Hayat Institute

فقط ڪپهه ٽي ڏسڻ ۾ اچي مٿان تن جي،
جو مشڪ ۽ عطر مٿان ٿي وڃن زيان سمجهو.

هو شمس ناهه، هي ماڻهن جي آ غلط فهمي،
انهيءَ کي ڪارواڻ ساري جو ساربان سمجهو.

ٿو ڪاروان جي مٿان، ڪاروان اچي گويا،
هي اهل دولت و همت جو امتحان سمجهو.

مون ڪهڙا ڪهڙا عجائب ڏٺا مسوريءَ ۾،
بيان تن جي کان قاصر سندم زبان سمجهو.

هو آسمان جي اندر جهاز جنگي هن،
هوا ۾ خوب پريل تن جا بادبان سمجهو.

زمين تي جاڻي ته گردن ڪشي عيان سمجهو،
اتي جهاز منجهان بارش سنان سمجهو.

جهاز ڳاري ٿو سرڪش جبل جي چرپيءَ کي،
پڇي ٿو پرزا ڪري تنهن جا استخوان سمجهو.

جهاز پيا ٻه اچن ٿا سندس حمايت تي،
سپاهه جو پڌو آواز ۽ فغان سمجهو.

ڇٽي ٿي توب مٿان توب تير تي آ تير،
ڀيانڪ زلزلي اندر سڄو جهان سمجهو.

خدا پناهه اسان کي ڏئي ههڙي آفت کان،
جو ٿو وٺ آهه اسان فضل بيڪران سمجهو.

وساءِ مينهن مسوريءَ تي فضل ۽ رحمت جا،
اسان آ تنهن کي شرافت پريو مڪان سمجهو.

هتي رهن ٿا قمر صورت ۽ ملڪ سيرت،
گلاب مثل سندن طبع مهربان سمجهو.

گلاب جن ۾ سدا آهه خوشتري خوشبوءِ،
سحر ۽ شام فلڪ تن تي درفشان سمجهو.

Gul Hayat Institute

گلاب جن نہ ڏٺي آ خزان حياتيءَ ۾،
حيات جنهن ۾ فنا جو نہ ڪو نشان سمجهو.

نظر انهن تي فقط آ عبادتِ مخصوص،
۽ ڇهري تي جن کي مشهود اِنس و جان سمجهو.

هتي قيام ڪري ٿو سندم حبيب حليم،
هتي ئي منهنجي دل و جان جو آشيان سمجهو.

عجب نہ ڪاٿو ڪڏهن منهنجو جي هُو حامد آهہ،
مُنکي تہ هن جو هميشہ ڪان مدح خوان سمجهو.

ڪياءِ مون کي محبت مان پنهنجو محرمِ دل،
مُنکي ڪڏهہ بہ نہ ٿي دوست ميهمان سمجهو.

ڪياءِ غرق سچو هفتو مون کي احسان ۾،
مگر مان پهتس اچي سنڌ با امان سمجهو.

صبوح شام ٿي مون کي وٺي هليو پاهر،
اکين جي آڏو ڦري ٿو مڪان مڪان سمجهو.

عجائبات هزارين ٿي مون کي ڏيکاريئين،
مجبو ڇا مان لکان ۽ مان ڇا چوان سمجهو.

ذري ذري مان ڪيائين ٿي معنيءَ باريڪ،
دل ۽ دماغ سندس نيٺ بحر و ڪان سمجهو.

اثر ڪيو مون تي صحبت سان اهڙو نڪتہ شناس،
جو هاڻي مون کي بہ قدرت جو ترجمان سمجهو.

وٺي هليو مون کي هڪ شام طرف برف پهاڙ،
ڏسي مان رنگ گهڻو ڪجهہ خدا جو شان سمجهو.

خدا کي شوق آ رنگن جو آهہ هر رنگي،
۽ رنگ روپ هي پاهر حساب ڪان سمجهو.

هي آسمان ۽ ڌرتي، هي درسگاهِ عظيم،
ڪتاب حق جو فقط هڪڙو داستان سمجهو.

Gul Hayat Institute

بشر کي کهڙي آ قدرت جو شرح نقطه کري،
جو نقطه نقطه ۾ بي انتها بيان سمجهو.

مگر تصور قدرت ۾ آهه فرحت دل،
مگر کلام زبان راحت روان سمجهو.

هزار رنگ ٿو ڏيکاري آب بيرنگي،
اهائي حالت بيچون و بي چنان سمجهو.

پلک ۾ رنگ ٿهن ٿا پلک ۾ بيرنگي،
مثال کافي اهو دال ڪُن فيکان سمجهو.

جهان سڄو آهي قدرت جو هڪڙو رنگ خيال،
تماشگاهه جهان خوابگاهه جان سمجهو.

سبق اهي هي جبل خوب پئي پڙهيا آهن،
اڄ اوستاد ازل جا هو رازدان سمجهو.

سبق خير هنن پڙهيو آهه تقوي جو،
هنن کي شوق وضو سان صفائي سان سمجهو.

بدن انهن جي مٿان آ سدا سفيد لباس،
اگرچه رنگ سندن جان ۾ بيڪران سمجهو.

ڏسو هنن کي ادب سان قيام ۾ بيٺل،
مزو ۽ صحت انهن جي ادب منجهان سمجهو.

پڙهي پڪا ٿيا آهن هو درس خودداري،
تڏهن ٿي فيض آ جاري سندن هٿان سمجهو.

گُل کلهن تي کڻن ٿا هو باغ ۽ بُستان،
جو بيحساب ۽ بيحد هي بوستان سمجهو.

سندن مٿي تي ڏسو تاج ڪوهه نور هزار،
صبوح شام شهاني لباس سان سمجهو.

هلياسين هيٺ ڏسڻ طرف منبع گنگا،
ڏسڻ جو شوق گهڻو مون کي مهربان سمجهو.

Gul Hayat Institute

ڏنائين ٻُوٽيون ۽ گُل بيشمار رستي تي،
ٻُڌو نه هو مون سندن نام ۽ نشان سمجهو.

ڪي زهردار هيون ٻوٽيون ۽ ڪي نشيدار،
ڇهڻ انهن جو بدن لاءِ پُر زيان سمجهو.

بنفشه نازبو سنبل جو ڪو حساب نه هو،
گُلن ڦلن جي نموني ڪي بي بيان سمجهو.

هزار موتيه سوسن گلاب چنبيلي،
ڪروڙ لاله و ريحان ۽ زعفران سمجهو.

پَسي هُن جو پسارو لتاسين هيٺ ۽ هيٺ،
۽ نيٺ ڪا مٿي آئي اکين اڳيان سمجهو.

هي ڪا مٿي نه ڇٹو هي نياگرا سمجهو،
هي آبشار نه سمجهو هي شيردان سمجهو.

هي ڪاري جهنگ کي چيري ڪري آڏو آڏ ٿو،
هي آسمان معليٰ ۾ ڪهڪشان سمجهو.

غلط مون سمجهو تجليءِ طور شايد ناهه،
هُو نور لحظه هو هي نور جاودان سمجهو.

حصول حضرت موسيٰ کي هُت ٿي محرومي،
هتي ته جيڪو اچي شاد و ڪامران سمجهو.

اُتر طرف ڏي ڏسو نور وادي ايمن،
اها سفيدي ڪنهين جاءِ جي مٿان سمجهو.

بهشت کي ڇڏي هت آيو آهه هڪ طائوس،
سيئي بهشتي ڪرن ٿا وچان سمجهو.

بهشت شوق منجهان ٿي پيو آهي دوزخ،
پُر از تفڪر و تشويش باغبان سمجهو.

ڪري هي سير وري ساوٺ ووڏ آياسين،
جو خاص و عام وٽي فيض ٿو هتان سمجهو.

Gul Hayat Institute

مان بيخيال ٿيو ويٺو هوس اندهه رات،
ته سڏ حبيب مٺي جو مون ٻاهران سمجهو.

اڃان ته ڇا ڏسان ٻاهر ٿيو عقل چرخ سندم،
مون ڪجهه نه سمجهيو خوابِ ناگهان سمجهو.

مون ترڙتڪڙ ۾ ڇهيا عضوا پنهنجا هر هر ٿي،
مون ڇا مان ڇا ٿي ڏٺو ڇا ٿي ڇا منجهان سمجهو.

مگر ڪي جن ڪٺي آيا آسمان اندر،
مٿي ۽ هيٺ ستارا هوا عيان سمجهو.

پڙهي مون آيتِ ڪُرسي ڏٺو مون ذڪر تي زور،
فقط خدائي مددگار هت ٿي مان سمجهو.

هي حال منهنجو ڏسي دوست منهنجو هٿ ورتو،
ڪيائين مون کي خبردار خير سان سمجهو.

ڇيائين مون کي هو هيٺ آهه شهر دهرادون،
ستارا جيڪي ڇٺو ٿا سي شمعدان سمجهو.

هزار شڪر خدا جا ڪيا مون حيرت ۾،
مون پنهنجو ضعف ڏٺو حالِ ناتوان سمجهو.

ضرور آهه حقائق جو هاڻي ڪجهه اظهار،
لکان ٿو شعر نوان مان مگر اوهان سمجهو.

مسوري ۾ نه رهڻ جو آ حق غريبن کي،
هي خاص منزلِ حُڪام و خاندان سمجهو.

غريب نيچ ملازم رهي ٿا گذران ڪن،
ڪُلها انهن جا ڀلان پير نردبان سمجهو.

غريب پورهئي هٿن جي ۾ جانفشان سمجهو،
امير عيش ۽ عشرت ۾ شادمان سمجهو.

عجيب آهه هي تقسيم روزيءِ انسان،
سدا بهار ڪٿي ڪٿ سدا خزان سمجهو.

Gul Hayat Institute

هتي تيار ڪيو ويو هو دار منصوري،
مٿن هو گولي لڏو واهه هي مڪان سمجهو.

مسوري ڇئو هي مسوري آ دار منصوري،
جو دار هن ۾ رهن ٿا امير ۽ خان سمجهو.

مٿن جو نالو به دنيا ۾ ڪونه ظاهر آهه،
۽ شاهه وقت سان منصور همعنان سمجهو.

هتي رهن ٿا فرنگي سپاهه سو ۽ هزار،
ڏسڻ انهن جي ڪان دل منهنجي گلستان سمجهو.

هي ساري هند کي ٿا زير حڪم قابو ڪن،
هي پاسبان خدائي تي پاسبان سمجهو.

صبوح شام وڄن ٿا نغاره ۽ قرناءِ،
هي اهل هند جي همت جا شرح خوان سمجهو.

هي هند لاءِ ٿئي شال صور بي ثابت،
جو مرده زندهه ڦري ٿين ٻڌي اذان سمجهو.

گهمن ٿا گورا ۽ گوريون عجيب لهجي ۾،
انهن جا بازو ڪليل ۽ چڙيل عنان سمجهو.

هنن کي ساز تمدن جا هِن سڀئي موجود،
هو نيٺ هند جا حاڪم ۽ قهرمان سمجهو.

اڙر هنن جي تمدن جو واهه پڪڙي تو،
هنن جي راهه ۾ هندي ڇڳان سمجهو.

غرض مسوري جو سڀ حال رنگ شوق ڏسي،
نه هند سمجهو ولي انگليستان سمجهو.

ڀلا جو شام جو بازار مصر جي ٿي ڪُلي،
هزارها هتي دلگير ۽ دلستان سمجهو.

فقط نظر سان ملي ٿو ڪنهين کي باد آورد،
ڪنهين جي حضرتِ دل کي به رائگان سمجهو.

Gul Hayat Institute

حسين تير موافق ڪمان جان عاشق،
ملن ٿا ائين جيئن تير ۽ ڪمان سمجهو.

مزو اهو ئي ٿئي ٿو حصول الفت ۾،
اهو معاملو ايئين ئي آهه مان سمجهو.

اچي هزار ٿا ويهن ڪتاب گهر سامهون،
جي پيرسالہ هجن سي به نوجوان سمجهو.

گلي گلي ۾ ڦرن ٿا سوين پري پيڪر،
ارم ارم کان زيادھ دڪان سمجهو.

فروخت مرد پيا ڪن خريد جنس لطيف،
هميشه بار خريديءَ جو تن مٿان سمجهو.

چٽي سين ڪي ڏسي آفتاب ڪي م چئو،
بجاءِ باهہ جي پاٽيءَ جي سائبان سمجهو.

شڪم شريف گهٽن جي ڪي چائدان سمجهو،
گهٽن جي دهن مبارڪ کي پاندان سمجهو.

ڪڪر مٿي ٿا اچن ڪاهي مثل طوفان جي،
عجيب آهي هي تاثير دودمان سمجهو.

جي زرد رُو هوا اوّل سي ٿا ٿين گلفام،
گهرن کي صاف ۽ روشن گلاب دان سمجهو.

وليڪ ڀاڻ ٿو شبنم ڏياري هر آن ۾،
آ هر ڪنهين کي هتان هلڻو اج سيان سمجهو.

اچي ٿو بيت مٿان بيت ۽ هزار خيال،
ٿيو آ حصہ مضمون ادا اچان سمجهو.

مگر صدا ٿو پڌان مان هي چئني طرفان کان،
لحاظ وقت جو چا ناهہ تو ميان سمجهو.

زهي سليم طبيعت زهي بديع ڪلام،
ڪلام حيدر خوشگو جو قدردان سمجهو.

Gul Hayat Institute

ڪنهين نہ سنڌ ۾ اهڙو سخن چيو ڪُڏهين،
هـي اوستاد سخن جـو فقط بيان سمجهو.
ڪري ٿـو نماز بڪو ديرو اچ مسوريءَ تي،
جو هڪڙي مرد خُدا جو همت آستان سمجهو.

Gul Hayat Institute

# قصيدو

(في مدح حامد علي خان)

بهاري آهه دنيا ۾ ۽ جنبش آ گلستان ۾،
هوا مشغول آهي جا بجا تفريح انسان ۾.

لُڏي ٿي شاخ پر ميوه بيابان ۾ ڪ بستان ۾،
رهي ٿي محو ڏينهن ۽ رات جو عشرت جي سامان ۾.

گلن ۾ ڏسجي ٿو جوشِ جواني صبحِ خندان ۾،
شراب ۽ مشڪ ٻئي گڏ ڪيا اٿن مغزِ پريشان ۾.

زمين زرخيز پهري آهه خلعت اڄ زمرد جي،
آ رنگين دُرِّ عمان ۾ پريل لعلِ بدخشان ۾.

عيان فصلِ بهار آهي چمن صحرا ۾ ميدان ۾،
نه جودِ حق ڪيو محدود آ نوروز ايران ۾.

پکين ۾ آهه چه چه ڏين پڙڪا ڪَرن بازيون،
پيچي هُو هن جي ڳولا ۾ وجهي هو هن کي گردان ۾.

وهن ٿا هاڻ ٽارين تي لِڪن هڪ ٻئي جي ڪنيڙين ۾،
گڏن چهنبن ۾ چهنبون ڏين سؤ سؤ بازيون هر آن ۾.

ڏوا خوري ٿي نڪرن ٿا هزارين عاشق ۽ معشوق،
ڪي راند يون ٿا چمن ۾ ڪن، ڦرن ٿا ڪي ايوان ۾.

پُراڻا داستان پنهنجا ٿا کولن پنهنجي دل خوش ڪن،
هُو هن کي آفرين ٿو چئي هو ڏئي ٿو بوسه تاوان ۾.

جتي ڪٿ آهه پيدا عشق بازي ۽ نظر بازي،
نوان انجام ٿا ونجن گلن جي اوٽ پنهان ۾.

سياڻي صبح اول خير هت ملجانءِ دل منهنجي،
خبر نا منهنجي حالت کهڙي ٿيندي ليلِ هجران ۾.

Gul Hayat Institute

سوال آ ڪار انسان جو اجابت فرض آ تنهنجو،
اهو ئي فرق آهي عبد انسان رب رحمان ۾!

Gul Hayat Institute

# شعر

اگرچہ منھنجو وطن ۽ مرار آھہ عرب
مون کيئي پيرا کيو آھہ سير کفرستان۔

'تحفہ سند' کتاب پورو ٿيو

Gul Hayat Institute

# آزاديءِ قوم

(مخمس)

”مرا دردے ست اندر دل اگر گويم زبان سوزد،
وگر دم در کشم ترسم که مغزو آستخوان سوزد“.

انتساب

**هڪ هڪ هندستانيءَ ڏانهن**

بياتا گل بر افشانيم و مئی در ساغر اندازيم
فلک را سقف بشگافيم و طرح نو در اندازيم
اگر غم لشکر انگيزد که خون عاشقان ريزد
من و ساقی بهم سازيم و از پايش بر اندازيم.
— حافظ

Gul Hayat Institute

**حيدر بخش الهداد خان جتوئي**
(ساڪن بکو ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو)
سنڌ پراونشل هاري آفيس، ويسٽ ڪچا،
حيدرآباد سنڌ.

ٻهريون ڇاپو مارچ 1947ع

Gul Hayat Institute

# آزاديءِ قوم

يہ لاش بے کفن اسد خستہ جان کی ہے
حق مغفرت کرے عجب آزاد مرد تھا
— غالب

عام خيال:

1

ڪهڙو هي شور ۽ آواز آ آزاديءِ قوم
ڪهڙو راڳ ۽ نئون انداز آ آزاديءِ قوم
بيوقوفن جو فقط ناز آ آزاديءِ قوم
ديس جي لاءِ دغاباز آ آزاديءِ قوم
هان خبردار! خلل ساز آ آزاديءِ قوم.

2

قيد، قرباني: اهو راڳ ۽ رنگ آهي ڇا
خواب جي زيست2 ۾ ناموس ۽ ننگ3 آهي ڇا
عيش عشرت ڇڏي خونريزي ۽ جنگ آهي ڇا
هند جو ماڻهو ڇريو مثل پتنگ آهي ڇا
اي شرربار4 شررساز5 آ آزاديءِ قوم.

---

[اشارو: انگ=انگريزي؛ پ=پارسي؛ س=سنسڪرت؛
ع=عربي؛ هہ=هندي]

1- (پ) نمونو. 2- (پ) حياتي. 3- (پ) بي مانائي.
4- (پ) چڻگون وسائيندڙ. 5- (پ) چڻگون ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

3

واهه دهمان ۽ ڏاڍو آ عملداريءَ ۾
وهه رُوقار[1] آهه حڪومت سان وفاداريءَ ۾
ڇا مُيَسَّر نه آهي نوڪري سرڪاريءَ ۾
گھڙو نقصان آهي قوم سان غداريءَ[2] ۾
ڇا جي ٻڪ ٻڪ آ ٽگ و تاز[3] آ آزاديءَ قوم.

4

ڇو ٿا انگريز تي ڪاوڙ ڪيو هندي هر هر
پنهنجا پاڻ ٿين آهن جي بني نوع بشر[4]
پاڻ کي مان ڏين ٿا جو رکن ٿا نوڪر
جانور کان به بَتَر[5] ڪونه ٿا سمجھن اڪثر[6]
ڇاهي جي پاڻ تي طَنَّاز[7] آ آزاديءَ قوم.

5

هندي چاليهه ڪروڙن جا نگهدار ڪِبار[8]
ٿا چون سولجر[9] آهن هتي پنجاهه هزار[10]
واهه جُرئت آ جوانن جي ۽ بندوق ترار
هر هڪ آ اٺ هزارن ئي ڪنن جو مختار[11]
خوش رهن هر هڪ غمار[12] آ آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) جاهه ۽ جلال. 2- (ع) دغابازي، نمڪ حرامائي. 3- (پ) ڊڪ ڊوڙ. 4- (ع) بني نوع بشر= انسان ذات. 5- (پ)=وڌيڪ خراب. 6- (ع) گھڻو ڪري. 7- (ع) ٺوڪ ڪندڙ، ناز نخري سان گھمندڙ. 8- (ع) ڪبير جو جمع=وڏا. 9- (انگ) انگريز سپاهي. 10- جنگ جي زماني کان اڳ، معمولي طرح صلح جي حالتن ۾. 11- (ع) مالڪ. 12- (ع) ٺوڪ ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

6

قومي آزادي ملي وئي ته چڱي البته آ
ٿورو نقصان انهيءَ ۾ آ گهڻو فائده آ
ڪوشش ان طرف ڪبي، دل ۾ پيو اهڙو په آ
ڇا ڪري سگهبو، ڇڙو هڪڙو، پڇي پيئي ڇه آ
الوداع! اڄ مگر اي ناز آ، آزاديءَ قوم.

7

ڪٿي انگريز جو لشڪر ڪٿي ديسين جو جٿو
ڪير ٿيو ڦاڙي وچي پنهنجو جبل ساڻ مٿو
جي مٿو ويو ته بچو ڇا پيو، ڪم سارو لٿو
هندواسين ڪي اهو عقل اچي ڇا ڪان نٿو
خون ريز1 آ، قبق انداز2 آ آزاديءَ قوم.

8

هرڪو انگريزي حڪومت ۾ سکي آ سڌريل
ڇانيو انگريز ۾ آسيس ڪيو هي پلپل
آخرت تائين هلي هيءَ حڪومت هت شل
سوراجي! 3 نه ڪپي تنهنجي هي بڪ بڪ هل هل
ڇا هي! انگريز جي قيماز 4 آ آزاديءَ قوم.

---

1ـ (پ) رت ڇاڻ ڪندڙ. 2ـ (پ) تير انداز. 3ـ (س) خود حڪومت، آزاد حڪومت جو طالب، سپاهي. 4ـ (ع) نوڪرياڻي.

Gul Hayat Institute

9

جنگ جهيڙن کي ڇڏي گڏ ڪريو جيڪر پئسو
اهڙو سچار، سدا ڏهل ۾ نوڪر پئسو
مائٽ اهڙو نہ ٻيو جهڙو برادر! پئسو
پئسو جنهن کي نہ لهي کوهہ جي اندر پئي سو

هند ۾ کوهہ نہ ٻيو ساز 1 آ، آزاديءَ قوم۔

10

اي اچو ديس جي ڀائن کي هدايت ڪريون
هند ۾ چاهي، هلو سير ولايت ڪريون
عيش عشرت وٺي خوش دل کي نهايت ڪريون
قوم انگريز جي هر طرح حمايت 2 ڪريون

جن جي "مس"3 "مير"4 جو اِغماز5 آ آزاديءَ قوم۔

11

جاهل آهن اهي انگريز 6 کي جي ڪن دشمن
پاڳل آهن جي نہ ٿا پنهنجو وطن لنڊن ڪن
قوم انگريز جي رمزن کي ڪي سڌ ريل سمجهن
هنديئو! جلد حوالي ڪيو تن تن من ڌن

جن ڪيو بند هر آواز آ آزاديءَ قوم۔

---

1۔ (پ) اوزار۔ 2۔ (ع) مدد۔ 3۔ (انگ) ڪنواري ڇوڪري۔ 4۔ (انگ) پرڻيل زال۔ 5۔ (ع) ناز نخرو۔ 6۔ انگريز لفظ مان مراد سلطنت شاهي جا حامي انگريز آهن ۽ نہ عام انگريز۔

Gul Hayat Institute

12

ڪي ڪرڻ گهرجي ته انگريز جي خوشنوديءَ لئي
ڪي مرڻ گهرجي ته انگريز جي بهبوديءَ لئي
ڪي جئڻ گهرجي ته بس ديس جي نابوديءَ لئي
قوم جي ڪاري ڪرڻ لاءِ، نه محموديءَ 1 لئي
خوار زار 2 آهه، نه اعزاز 3 آ آزاديءَ قوم.

13

سرڪش 4 آهي جي طبيعت ته ڇا اڙ ٻنگ ڪريون
داخل انگريز جي لشڪر ۾ ٿيون جنگ ڪريون
قوم آزاد ڪٿي آ تـه هـلـي تنگ ڪريون
پاڻ جان تن کي غلاميءَ ۾ وجهون ننگ ڪريون
فقط انـگريز جـو حـق ناز آ آزاديءَ قوم.

14

هندي هـر چيز بري آ، رَوِشون 5 ڪل جنگلي
ديسي ڪپڙي ۾ لڳي ماڻهو ٿـو بلڪل جنگلي
بوئي گل هند جي جي جنگلي، آهي بلبل جنگلي
جا بجا چـو ٿـا ڪن آزاديءَ جـو هل جنگلي
سـور مٿي جـي لئي ساز آ آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) نيڪي. 2- (پ) مصيبت ماريل. 3- (ع) عزت.
4- (پ) سخت. 5- (پ) هلتون.

Gul Hayat Institute

15

واهہ جـي آهہ ولايت جـي لـڌـن ۾ لـذّت
ڇا ڏجي ڇلڪو ۽ ڇـا شـان شرافت راحت
ڏـاهـي نـازڪ بـدنـن لاءِ خـدا هـي نعمت
پڻ ڪدر پوش سڄڻ پنهنجي ڏسي خوش قسمت
جن جو بس باعث اِعـزاز آ آزاديءَ قوم ۔

16

اهل ذوق اڇـّو، رکـو تازه و تـر محفل کي
ڪجهہ جوانيءَ جي غنيمت مان ڪيو خوش دل کي
غرق ڪيو مئي1 جي مزي نشـّي ۾ هر مشڪل کي
طرز هـن سان ڏـي ڪيو دوستو طي منزل کي
بلبل عشق جـي لئي بـاز آ آزاديءَ قوم ۔

17

ڪاهلي سـاڻ جواني هـي ڇـو برباد ڪريون
ڇو نہ شيشي سان صنم2 شوخ سان دل شاد ڪريون
۽ نوان عيش جـا انداز ڪي ايـجـاد ڪريون
سـاهـہ آزادي جـي آزار کـان آزاد ڪريون
عيش لئي عـقرب5 آهـواز4 آ آزاديءَ قوم ۔

Gul Hayat Institute

---

1۔ (پ) شراب۔ 2۔ (ع) بـت، معشوق۔ 3۔ (ع) وڇون۔ 4۔ ايران ۾ هڪ شهر جتي جا وڇون تمام زهرناڪ ٿيندا آهن ۔

18

عيش آسان آ، اگر رنج ۽ محنت ناهي
ناهه پرواهه اگر همّت ۽ حشمت ناهي
درد سر آهه، سزا آهه، حڪومت ناهي
زينت آ طوقِ[1] غلامي، اها ذلتّ ناهي
ڪهڙو ٽڪساٽ آ ٽڪساز آ آزاديءَ قوم.

19

شاعرو! عشقيه اشعار[2] اچو ناهيون ڳايون
رڱ گل[3] سان پڙ بلبل کي پڌون جهُولايون
ميڪده[4] ملڪ ڪريون، دل صدمن سان لايون
جو مليو هاڻ مليو، پيو رڳو ڳالهيون رايُون[5]
قيد آ، ڪوڙ جو آواز آ آزاديءَ قوم.

20

نيٺ هن لنبي حڪايت جو خُلاصو[6] سمجهو
دور دنيا کي عجب رنگ ۽ تماشو سمجهو
دل کي هر عيش ۾ عشرت ۾ اڳايو سمجهو
حُور ۽ جنّت جو فقط سهڻو دلاسو سمجهو
ڪهڙي مڪّار آ دمباز[7] آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) لوهہ جي ڪڙي جا اڳي غلامن کي پڌندا هوا؛ ڳچيءَ جو زيور. 2- (ع) شعر جو جمع. 3- (پ) رڱ، تند. 4- (ب) شرابخانو. 5- (پ) راءِ، خيال. 6- (ع) حاصل ڪلام، جوهر، نچوڙ. 7- (پ) مڪار، فريبي.

Gul Hayat Institute

21

شام ”جمڪاني“1 ”ڪلب“ ۾ هلي ڪجهه ڪار ڪيو
خوب پتن جي ڳڻ ۽ ڳوت، جڙوا يار ڪيو
بخت ڪارو3 ٿي اتو ”برج“4 ۾ ويچار ڪيو
راڳ جو روپ جو هر تار جو پرچار ڪيو
مالڪونس5 آهه نه شهتار6 آ آزاديء قوم.

22

رات ناٽڪ ۾ هلو ناٽڪ ٿي آهي دنيا
زندگي ڪوڙ آ اوندهه آ ”سنيما“ ڪان سوا
چا سوا روپيو چا رنگ تماشا چرچا
حيرت ۽ قهر جو نظارو ڪنن بالا آ
جنهن جو آواز نظر ناز آ آزاديء قوم.

23

چوٽ سنگت ۾ پئڻ چروٽ ۽ سگريٽ کپي
پاڙي پيئڻ سان سدا ڪيڪ ۽ بسڪيٽ کپي
چا هي پاڙي ٿلهو، سوڊا کپي الميٽ کپي
چاء ۽ پان سپاري سان پرڻ پيٽ کپي
تندرستي کپي، چا راز آ آزاديء قوم.

Gul Hayat Institute

---

1۔ (انگ) عام جام جتي ماڻهو ڪسرتن ۽ راندين ۽ وندر لاءِ گڏ ٿين. 2۔ (انگ) انجمن، جماعت. 3۔ خدو پتو. 4۔ (انگ) پتن جي راند جو نمونو. 5۔ (هه)، 6۔ (پ) راڳن جا نالا.

24

ڀاڱوڊر 1 لائي ڪيو زالون اڇو منهن پنهنجو
حُسن ۽ رونق ۽ جلوو ڪٿي بازر برسيو
سينو ٻانهون ۽ ٽنگون ڪولي گهمو، آ صرفو
آهہ تهذيب نٿين، شرم حيا ويا ڇا ٿيو
مڇلي 2 فيشن 3 جي لئي قاز 4 آ آزاديء قوم

25

شاهہ زالون رهو، صدبار مبارڪبادي
بند سڀ ٿوڙي وٺو جلد ۾ جلد آزادي
جيئن چون: نيٺ وٺي مرد جي گادي مادي
ليڪ آزاديء قوم! اِن ۾ اٿو بربادي
جهنگلي زالن جو سرانداز 5 آزاديء قوم.

26

جيڪڏهن نوڪري ناهي ته حياتي بار آهہ
تو لڳي زهر زمانو، پيءُ پڻ بيزار آهہ
ڏاج ڏوڪڙ کان سوا پي نہ ميسر ڪنوار آهہ
موت پي آهہ مسري ويو، ٿيو ڪاٿي غار آهہ
البتہ موت بجا ساز آ آزاديء قوم.

Gul Hayat Institute

---

1 - (انگ) اٿو، خصوصاً، هڪ نفيس خوشبودار اٿو جو زالون (۽ ڪي مرد) منهن ۽ ٻانهن تي هڻندا آهن. 2 - (هہ) مڇي. (ناچو ڦرندڙ ڇوڪريون پڻ مڇلي نالي سان سڏبيون آهن.) 3 - (انگ) طرز، دستور، پوشاڪ، غذا وغيرهہ جو. 4 - (ع) هڪ پکي جو پکي. - (پ) رڱو.

27

نوڪري ناهه ميسر ته وڪالت ڪي ونو
هي شريف آهه ڏنڊو سڀ ڪان، شرافت ڪي ونو
بدمعاشن 1 جي ۽ خونين جي حمايت ڪي ونو
جي مليو پئسو ته سڀ ڪجهه ٿيو عدالت ڪي ونو
پئسي سان ماڻهو ترو تاز 2 آ، آزاديءَ قوم!

28

آ فقط سوئي زميندار لقب جو حقدار
جنهن جي هارين تي غريبن تي سدا مار آ گار
ڏينهن جو مَحو 3 شڪار آهه ۽ رات او ۽ نگار4
دل قرض ساڻ گهٽي، علم هنر کان بيزار
توڪي چا چا تي مگر ناز آ، آزاديءَ قوم!

29

وهه مزيدار خوش اطوار 5 نه آ شاهوڪار
وياج تي وياج ـ اها آهي سندس ساهه جي تار
سمجهي واپار حياتي ٿو، حياتي واپار
چلم ۽ بنديون، ڍگريون ۽ مساڻ آخرڪار
هان قرضدار دغا باز آ آزاديءَ قوم!

Gul Hayat Institute

---

1 ـ (پ) بدچال، اهو ماڻهو جنهن جو گذران خراب ڪمن جي آمدني مان هجي. 2 ـ (پ) تازو توانو. 3 ـ (ع) غرق. 4 ـ (پ) معشوق. 5 ـ (ع) طور جو جمع، نمونو.

30

اگر انگريز چڏي ڀي ويو پروا ناهي
ڪونہ ڪو ڏاريو سگهو هند تي ايندو ڪاهي
تنهن اڳيان ڇئو اٿين هٿ جوڙي ۽ ٽوپي لاهي
”جي مجبور آئين، توکي ڏٺي آندو آهي
“تو ڇڏايو اڇي؛ دمباز آ آزاديءَ قوم.”

31

طبع پنهنجي ۾ آ نامردي غلامي مضمر 1
آهہ نامرد سدا محو مصيبت، مضطر 2
تنهن کان انگريز جوان جي غلامي بهتر
وقت ڏاڍو پيو خوش گذري، گهڻن کان خوشتر
خود انهن کان جتي ممتاز 3 آ آزاديءَ قوم.

32

ناٺڪ انگريزپرستي ڪئي دشوار 4 آهي
ڇا جي لئي پيرپرستي کان مگر عار 5 آهي
ڪوچي ڪوچي 6 تي ڏسو پير جي دربار آهي
جتي فيض آ گهٽو پر پئسي جي درڪار آهي
منکر آ موذي آ خرّاز 7 آ آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) سمايل. 2- (ع) پريشان. 3- (ع) عزت ڪيل.
4- (پ) ڏکيو. 5- (ع) عيب، شرم. 6- (هہ) گلي گلي.
7- (ع) موچي، ڪنجوس.

Gul Hayat Institute

33

هنديئو ڪجھ وٺو سرڪاري لقب ۽ لھو مان
”سَر“1 لقب ۾ ٿو لڳي البته ڪجھ وقت اڄان
”راءِ“ ۽ ”خان بھادر“ تيئن آھي آسان
ڪافي ڏي چار ڪم ٿئي ديس خلاف آھن ھان
شرف ۽ شان سان ناساز آ آزادي ء قوم ۔

34

صاحبن کي ڏيئي دعوت ۽ ڪرايون شڪار
بندوبست اھڙو ڪيو جو ٿي وڃي خوش سرڪار
جھنگ ۾ رنگ لڳن خوار ٿئي بمبئي جي بزار
چيز جا ميڙ اچن، آن ” خرارن جي ھار
ھزار آ مار! اعواز 2 آ آزادي ء قوم ۔

35

اي وزيرن جي ڪيو خوب خوشامد خوراڪ
اي وزيرن جا ٿيو اڙدلي پيرن جي خاڪ
ناھ ڪڏھين بہ ڪيو جن جي قلم ڪم ناپاڪ
ديس جي لاءِ ڪڏھن ٿي نہ سندن دل غمناڪ
جاھ تنخواھ سان ناساز آ آزادي ء قوم ۔

---

1۔ (انگ) انگريزي لقب جو نالو (Sir) = سائين، حضرت۔ 2۔ (ع) غريب ٿيڻ، مشڪل ٿيڻ ۔

Gul Hayat Institute

36

نوڪرو! بخت سنڌو واهه جو بالا آهي
نوڪريءَ تي نه آ ويساهه، ونو گهر ناهي
زيردستن جي مٿي تي هٿو سڀ ڪم لاهي
ڪم انگريز جو هلندو پيو پروا ناهي
پنهنجو ڇا ٿو وڃي ڇا ناز آ آزاديءَ قوم.

37

نوڪرو! رُعب [1] رکو خلق جي لعنت 2 هي سهي
ديسي هر چيز بري آهه مَحبت هي سهي
شان شوڪت سان رهو، وقت تي رشوت هي سهي
نه ملي ڪيچ ته غريبن جو بيو رت هي سهي
جو انهيءَ ۾ ئي سچو راز آ آزاديءَ قوم.

38

ڇا هي جي هند غريب آهه ۽ ڪنگال آهي
ڇا هي جي هند غلام آهه ۽ بدحال آهي
ڇا هي جي هند کي ڌارين ڪيو پامال آهي
خوش جهان آهه اگر پانهنجو خوش حال آهي
نڪو انگور نه آلواز 3 آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (ع) هن جو اُچار ذري گهٽ "روب" جهڙو آهي: دٻدٻو، دهشت. 2- (ع) ڦٽڪار. 3- لوز جو جمع: بادام.

39

چا ھي جي روٽي ٻُرڪي لاءِ ھزارين ٿا سڪن
ڪيئي ٿا قيد ڪسن، ڪيئي پيا ننگا ٿا ڦرن
چا ھي جي سيءَ ۾ ولھ ۾ ٿا سوين ساھ سڪن
ناھ پرواھ اگر رنج و محن 1 ۾ آ وطن
رنج آ روٽيءَ جو خباز 2 آ آزاديءَ قوم.

40

چا ھي جي ڪاٽي صفا سُتّج وسي ٿي ڏُڪار
جا ٿي آن آھ چا، چوڏن جو لڳل آ لاچار
مائرون بر ۾ ڦٿا ڪن ٿيون سڪيلڙا پار
۽ جدائيءَ ۾ جلي ڪن ٿيون ھلاڻو ھن پار
چا ھي موت ۽ چا راز آ آزاديءَ قوم.

41

ديس لئي جن ٻه ڏني جان، ڪيو قيد قبول
ٿيا گھڻو خوار حقيقت ۾ ڪري ڪار فضول 3
نه ٿيا ھيڏي نه ھوڏي نه ٿين ڪڇ ٻه حصُول
نه ٿيا راھ خدا ۽ نه ويا راھ رسول
حرڪتن ڪان اي پٽيل باز آ 4 آزاديءَ قوم.

---

1. (ع) م زير، ح زبر – محنت جو جمع: تڪليفون، بلائون. 2. (ع) بورچي. 3. (ع) ف پيش – بيفائده. 4. (پ) ڪان باز اچڻ = چڏڻ.

42

ڪهڙي هل چل ٿــي هلي: مذهب انسانيّت
نہ نُبوّت نہ خلافت 1، نڪو اوتار 2 آيت 3
نيڪ ٿيو، نيڪي ڪيو، ٿوڙيو عداوت نفرت
ڪفر ۽ دين ٿئي گم! عجب آهي نوبت
هاڻ هئي، ڪهڙو هي اِلغاز 4 آ آزاديءَ قوم.

43

اِتحاد آهہ بلا ڪهڙي، مُحبت ڇا هي
پائر انسان سڀئي! هي نئين حرفت ڇا هي
ڇا هي اِخلاص ۽ خوش خلقي، مُروّت ڇا هي
هندو مسلم جو ٿئي ڏاهہ تہ طاقت ڇا هي
ڏاهہ شرط آ تہ دغا باز آ آزاديءَ قوم.

هندڪو خيال:

44

حيف هندن ڪي سڀئي ويد 6 وساري ويٺا
اوم 7 آمرت 8 ڇڏي مايا 9 جي سَتاري ويٺا
ڌرم ڌارين جو ڳنهي پاڻ ڪي ڳاري ويٺا
پونء پارت ۾ مليڇن 10 ڪي نہ ماري ويٺا
ڪيو تڏهن هند مان پرواز آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (ع) نبيءَ جي جانشيني. 2- (س) هندن جي خيال موجب ڀڳوان جو انساني صورت ۾ دنيا جي سڌاري لاءِ اچڻ. 3- (ع) نشاني (خدا جي)؛ قرآن جو جملو. 4- (ع) ڳجهارت. 5- (ع) پلمانسائي. 6- (س) علم (خدا جو)؛ هندن جو پاڪ ڪتاب. 7- (س) ايشور جو سڀ کان پاڪ نالو. 8- (س) آب حيات. 9- (س) دنيا جنهن ڪي دوکو سمجهيو وڃي. 10- (هہ) غير آريہ، نيچ آدمي.

45

هر مسلمان برو آهه بلا ديس مٿان
نانگ ڏاري ۽ ڪيو ماري مسلمان ٻيجان
پاڻ جان پاڻ ڪي سمجهن ٿا ڏسو ذات انسان
گاين ماتائون هجن ها تہ سندن هندستان
جن جي پوڄا ۾ سڄو راز آ آزاديءَ قوم.

46

ڇا مسلمان گھرن حَقّ حفاظت[1] جي لاءِ؟
نہ نہ، هند مٿان دور حڪومت جي لاءِ
ڪاٿان پارت ۾ اهي آيا مصيبت جي لاءِ
تن ڪان انگريز ڀلو ڀائي آ ڀارت جي لاءِ
ڪُھ ڪڏ ۾ پئي جو ساز آ آزاديءَ قوم.

47

ڇا مسلمان مُنا ڇا لڳي ڀارت مندر
ڇا وڏن ملڪ خلاصو ٽڪر ۽ ٿين همسر؟[2]
ڇو مسلمان نہ ڪريون هند ۾ ٽُڪر ٽُڪر
يا هميشه ٿي رهن پانهنجا هاري نوڪر
ڇا مسلمان ۽ ڇا ناز آ آزاديءَ قوم.

---

1۔ (ع) بچاءُ. 2۔ (پ) هڪجهڙو.

48

آهه کهڙو ڀـــيـ مسلمان، نــہ وهاريـــو ڀـــر ۾
تن جي نالي کي نشان کي نہ ڏيو جـــا گهر ۾
عـــربـــي لفظ اچـــي وات ۾ يـــا دفتـــر ۾؟
ڇـــڻ مسلمان مـــليڇ آيـــو گـــهـــڙي منڊر ۾
ڪني ٻـولـــي ڪنو آواز آ آزاديءَ قوم

49

ساڌئو! ڪلجـُـگ1 آهـــي ڀڌو گيتا2 سندو راڳ
آڌياتـــم3 ۾ ڌريـــو ڌيـــان پراپت ٿـئي ڀاڳ
هار ۽ جيت، سُک ۽ ڏُک جو اٿو ساڳيوئي ماڳ
پـــاپ ۽ پُڃ اٿـــو ٻيڌ5، گڻن6 کـــي ڏيو آڳ
رڳو سنڪلپ7 سنـدو ساز آ آزاديءَ قوم.

50

ٻـــرهما8 اُتـپتي9 پـرُوتن10 ٻنن جـــي ڪئي آهه
پالنا وشنو جي هـــٿ آ شوجـي ٿو ڪيي ساهه
ڏار سمجهو نـــہ اهـــي، ٻين مـــٿان ايشور آهه
ايشور ڪيئن ڪري ٿـو سگهي الله سـان ٺـاهه
جنهن جي پُرش11 سان ٿي دمساز آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (س) هندن جي خيال موجب چئن جگن مان آخري جگ. 2- هندن جو پاڪ ڪتاب. 3- (س) پرماتما، دنيا جو روح. 4- (س) حاصل. 5- (س) ڏوڪو. 6- (س) وصف، نيڪي. 7- (س) خواهش، آرزو. 8- (س) پرميشور، شخصي حيثيت ۾، اها هستي جنهن مان هرچيز جي پيدائش ٿي آهي. 9- (س) اتپتي ڪرڻ=پيدا ڪرڻ. 10- (س) وجود، پيدا ٿيل شيءِ. 11- (س) آدمي.

51

آتما 1 آهه جي پرشن 2 ته ٻيو ڪڇ نه ڪپي
ڪوئي شل مايا جي ٻنڌن ۾ نه اٽڪي نه ڪپي
پريتمو! سرڳ ۾ آنند وٺو نام جپي
شاشوت 3 ڌرم جا هي ٻول ڪو ساڌو ئي جهپي
چور ٺڳ آهه، رسن باز 4 آ آزاديءَ قوم.

52

پار جو ٻار پڻي ۾ ئي ڪرڻ سات ڪپي
نوجوانيءَ ۾ پڙهڻ ٿورو، گهڻو ناٽ ڪپي
نوڪري مهل ڪپي ذات، ڪٿڻ ڪاٽ ڪپي
نوڪري وئي ته پڇن 5 پوڳ 6 ڪپي، پاٺ ڪپي
هر آوستا جو اهو راز آ، آزاديءَ قوم.

53

سال پنجاهه ڪروڙن جو اهو گيان 7 آهي
هندو وانگر نه ٻئي ڪنهن کي ٻڌي 8 ڌيان آهي
هندو ويدن کان ئي يورپ جو وڌيو مان آهي
چٽ آ دشٽ 9 آ جو جو به مسلمان آهي
کهڙي مسلي 10 جي هي بڪواز آ آزاديءَ قوم!

---

1۔ (س) روح۔ 2۔ (س) خوش۔ 3۔ (س) سچو، قديمي، آريه ڌرم۔ 4۔ (پ) بازيگر۔ 5۔ (س) پوڄا، عبادت۔ 6۔ (س) ڪل چيز جا ٻتن تي چاڙهجي يا انهن جي اڳيان رکجي۔ 7۔ (س) علم۔ 8۔ (س) عقل۔ 9۔ (س) بدچال، ڪمينو۔ 10۔ مسلمان کي نفرت وچان هندو سڏيندا آهن۔

Gul Hayat Institute

54

مسلمانڪو خيال:

اي مسلمانو! ڏسو هر طرف ۾ ڌيان ڪيو:
ڪنهن دستور سڀئي ملڪ مسلمان ڪيو:
ڪنهن دستور سان مات اُمّت شيطان1 ڪيو.
سڀ دليون مغز مروڙي سگهو يڪسان2 ڪيو3

دين جي لاءِ دغاباز آ آزاديءَ قوم.

55

هاءِ اي هندي مسلمانو مسلمان ٿيو
پنهنجي الله جي عزّت جا نگهبان ٿيو
خون ڪُفّار4 جي سان لعل بدَخشان5 ٿيو
نيٺ ڪيچ مُستحق6 رحمتِ رحمان7 ٿيو

ربّ عالم جو اهو راز آ، آزاديءَ قوم!

56

اي مسلمانو! پڪو پختو ڪيو ايمان کي
جاءِ هرگز نه ڏيو وَسوَسه8 شيطان کي
ناس ڪيو شعبده9 فلسفهٔ يونان کي
هر هنر لاءِ خبر لاءِ ڏسو قرآن کي

جنهن جي هر نقطي ۾ سو راز آ آزاديءَ قوم!

---

1- (ع) اُمت شيطان مان مراد تمام غير مسلمان آهن. آدمشماري، مسلمان: چاليهه ڪروڙ؛ امت شيطان: هڪ ارب سٺ ڪروڙ. 2- (ب) هڪ جهڙو. 3- تڏهن ته سڀ ماڻهو مسلمان ٿيندا (حالانڪ هي ڳالهه ناممڪن نظر اچي ٿي. 4- (ع) ڪافر جو جمع. 5- وچ ايشيا ۾ ملڪ جتي جا لعل مشهور آهن. 6- (ع) حقدار. 7- (ع) اهو جنهن جي مهربانيءَ جي حد نه هجي. 8- (ع) ڪا شيءِ جا دل ۾ وڌي وئي هجي، برو خيال. 9- (ع) جادو، فريب.

Gul Hayat Institute

60

قائي قـرآن جـي پڙري کي بـہ قرآن سمجهو
”شـرّ“1 ”شيطان“2 کي پڻ آيت3ر حمان سمجهو
ڪچ نہ آن لفظ اڳيان صورت اِنسان سمجهو
هي قـصو ڪـڏهـن نہ آ غير مسلمان سمجهو
پـوچـا قـرآن جـي ۾ راز آ آزاديء قوم.

61

فـقـط انـگـريـز مـسـلـمـان سنگتي سونهن
چا هي قرآن جا آحڪام اگـر رد ڪيا تن
چا هي جي ناس مسلمان حڪومت ڪئي تن5
ٿا نـماز ۽ حج ۽ روزه جي ڪڏهن منع بہ ڪن؟
جن ۾ اسلام آ هـر راز آ آزاديء قوم.

---

قرآن شريف موجب هڪ هـزار مهينن کان بهتر آهـي. هي رات رمضان مهيني ۾ چوڻ ۾ اچي ٿي 15- (ع) تارن ۽ سيارن جو علم (Astronomy). 16- (پ) نيڪ بد کي سڃاڻندڙ.

1- (ع) خرابي، فساد. 2- مسلمانن جي خيال موجب ابليس هڪ وڏي مرتبي وارو جن هو. جڏهن الله سڀني فرشتن ۽ جنن کي حڪم ڏنو تہ آدم کي سجدو ڪيو، تڏهن ابليس انڪار ڪيو. پوء خدا کيس پنهنجي درگاهہ مان لوڏي ڪڍيو. انهيءَ وقت کان وٺي ابليس (شيطان) آدم جي اولاد کي گمراهہ ڪرڻ ۾ مشغول آهي (۽ شايد گهڻي قدر ڪامياب ٿيو آهي). 3- (ع) نشاني، قرآن جو حصو. 4- چاڪاڻ تہ اهي لفظ قرآن جي متن (Text) جو حصو آهن. 5- ياد رهي تہ اڪثر انگريزي سلطنت مسلم حڪومتن مان نهي آهي.

Gul Hayat Institute

62

هند ۾ چاهي، هلو مڪه ڏي، الله جي گهر 1
ڪوڙي دنيا ۾ ادا ڪڇ ڪيو عقبيٰ 2 جو ثمر 3
ڪوڙ آ ڏوڙ آ: مـيـڙي ڏنو انگريز کي زر 4
تا ڇڏي ڪانئي نه اسلامي حڪومت جو اثر 5
حـجّ ۽ روزه ۽ نـمـاز 6 آ آزاديء قوم ۔

63

آهه بـنـدش تي پـدّل مـذهب اسلام، ايمان
بي لغام آهه جو انسان سو آهي حيوان
بند برقـع ۾ رکو بيبيون هر وقت ميان
آ زمـانـو بُـرو، نڪري نه وڃي مال هٿان
چُو رِڙن لاء غـلـيـواز 7 آ آزاديء قوم ۔

64

پانهنجي لاء هي تحريڪ 8 خطرناڪ آهي
پانهنجي لاء هي تحريڪ سچ ۽ خاڪ آهي
هندو تعداد ۾ زور آهه ۽ چالاڪ آهي
آڏو اسپين ڦري ۽ ڪئي دل چاڪ آهي
قوم هندوئي سان همراز آ آزاديء قوم ۔

---

1۔ بيت الله۔ 2۔ (ع) ع پيش ـ پي دنيا۔ 3۔ (ع) ميوو، مال۔ 4۔ (پ) سون، ناڻو۔ 5۔ ياد رهي ته آن وقت حج تي اٽڪل ۾ هزار روپيه خرچ ٿيندو هو جنهن مان وڏو حصو ريل، موٽرن، جهازن رستي انگريز جي گهر ويندو هو۔ 6۔ ميم جي تشديد لاء معافي طلب ـ مصنف۔ 7۔ (ع) سرڻ پکي۔ 8۔ تحريڪ آزاديء هند۔ 9۔ اسپين ۾ مسلمانن ست سؤ ورهيه حڪومت ڪئي۔ آخر ۾ يورپ جي عيسائي حڪومتن گڏجي انهن کي پورو ڪيو۔ 10۔ (پ) دوست۔

Gul Hayat Institute

65

انگريزڪو خيال:

نہ هجي هند ۾ انگريز تہ ڇا ڇا ٿئي ها
هندو مسلم جو گلو ڪاٽي ها، ڪاٽا ٿئي ها
مسلم الله جو نالو ڪٿي رُسوا 1 ٿئي ها
هند جو ملڪ سڄو خون جو دريا ٿئي ها
ڪهڙي ڳالهہ آهہ ۽ ڇا راز آهہ آزادي قوم؟

66

جاهلن ڪي آ نوازيو ۽ سڌاريو انگريز
ظلم ڪان زور ڪان آ ملڪ کي ٺاريو انگريز
شينهن ٻڪري گڏي ڪارايو وهاريو انگريز
پوءِ بہ ڇئو ٿا تہ ڪيو ملڪ مان ڌاريو انگريز؟
پوءِ بہ آواز آ بڪواز آ "آزادي قوم"؟

67

Gul Hayat Institute

هنديئو! علم هنر ڳوليو، سڌاريو ڪجھ چال
اي اوهان کي ٿا ڪپن ان ۾ اڇا ڪي سو سال
پانهنجي ذمي اوهان جو آ سڌارو ۽ سنڀال
چت ۽ ڦت چڱو آهہ بدلئي هر حال
ڪٿي چت ۽ ڪٿي انداز آ آزاديءِ قوم؟

---

1. (پ) خرار.

68

حال چا هو اڳي، تاريخ ڏسي ڏيو رايو
ڪوهہ ڪوهہ ٿي نئين نواب ۽ راجا تايو
قوم هندي سندو انگريز وڏو آ پايو
هان! ٻلي شينهن پڙهايو، ڦري ڪانءُ آيو!
وڏي نندي جو اڄ آواز آ "آزاديءَ قوم!"

69

ڇو نہ پُوڄا جو، ٻُتن جو ٿئي شيدا 1 هندي
هر جڳهہ مسجد آ، مندر آ، هُويدا 2 هندي
ڪيا غلاميءَ جي لئي پرماتما 3 پيدا هندي
تنهنجي تقدير ۾ زنجير آ، قيد آ، هندي!
ڪاٿي هندي ۽ ڪٿي ناز آ، آزاديءَ قوم!

70

هنديئو! چا ٿي ڪيايو ٿا پيا مغز ۽ مس
مغز پر ڪاٿي آٿوَ، اندر آ پٿّر يا خس 4
هندين ڪي اگر آ عقل تہ آ نقل جو بس
حڪم انگريز مجي ڪئن نہ هندي بيوس!
ڪئن ٻلي ۽ ٿو چوي: "ناز آ آزاديءَ قوم!"

---

1- (پ) عاشق. 2- (پ) ظاهر، پڌرو. 3- (س) خدا، اعليٰ روح. 4- (پ) ڪک.

Gul Hayat Institute

71

فقط انگريز حڪومت جو سزاوار 1 آهي
هندي ننڍو ڪ وڏو پنھنجو پرستار 2 آهي
پنھنجي جھنڊي جي ڪٿي ڪاٿي نہ للڪار آهي
پنھنجي نالي جو جھان ساري ۾ ڌڪار آهي
خوف جنھن کان ليڪن آ، راز 3 آ آزاديءَ قوم.

72

وڪيل آهن: اي وڪيلن کي نگھدار 4 نہ چئو
پنھنجا هشيار: هي سردار تمندار 5 نہ چئو
اُمت 6 آهن اهي پنھنجي: هي عملدار نہ چئو
هندي ڪجھہ جنس شرافت جا خريدار نہ چئو
ڪنھن حوالي ڪريون جا ساز آ آزاديءَ قوم؟

73

ڇاڏون ٿا خوب سياسي سيڙي چاڙھيون لاهيون
پنھنجي وس آ تہ ڪنھين قوم کي ناهيون ڏاهيون
ملڪ کي اونڌو ڪريون يا سنئون جيئن چاهيون
هندو مسلم جو ٿئي ناهہ! اسان مٺا آهيون؟
مشڪل آهي تہ سندو ناز آ: آزاديءَ قوم.

---

1- (پ) لائق. 2- (پ) غلام، ٻانهو. 3- (پ) ڳجھہ، گم شيءِ. 4- (پ) سنڀاليندڙ (انصاف جا). 5- [پ] وڏي لشڪر [تمن] جو مالڪ، سردار. 6- [ع] قوم، پوئلڳ.

Gul Hayat Institute

74

هند جي جند چڙيون ڪٽ مٽيي مارئي ڪان سواءِ
ڪيئن هٿ ملڪ اچن ٿا رت هارئي ڪان سواءِ
ڪيئن رڪ ٿو ٽهي اوّل ۾ پگهارئي ڪان سواءِ
هندي چا چاڙي پٽڻ ڪان ۽ پڪارئي ڪان سواءِ
خالي ڪوڪو فقط آواز آ: ”آزاديءَ قوم!“

75

روح جي عين صفائي ۾ آ انسان جو ڪمال
۽ بدن ڪي ملي مٽي ٿيو گدڙن جي مثال
هنديئو! خوش رهو هن حال ۾ بي فڪر و خيال
قوم انگريز ۽ پيارت ۽ زر ۽ مال ۽ سنڀال
چوءِ ته ديوانه[1] دغاباز آ آزاديءَ قوم.

76

نه جتي علم هنر آهه، نه قدر سُخن[2] آهه
اِتحاد آهه جتي خير[3]، نه حبِّ وطن آهه
نه دل زنده ڪتي آ، نه ڪلهي تي ڪفن آهه
خوف انگريز ڪي ڪهڙو جتي هي انجمن آهه
جت غلاميءَ ۾ سجو راز آ آزاديءَ قوم.

---

1. [پ] چريو. 2. [پ] شعر، ڪوتا. 3. [ع] چڱ ڪجهه به نه.

Gul Hayat Institute

77

شاعرانه خيال:

حيف حيدر هي ڪلام آهه، مگر آهي ڇا
پاڪ آزادي مٿان اهڙي نظر آهي ڇا
تون ته آزاد طبيعت هئين پر آهي ڇا
هي غلاميءَ ۾ غلاميءَ 1 جو اثر آهي ڇا
جنهن ڪرائي نظر انداز 2 آ آزاديءَ قوم.

78

شعر ههڙي ڪان ته هئي توڪي خموشي بهتر
تنهنجي بڪ بڪ جي گلا ٿي هلي گهر در در
هاڻ ڪچ طرز سخن ڦير ۽ آڻ اهڙو اثر
جو مُدَبر 3 به چون مست ٿي: حيدر! حيدر! 4
نظم 5 هي ناهه، هي اِعجاز 6 آ آزاديءَ قوم!"

79

همنوا! 7 هاءِ جو محدود ٿي طاقت منهنجي
وَرنه 8 آفلاڪ اُڏائي ها عزيمت 9 منهنجي
آ بُري طرز، حڪايت، نه حڪايت منهنجي
بُري قسمت ٿي، بري ناهه طبيعت منهنجي
پانهنجو درد دل و آز 10 آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- هي مصنف جي نوڪريءَ جي زماني جو نظم آهي. 2- (پ) نه ڪرڻ=ڇڏڻ. 3- [ع] ملڪي، سياسي معاملن ۾ ماهر. 4- [ع] شينهن. علي المرتضيٰ جو لقب ۽ مصنف جو تخلص. جوش خروش جي موقعن تي مسلمان حيدر! حيدر! جا نعرا هڻندا آهن. 5- (ع) شعر. 6- [ع] معجزو. 7- [پ] رفيق. 8- [پ] نه ته. 9- [ع] ارادو. 10- [پ] اڃ، آس.

80

قيدِ "حبِّ وطن از ملکِ سُليمان خوشتر"
زخمِ "خار وطن از سُنبل و رَيحان خوشتر"
يوسف مصر نہ شد با همه فرمان خوشتر
همچنين گفت: "گدا بودن کنعان خوشتر"
واهہ هي گفتهٔ 1 شيراز 2 آ آزاديءَ قوم ۔

81

شاد شيرازي رهي هند ۾ حيدر خوشتر
بيوقوف آهہ تہ پيي پانهنجو اکثر خوشتر
پئي جي محلات کان آ پنهنجو ڪچو گهر خوشتر
ڏارئين زربفت 3 کان آ پانهنجي کدّر 4 خوشتر
جهڙي ڪپڙي جي لئي بزّاز 5 آ آزاديءَ قوم ۔

82

ٽند گاڏيءَ جي ٽڪي تيز آ ٽلوارن کان
چيڪ چرخي جي ڪڍي ڪيڪ ٽي سردارن کان
ٽا شهنشاهہ ڏکن چرخي سبب بارن کان
هي خبر جانچو ولايت جي نگهدارن کان
جن جي هر ملڪ ۾ ممتاز آ آزاديءَ قوم ۔

1۔ (پ) پول۔ 2۔ هن مان اهلِ شيراز مراد آهي: ايران جو مشهور شهر جتي وڏا شاعر ٿي گذريا آهن: حافظ، سعدي ۽ عرفي وغيرهہ۔ 3۔ (پ) ڪيمخاب، ڪپڙو سون ۽ پٽ جي تندن سان ٺهيل 4۔ (هہ) اهو ديسي ڪپڙو جو هٿ جي ڪتيل سٽ مان هٿ جي آڏاڻي تي اُڻيو وڃي۔ 5۔ (ع) ڪپڙا وڪڻندڙ (بجاج) ۔

Gul Hayat Institute

83

جگر شير نه آهي ته اها جنگ سهي
تيزي تازيءَ 1 جي آگر ناهه خر لنگ 2 سهي
غيرت ۽ شرم اگر طبع نه آ ڍنگ 3 سهي
هان مگر ڪڇ ڪريو بي لذّت ۽ بي رنگ سهي 4
نڪمائي ڪري ناساز آ آزاديءَ قوم.

84

جئن هوا ساهه جي لئي، سڄ بصارت 5 جي لاءِ
جئن فضا 6 ماده 7 جي حرڪت 8 ۽ عمارت 9 جي لاءِ
آهه آزادي ائين مغز جي طاقت جي لاءِ
آهه آزاديءَ قوم ايئن شرافت جي لاءِ
دلنواز آهه سر افراز 10 آ آزاديءَ قوم.

85

اي دلارام 11 جهان، دهشت 12 دسرت 13 وڪرم 14
شوڪت شاهه جهان، اڪبر اعظم جا دم
اي نگهه جنهن جي فلڪ کي ڪري درهم برهم 15
صورت عزّت ۽ تفسير محبّت، اي صنم!
اي به صد ناز ڪڏهن باز آ 16 آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (ع) عربي گهوڙو. 2- (پ) منڊو گڏهه. 3- ڍونگ، ڪوڙو ڏيکاءُ. 4- جيئن هي شعر آهن. 5- (ع) ڏسڻ جي طاقت. 6- (ع) ڪليل ميدان، پولار (Space) 7- (ع) اها شيءِ جنهن مان ٻيون شيون ٺهيون وڃن (Matter). 8- (ع) چرپر. 9- (ع جوڙجڪ. 10- (پ) وڏي مان وارو. 11- (پ) دل کي آرام ڏيندڙ، معشوق. 12- (ع) دٻدٻو. 13- [س] سورج بنسي خاندان مان اجوڌيا جو راجا، رام جو پيءُ.

86

انگريزن ڏانهن:
بيشڪ آهين گهڻا صاحب جن جا احسان
لاهي هرگز نہ سگهون فوني جي فن جا احسان
شيڪسپيئر 1 جا ۽ علمن هنرن جا احسان
زور سهني ڪان غلاميءَ جي مزن جا احسان
وارو آيو هيئنئر انداز آ آزاديءَ قوم.

87

ليڪ، انگريزو! ڪڏهن ياد ڪيو ياد احسان
جي اوهان جي مٿان آهن پي ڪيا هندوستان
ڪهڙي انگريز نہ ڪاڏو آ هتان نيمڪ نان 2
اي نمڪ کائي حلالي ٿيو، بنجو انسان
هي تقاضا 3 آ، اهو راز آ آزاديءَ قوم.

88

صاحب انگريزو! پڏو هنديءَ وحشي 4 جو ڪلام 5
جو ڪري پئي ڪي غلام آهہ حقيقت ۾ غلام
هان، مگر هند جي جيئن ڪي ڏيئي رنج ۽ دام 6
ڪهڙي محلات ۾ وهندا وٺي آننڌ آرام
جنهن جي ٿي لاءِ سبب ساز آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

14- (س) وڪرماجيت (بهادر): هندوستان جو راجا. اڪثر هندن جو سنبت هن کان شروع ٿئي ٿو. 15- (پ) هيٺ مٿي.
16- (پ) ٻہ: وري اچڻ.

1- وڏي ۾ وڏو انگريز ناٽڪ نويس. 2- (پ) ماني، روٽي. 3- (ع) طلب. 4- (ع) جهنگلي. 5- (ع) شعر. 6- (پ) ڦندو، ڦاهي.

## 89

غمڪده 1 آهه جهان، آهه اگر دل دل ۾
ٻئر آ 2 جو نه ڳري ٻئي ڪي ڏسي مشڪل ۾
تَبَر 3 آ جو ٿو وجهي زخم خوشيءَ ۾ ڪل ۾
خون چنبڙيل آ سدا دست و دل قاتل ۾
ڪجھ نه ڪجھ درد ۾ دمساز 5 آ آزاديءَ قوم

## 90

ڇا جون هي لنبيون تقريرون، هي غوغا ڇا هي
”حق هر قوم جو آزاديءَ و صلح آ“ ڇا هي5
اي انهن اعليٰ اصولن سندي دعوا ڇا هي
هند هڪ ملڪ نه آ، قوم نه آ ڇا، ڇا هي
ڇو مگر قيد سندن ناز آ آزاديءَ قوم؟

## 91

اي اسيرن اڳيان انگريز خبردار، نه آ
دردمندن جي ڪڍهن دانهن ٿي بيڪار نه آ
قيد جان آهه، پر آواز گرفتار نه آ
هند سرڪار مٿان ڇا وڏي سرڪار نه آ
جنهن هٿ انجام ۽ آغاز آ آزاديءَ قوم!

Gul Hayat Institute

---

1- (پ) ڏکن جو گهر. 2- انسان ناهي. 3- (پ) کهاڙي. 4- (پ) دوست. 5- ائٽلانٽڪ چارٽر ڏانهن اشارو آهي.

92

دولتمندن ڏانهن :

اهل دوست 1 جو مثال ايئن ئي سمجهُو سمجهن
جيئن دريا ۾ ڪو ٻيڙيءَ تي ڪري سير و جشن
ويهه ماڻهو ٿا سندس آڏو لُڙهن، غرق ٿين
ليڪ مُتوقع ۽ جڳهه هوندي بچائي نه انهن
جشن ۽ سير سندس ساز آ آزاديءَ قوم (آ).

93

يا جيئن ڪو ٿو رکي ٽوپيون پنجاهه هزار
ڪئين قميصون، لڪين پاجاما ۽ جتين جي بزار
گهه گدامون، ۽ انن جا ٻه اکيچار خرار
پر نه ڪڍهين لهي ڪنهن زار ۽ بيمار جي سار
آور هڪ آس آ، هڪ آز آ آزاديءَ قوم.

94

زر 2 جو مطلب ته اهو ئي ٿيو سمجهائي ڪو
زر نه مالڪ جو متو پيٽ واڌارائي ڪو
زر ڪي بالذّات 3 نڪو ڪائي نڪو پائي ڪو
ڪوئي پائي ته ڪري ڪارو، هي ازمائي ڪو
انهي ڪارڻ سان ناساز آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1۔ شاهوڪار. 2۔ (پ) سون، ناڻو. 3۔ (ع) پاڻئون، بي واسطي.

95

ڪو ٻلي يُوسُف 1 آ، دولت ۾ نظام 2 آهي ڪو
ڇو نہ حڪمت ۾ آرسطوُ 3 جو امام آهي ڪو
پهلوانيءَ ۾ ٻيو رستم سام 9 آهي ڪو
هيچ 5 مان آهہ سنڌس پر جي غلام آهي ڪو
هيچ ڪان نيچ، جي ناساز آ آزاديءَ قوم۔

96

آ غلاميءَ ۾ مگر مرد جي پيدائش مُحال 6
هن فضا ۾ آ سنڌس بود 7 ڏکي باش 7 محال
هن زمين کي ڪري تسليم 8 سنڌس لاش محال
هن هوا ۾ آ سچو پيار ۽ پرڪاش 9 محال
مرد جي راز جو ابراز 10 آ آزاديءَ قوم۔

97

قومون آزاد اگر ناٽ ڪرن، شوق تمام
حاڪمن سان نہ جڳائي تہ ڪري ريس غلام
حاڪمن سامهون مري بلڪ حيا شرم ۾ خام
قهر آ، ظلم آ، هندي ٿي هرجا بدنام
جنهن سان هر حال ۾ ناساز آ آزاديءَ قوم۔

Gul Hayat Institute

---

1۔ سونهن ۾۔ 2۔ نظام دکن دنيا ۾ تمام وڏن دنيا دارن مان سمجهيو وڃي ٿو۔ 3۔ مشهور يوناني فيلسوف (Aristotle)۔ 4۔ رستم بن سام، مشهور ايراني پهلوان۔ 5۔ (پ) ڪجهہ بہ نہ۔ 6۔ (ع) ڏکي۔ 7۔ [پ] جيا پو۔ 8۔ [ع] ڪرڻ=قبولُ ڪرڻ۔ 9۔ [س] نور، روشنائي۔ 10۔ [ع] پيدا ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ۔

98

عيش عشرت جي بجا ڀاڄ کي ماتم ٿو ڏهي
عيش عشرت جي بجا موت ٿي همدم 1 ٿو ڏهي
موت کي ڀاڄ کان نفرت ٿي اچي غم ٿو ڏهي
هندي اچ حرفِ غلط 2 کان به ڪئو، ڪم 3 ٿو ڏهي
جنهن کان بيزار آ، اِفراز 4 آ آزاديءَ قوم.

99

پئسي وارئو! اچو، هن وقت نه انڪاري ٿيو
پئسو ڪنهن پر جي پرايو، پَرَاُپڪاري ٿيو
زر پرستي ڇڏي انسان جا پوڄاري ٿيو
محل ۾ موهه ڇڏي مانَ جا واپاري ٿيو
مان آ شان آ اِعزاز آ آزاديءَ قوم.

100

جيسين انسان، جي انسان اڳيان عزت ناهه
جيسين زر جي عوَض انسان جي دل دولت ناهه
جيسين سڀ ڪم کان اُتم پورهيو نه آ خدمت ناهه
پانهنجي حصي ۾ امڪان خوشي فرحت ناهه
ڀاڄ کان دور نظر ناز آ آزاديءَ قوم.

---

1- [پ] دوست. 2- [ع] ح غ، اهو حرف جو چوڪ
کان لکجي ويو هجي ۽ جنهن کي ڊاهڻو پئي. 3- [پ] گهٽ.
4- [ع] جدا ڪيل.

Gul Hayat Institute

101

قومـي آزادي مـلي ويئـي تـــہ هـــر چيز ملي
ديـس جـي واڳ ملي، زيست جـي تجويز ملي
تـــاب 1 پـــرواز مـــليو، هـمّـت پـاڪيز 2 ملي
عيش ۽ شـوق ۽ شوڪت جي سَنَدَ 3 نيز 4 ملي
شـوڪـت آ شاهہ آ شهباز آ آزاديءَ قوم.

102

غريبن ڏانهن:
جنهن کي دولت ملي تنهن کي نہ ملي دل اڪثر
جـي ملي دل تہ اها پيي ٿـي پٿر، توڙي گـُهـر
معدنَ 5 لعل مثان ڪـاٽي ڏنـوَ سبزي ۽ جر
سـاوڪ ۽ ساهہ ڪـي سـاڙي ٿا چڙن لعل ۽ زر
هاءِ ساڙي تنهين بوُ ناز 6 آ آزاديءَ قوم.

103

پـل ٿئـي ســـارو جـهانَ پـاهہ، سگهي دور آهن
رزق مـولا کـي ڪـرڻ قـيد ۾ منهن زور آهن
اهـي ڏنـوان نـہ سـمجهو، هـي وڏا چـور آهن
مـــار 7 انـدر ۾ ۽ ٻـاهـر ۾ اهـي مـور آهن
نہ مگر، جن جو 8 دم و ناز آ آزاديءَ قوم.

---

1. (پ) طاقت (اڏامڻ جي). 2. (پ) پاڪ. 3. (ع) اختياري، پروانو. 4. (پ) پڻ. 5. (ع) ڪاڻ. 6. (پ) نازبوُ. 7. (پ) نانگ. 8. مورن جو.

Gul Hayat Institute

107

ڪاوڙ آ ڳاءِ ڪُشيءَ تي، ڇو ٿا ڪاڻو ٻڪرّ 1
هان، ڏسو هيٺ مٿي: جيءَ جو آ جيءَ تي گذر
ڏاهيو قدرت ڪي، 2 اڇو ڏاهيو دنيا نئين سر 3
جاتي خون پنهنجي سوا ڪجھ نہ ُحلال اڇيّ نظر
نہ غلامي جتي نہ آواز آ آزاديء قوم!۔ 4

108

ٿيون اگر قومون گھٽيون هند ۾، ڇو ٿيون غمگين
دل جي سوڙهي نہ ٿئي جا ٿئي سوڙهي ڪڏهين
ڪنئين قومن کي سمائي ٿي سگھي هند زمين
ههڙي سر سبز ۽ زرّين، ڪشاده رنگين
نہ فقط هند ۾ ممتاز آ آزاديء قوم۔

109

گڏجي گهارڻ ۽ گذارڻ اگر آسان نہ آ
ڪير ۽ ڪنڊ ٿيڻ جو اگر امڪان نہ آ
گيت گيتا جو اگر قرئت 5 قرآن نہ آ
دوستو! ذار ٿي گهارڻ کان ٿڌهن شان نہ آ
ڪجھہ بہ ناهي جي نہ همراز آ آزاديء قوم۔

---

1۔ ان ۾ بہ پرماتما جو ساهہ پيل آهي۔ 2۔ چاڪاڻ تہ ان ۾ اهڙو ظالمانہ سرشتو آهي جو هڪڙا جيءَ انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن تہ اهي ٻين جيئن جو کاڄ ٿين۔ 3۔ حالانڪ قدرت کي ناس ڪرڻ ۾ بہ جيئن جو مارڻ ضروري ٿيندو۔ 4۔ جا ڳالهہ امڪان کان ٻاهر آهي۔ 5۔ (ع) قرآن جو پڙهڻ (خوش آواز سان)۔

Gul Hayat Institute

110

جنهن کي انسان جو جامو مليو، اعليٰ آهي
کهڙو رُدّي نہ هجي پنهنجو سڳويا آهي
ٿي انهيءَ طرح ٿي پنهنجي 1 سڄي دنيا آهي
ورنہ محتاج نہ ڪل پاڻ کان وڌ ڇا آهي
ورنہ ڇو پنهنجو ٿي حق ناز آ آزاديءَ قوم،

111

مسلمان ڏانهن:
پاڻ وٽ ڇا هئي رهيو، ڳالهہ تہ آ صاف مُعاف
فقط إفلاس 2 ۽ آسلاف 3 سبب لاف گزاف 4
ٿيو نہ بدحال ڇڏي حال، ٿي انصاف خلاف
مذهب ايمان کي ڪيو عقل ۾ انصاف ۾ صاف
جيئن صاف آهہ سرفراز آ آزاديءَ قوم،

112

اي مسلمان! لهو ساڻ، ٿيو مرد مثير
پاڻ آزاد ڪيو، هموطنن کي بہ دلير
ڇا هي! اڄ پانهنجي پاڇي کان ڊڄو ڇو ٿا شير
ڪير آهي جو مسلمان جو اورانگهي پير
هديہٴ 5 جذبہ جانباز6 آ آزاديءَ قوم،

---

1- انسان ذات جي. 2- (ع) مسڪيني. 3- (ع) سلف جو جمع: اڳئين زماني جا ماڻهو. 4- (پ) گپ پيش: ڏ گپ= هڙا لپاڙ. 5- - (ع) هہ زير ي زبر: قيمت. 6- (پ) سر قربان ڪرڻ وارو سپاهي.

113

خالق الله تہ مخلوق تيو سارو جهان
جنهن ۾ هر آرض 1 وسما 2 آئيو، انسان، شيطان
دين الله جي مخلوق تہ آ ڪُفر ڪتان
پيارو! اشرفِ 3 مخلوق آ انسان، قرآن؟
ظلم جي زور سان ناساز آ آزاديءِ قوم!

114

ڪاہ بيچُون 4 جي تصوير تَصوُّر 5 غلط آ
پل ڪٿي چا بہ وسيع 6 آهہ ۽ فرحت نمط 7 آ
هوُ اچا آور آ، چا تابِ خيال آهہ خط 8 آ
هڪ بيان بيحد آ چا پاڻي جو قطرو فقط آ 9
هتي هڪ وهم جو آواز آ آزاديءِ قوم.

115

ٻين ٻاجي سان پڇي ڪيئن ٿي غازي 10 جي نماز
اهڙي شيءِ ٿاڪُئين آهي تہ چو آ مايهٔ 11 نماز
اي مسلمانو! ڇڏيو ضعف 12 تَمَسْخُر 13 ۽ مجاز 14
ٿي فنا ذوق بقا 15 ونّو، ٿيو شير حِجاز 16
جنهن جي آقوال 17 جو اِيجاز 18 آ آزاديءِ قوم.

---

1- (ع) ڌرتي. 2- (ع) آسمان. 3- (ع) سڀني کان عزت وارو.
4- (پ) بيمثال هستي، خدا. 5- (ع) خيال [Concept].
6- (ع) ڪشادو. 7- (ع) ڍنگ، طرز. 8- (ع) لڪيرڙهہ.
9- تڏهن هڪ خالق جي بيان جي چا مجال. 10- (ع) مسلمان بهادر سپاهي. 11- (ع) بنياد. 12- (ع) ضعيفائي. 13- (ع) چرچو. 14- (ع) حقيقت کان برخلاف، نقل. 15- (ع) هميشہ جي حياتي. 16- شہ مان علي المرتضيٰ مراد آهي، جنهن لاءِ خيال آهي تہ نماز پڙهندي بلڪل بي خبر ٿي ويندو هو.
17- (ع) قول جو جمع: گفتا. 18- (ع) اختصار.

116

چاهيو آخر ٿا هتان سنڌ مان هندو نڪرن؟
محل ۽ مال ڇڏي هت، وڃي ڪٿ ڪٿ پئڪن؟
هتي سيلان ۽ برما مان مسلمان اچن؟
هر ڪم پرديس ڪري ديس، ڪري گلشن بن؟
هي اوهان جو غرض آزار آ آزاديء قوم؟

117

چو نہ شيعن جي حوالي ڪجي ڪجهہ ملڪڙو يار
جت اصحابن 1 تي وجهي لعنتون بڻجن ديندار 2
هر مذهبي کي ڏجي چو نہ حصو ملڪ جو ڌار
هند جو نام نشان گم ڪري ڇڏجي يڪبار
هان مسلمان جو هي راز آ آزاديء قوم.

118

پاڪ پهريائين غلاميء کان ڪيو گهر پنهنجو
گڏجي اڄ هم وطن ساڻ ڏيو سر پنهنجو
پوء ڇا هند آ، هر هنڌ آ ڪر 3 فر 3 پنهنجو
ڪير آ جو کسي آزادي جو زيور پنهنجو
قوم جي قصّي جو ايجاز آ آزاديء قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (ع) اصحابن (خليفي ابوبڪر ۽ عمر ڏانهن اشارو آهي). 2- ڪي شيعا ڪن اصحابن تي لعنت وجهڻ کي عبادت جو درجو ڏيندا آهن. 3- (پ) شان، شوڪت.

119

ذوق، تعليم آ، تهذيب آ، طاقت اگر آ
هند ۾ ڪونه مسلمان کي خوف آ خطر آ
ورنه انسان جو دشمن جگر آ پنهنجو گهر آ
جنهن جي لئہ چاره ڪٿي آ نہ ڪٿي چاره گر آ
جنهن لئي قيد آهہ جو آواز آ ”آزاديءَ قوم!“

120

هند ۾ ٿي ڪري هندن سان عداوت1 چا هي
ننگ پاڙي جو نبيّن کي هو، آيت چا هي:
اي ”لَڪُمْ دِيۡنُڪُمْ“2 اسلامي هدايت چا هي
”عالمن واسطي رحمت“3 جي عنايت چا هي؟4
هي وڏو راهہ تہ همراز آ آزاديءَ قوم.

121

پاءُ آ، عضوو آهي پانهنجو، انسان جو آهہ
خير عضوي جو نہ آهي تہ خطر جان جو آهہ
غير5 ۾ غصو حصو دوستو! نادان جو آهہ
آهي الله تہ هندو جو مسلمان جو آهہ
آهہ اعجاز تہ اعجاز آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1۔ (ع) دشمني. 2۔ (ع) اوهان لاءِ اوهان جو دين (۽ اسان لاءِ اسان جو دين). هي قرآن جي آيت آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ دين ۾ هر ڪنهن کي آزادي آهي. 3۔ رحمت العالمين. 4۔ تہ مسلمان ٿي ڪري هندن ۽ غير مسلمانن کي خون ڪيو؟ 5۔ (ع) پيائي.

122

عام ڏانهن:

هند ئو! هند جي ڪـڄ لاڄ، اي پيارئو! سمجهو
هندڪي ۽ پيو مسلمانڪي ساري تـہ ڇڏيو
ذات اصلي ڪي وٺو، نقل جي منهن ڏوڙ وجهو
اوّل انـسـان ٿـيـو، آخـري انـسـان ٿيو
فقط انسان جـو حق نـاز آ آزاد يءَ قوم.

123

جـو غلامي ۾ بہ جي ٿـو سگهي مذهب، ڇاهي
ماڻهو ماڻهوءَ ۾ ڏڪار آڻـي، تـہ مطلب ڇاهي
غَيرت ۽ فڪر سوا زيست جو مَنَصب 1 ڇاهي
هند ئو! ٻاريو، هـلـو، حال مُذَبْذَب 2 ڇاهي
ماري ويـئـي سبب نـاز آ: آزاد يءَ قوم!

124

اي غلاميءَ جي جـئـڻ کـان مـرڻ ئـي بهتر آهہ
اي غلاميءَ جو رڱـڻ تـوڙي ڪـاڻ خـواري آهہ
چو نہ ٿـو منهنجو سنت سـاهـہ ڪيڊين يا الله!
زنـدگـي منهنجي ۾ ڇـا تنهنجو جلال آهہ ۽ جاهہ
نہ اگر منهنجو حصو نـاز آ آزاد يءَ قوم.

---

1- (ع) رتبو، عـهـدو. 2- (ع) شڪي حالت ۾، ڊانواڊول.

Gul Hayat Institute

127

جو بہ مذهب آهي انسانـي مـحبـّت جي **خلاف**
آهہ خالق جي **خلاف**، آهہ سو قدرت جي **خلاف**
پنهنجي هستيءَ جي **خلاف** آهہ، طبيعت جي **خلاف**
شان انسان جـي **خلاف** آهہ، شرافت جي **خلاف**
رمز هـي سمجهو تہ همراز آ آزاديءَ قوم.

128

ذات مذهب 1 آهـي انساني محـبّت جـي خلاف
گـرچہ 2 هرڪو هٿي انساني اُخـوّت 3 جي لاف 4
دين هرڪو ٿو دوئي 5 سان ڪري دنيا کي شگاف؛ 6
”هڪڙا ان دين جي تابع، ٻيا ان دين خلاف؛ 7
”مُعـتـقد 8 جو ئي حصو ناز آ آزاديءَ قوم.“

---

1- جنهن نمـوني ۾ مذهب استعمال ٿـي رهيا آهـن.
2- (پ) جيتوڻيڪ. 3- (ع) ڀائپي. ياد رهي تہ هندو ڌرمن ۾ ڀائپي بلڪل گهٽ آهي. چار ورن ڀائپيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ پئي رهيا آهن. اسلام جي برادري صرف مومنن تائين محدود آهي. انسان الله جا دشمن ۽ الله انسان جو دشمن؛ هي خيال قرآن ۾ عام آهن. ائين بہ روايتون آهن تہ مسلمانن ۾ 73 فرقا ٿيندا ۽ فقط هڪ فرقو بهشتي ٿيندو ۽ ٻيا سڀ دوزخي. غير مسلمانن جي ڳالهہ تہ پري آهـي. عام انساني برادري جو عملي تخيل حقيقت ۾ تازو آهـي ۽ زمانہ حال جـي علوم، ايجادات ۽ فلسفي جو نتيجو آهي. 4- (پ) ٻٽاڪ. 5- (پ) ٻيائي. 6- (پ) ڇـ ڪرڻ=چيرڻ. 7- بموجب اصول: جيڪي اسان سان نہ آهن سي اسان جي برخلاف آهن. 8- (ع) مڃيندڙ.

Gul Hayat Institute

129

جنگ دنيا جو نه جرمن تي نه انگريز تي ڏوھه
آ ضعيفن جي زر ۽ ملڪ تي ھر ڪنھن جو موھه
ھنديئو! زور ۽ شڪتي ڪيو پيدا 1، ٿيو لوھه
پوءِ ڪير آ ھو ڌاريو جو ڪري ڊوھه ۽ ڇوھه
زور سان شور سان آنبازا آ آزاديءَ قوم.

130

زندگي زنده دلي زور زبردستي آھه
ورنه انسان ٿئي ڪيئن ھا دنيا ۾ شاھه
چونه مٽي سان پٿر ساڻ ڪري پيار الله
اگر آرام ۽ خاموشي آ مقصد جي راھه
اگر ان جاءِ لِڪل راز آ آزاديءَ قوم2.

131

ناھه ھمت تہ آزادي بہ ھڪ بار ۽ چار
جا ٿي اُلٽو ڪري مالڪ کي گرفتار ۽ خوار
آدم ايڪي سان آھِمسا3 بہ آ تلوار جي ڌار
جنھن اِڳيان بيھي سگھي صاحب تاتار4 نه زار5
جنھن اڳيان قرب جي قيماز آ آزاديءَ قوم.

---

1- (پ) شريڪ، پائيوار. 2- نثر: راز آ آزاديءَ قوم آ. ساڳي طرح قافيو ڪيترن ھنڌن ڪم آندو ويو آھي، مثلاً، مصرع 3، 5، 11، 37 وغيرھه وغيرھه. 3- (س) غير تشدد، صبر سان ظلم جو مقابلو ڪرڻ. 4- ص ت- مان چنگيز خان ۽ 5- زار مان اڳيان روسي شھنشاھه مراد آھن. اھي زبردستي ۽ ظلمي طاقت ڪان مشھور آھن.

Gul Hayat Institute

132

پروسو دوستو! نيرنگ 1 جهان تي نہ رکو
جيڪي اچ ٿي سگهي، هرگز هي سهان تي نہ رکو
ڪجھ ڪريو ڪار، مدار آهہ 2 و فغان 2 تي نہ رکو
پنهنجي طاقت تي ۽ دشمن جي خزان تي نہ رکو
طاقت آ، تاب آ، اِجزاز 3 آ آزاديءَ قوم،

133

سال صدّيون آ، غلاميءَ ۾ گهڙي پهر سهي
چو نہ آ بي لڄي جيئڻ ڪان مٺو زهر سهي
اي ڪري لهر سهي، قيد سهي، قهر سهي
نہ لڙو راهہ حقيقت ڪان، لتڙي دهر 4 سهي
ساهہ سر گهوريو، اِنجاز 5 آ آزاديءَ قوم،

134

نفس هر ماڻهو فِرعون 6 کان ڪمتر 7 ناهي
ليڪ هر ڪنهن کي اهو زور اهڙا زر ناهي
جوڙ انسان جي غلاظت سوا جيترو ناهي
خون، قربانيءَ سوا چارو برادر! ناهي
خون قرباني سوا راز آ آزاديءَ قوم!

Gul Hayat Institute

---

1- (پ) جادو، عجيب چيز. 2- (پ) دانهن. 3- (ع) ڪنهن لاءِ تيار ٿيڻ. 4- (ع) دنيا جو زمانو. 5- (ع) وعدو پورو ڪرڻ. 6- مصر جو ظالم بادشاهہ. 7- (پ) گهٽ.

135

خُون اگر آهہ جفا خوف جفا آهہ جفا
خون تي آهہ ٻڌل ڪعبه1، ڪليسا2 هرجا
خون جو درياهہ نِهان3 زير4 عدالت گاهہ آ
ڪاٿي آزاديءَ قوم آهہ مِلي خون سوا
خون اوزار آ احراز5 آ آزاديءَ قوم.

136

ڪهل ٻاٽيون ۾ ٻهانا ڇڏي سر گهور ٿي مور
خون ڪر رنگ حِنا6 گهوٽ ٿي پيهر اورتي سور
لوهہ کي لوهہ وڍي ٿو، ٿو ڀڃي زور کي زور
شير جي چنبي اڳيان ڇا ٿو لڳي ٻور جو شور
جنهن جي لئي لٽ ڪٺي ڪاز7 آ آزاديءَ قوم.

137

خونُ تي ڏي ٿو رکي ساهہ ۾ هرڪار مدار
خون قيمت ٿي رکي آهہ جي شيءِ جي لائق پيار
خون جو پيارو رکي ٿو آ سدا خوار ۾ زار
هند يئو! خون ڏيئي ۾ ڪيو پيدا گلزار
جنهين گلزار جو پرداز8 آ آزاديءَ قوم.

Gul Hayat Institute

---

1- (ع) مڪي ۾ مسلمانن جي پاڪ جاءِ، جنهن جي ڊيگهہ ويڪر ۾ اوچائي ساڳي (38 فوٽ) آهي. ڪا دري ڪانهي؛ هڪ در آهي جو فرش کان 7 فوٽ مٿي آهي. ڪعبي جي جاءِ حضرت رسول ڪان پوءِ ٻہ ٽي دفعا ڊهرائي وئي ۽ نئين سر ٺهرائي وئي آهي. 2- (پ) گرجا، عيسائين جي عبادتگاهہ. 3- (پ) لڪل. 4- (پ) هيٺان. 5- (ع) سوگهو ڪرڻ، بچائڻ. 6- (ع) ميندي. 7- (پ) گاهہ. 8- (پ) سينگار.

138

قيد ۾ آهه سدا جو ٿو رکي قيد جو ڏر
قيد کان آجو آ ٿيڻو ته ڪيو قيد کي گهر
قيديو! 1 ڇو رُلو بيقاعده ٿا، ٿيو اندر
رَشڪ فردوس 2 ڪيو قيد کي، زنجير کي زر
قيد آواز آ دروازِ آ آزاديءَ قوم •

139

جيئرو آهه اهو جو ٿو ٻين لاءِ جئي
جيئرو آهه اهو سر جو ٻين لاءِ ڏئي
شاهه آهي جو شهادت 3 جو پيالو ٿو پئي
خونِ شهادت جي سبب پاڪ ٿو زَمزَم 4 کان ٿئي
پاڪ، پاڪائي سندو ساز آ آزاديءَ قوم •

140

ننڊ جي نيستي ڪيتر، اي برادر! ڪجهه جاڳ
اگر آهي تہ ادم، جانفشاني 5 آ ڀاڳ
خونِ جگر جي کان سوا ڪاٿي نہ ٿهي رنگ ۽ راڳ
تحفہ طور آهه ملي ڪاٿي حڪومت جي واڳ
واڳ آ واٽ آ مهماز 6 آ آزاديءَ قوم •

---

1- هندستان اڄ هڪ وڏو قيدخانو ٿي آهي۔ 2- (پ) اهڙي پاڪ جڳهه جو خود فردوس [بهشت] ان لاءِ ريس [رشڪ] ڪري۔ 3- (ع) سچ جي رستي ۾ مارجي وڃڻ۔ 4- (ع) مڪي ۾ هڪ جهونو کوهه جنهن جي پاڻيءَ کي مسلمان برڪت وارو ۽ پاڪ سمجهندا آهن۔ 5- (پ) پاڻ پتوڙڻ۔ 6- (ع) مهميز: لوهه جو ڪڙو جنهن سان سوار گهوڙي کي تکو هڪليندو آهي۔

141

ڪائي ٿا حقؐ آڇن دڙڪن ۽ ڪوڪارن سان
ڪائي ٿا مُلڪ ملن منٿن ۽ نيزارن سان
جي ملن ٿا تہ هٿن ساڻ ۽ ڪجھ ڪارن سان
جي رهن ٿا تہ سرن ساڻ ۽ تلوارن سان
ڪارزار 1 آ قَدَر انداز 2 آ آزاديءَ قوم،

142

ڏوڪرون ڪائي ۽ شب روز نہ بي مان^ ٿي مرو
موت نيٺ ايندو سڀان^، چو نہ اڄ انسان ٿي مرو
گهر ڪي بستر ڪي ڇڏي ديس تي قُربان ٿي مرو
خاڪي پتلو ڇمي، خورشيد 3 درخشان 4 ٿي مرو
اهڙو اعجاز آ انداز آ آزاديءَ قوم۔

143

هندين جهڙي ڪٿي بي حِس 5 و مرده 6 قوم آهہ
هندين قوم جو نالو ڪيو آ ڪارو 7 آهہ! 8
قوم انگريزا! تَعَلُّقَ ڪو انهن سان 9 چڱو نادم
ماڻهن اهڙن تي حڪومت ڪرڻ ڏي آهہ گناهہ 10
جن جي نالي ڏي سان ناساز 11 آ آزاديءَ قوم۔

---

1- (پ) جنگ. 2- (پ) تير انداز. 3- (پ) سج.
4- (پ) چمڪندڙ. 5- (ع) بہ ح=اهو وجود جنهن ۾ ڇهڻ، چرڻ، ۽ تيز ڪرڻ جي طاقت نہ هجي. 6- (پ) مئل.
7- هندو پارسيءَ ۾ ڪاري کي چوندا آهن. 8- (پ) هاءِ.
9- يعني هندستانين سان. 10- حتيٰ ڪ اهڙن ماڻهن سان مٿن حڪومت ڪرڻ جو تعلق بہ گناهہ آهي. 11- (پ) ناراض رنج.

Gul Hayat Institute

144

هند يئو! شمس و قمر آهن اوهان کان غمگين
هند يئو! آهه هوا کئي به اوهان کان نفرين 1
هند يئو! بس گهڻو غمناڪ ڪيو عرش برين 2
هند يئو! بس گهڻو ناپاڪ ڪيو هند زمين
هر جڳهه ناله 3 و آواز آ آزاديءَ قوم.

145

هند يئو! ڪيستائين هند جي هي خواري، هاءِ
ڪيستائين هي مٺي ملڪ سان غدّاري، هاءِ
آ همالہ جي لڄي جي رفعت 4 ۽ خودداري، 5 هاءِ
آهه آزاديءَ سنڌو به شڪي، زاري، هاءِ
وڃي ڪري هند مان پرواز آ آزاديءَ قوم!

146

هندين جو هي ڏسي حال: جواني جوهر
هاءِ اڄ ڇو نه هماليہ ٽٽي ٽڪر ٽڪر
هاءِ سنڌو نه ڪيو بند وهڻ ڇو يڪسر 6
هاءِ گنگا مان وهي خون نه ٿو ڇو گهر گهر
شرمسار اڄ سبب ناز آ: آزاديءَ قوم!

---

1- (ع) نفرت. 2- (پ) مٿانهون. 3- (پ) دانهن.
4- (ع) مٿانهين. 5- (پ) ضبط، پاڻ کي اجائي حرڪت
کان بچائڻ. 6- (پ) يڪدم.

147

اي اکيون! روئو روئو، خون جگر ڪافي ناهه
دل رڳن جان سموري مان وهايو درياهه
جو ڪري غرق سڄو هند، بچي ڪائي نه ساهه
ڪائي ٻي قوم اچي هند وسائي، ٿئي شاهه

جا چوي: ”پنهنجو رما و راز آ آزادي ء قوم“!

148

سوز ۾ جان سڙي خاڪ ٿي چا چا نڪتا
حيدر اڪين مان سنڌ ء ٻاهه جا شُعلا 2 نڪتا
ذرّي ذرّي مان اهي خاڪ مان واڪا نڪتا:
”ديس جا جيڪي ٻه دشمن هوا، نڪتا، نڪتا

ڪراچي ملڪ هي ممتاز، آ آزادي ء قوم!“

149

هنديئو! جاڳو، ڪيو ننڊ ۽ آرام حرام
لاهيو پنهنجي مٿان هي لقب ۽ نام ”غلام“
لاهيو پنهنجي مٿان قيد ڪڙيون دام تمام 3
پاڻ کي ماڻهو بڻايو، نه ٿيو خام 4 نڪام

در وڏو سو جو سدا باز 5 آ: آزادي ء قوم.

---

1- (پ) ٻوڙ. 2- (ع) باهه جي چڻنگ. 3- (ع) سڀئي
4- (پ) ڪچو. 5- (پ) کليل.

Gul Hayat Institute

150

اي رکو مان وڏن جو ۽ ڪٿو ڪجهہ ڏرَ جو1
شان بابر جو شڪي آهہ ۽ عظم 2 اڪبر جو
روح آرجن 3 جو گهٽو رنج آ من شنڪر 4 جو
جهنگلي سمجهي ٿو جو معتقد آ باندر جو5

شير ٿيو، شير آ شهباز آ آزاديءَ قوم.

151

هندڻو! مسانُ لهو ۽ ڇڏيو ورثي ۾ مان
جيئن پويان هي چون: "واهہ وڏا هوا ڪي جوان
"داستان جن جي ڪان دنيا آ هراسان 6 حيران
"ڪيئن اچ ٿو سهي نفرت جي نگهہ هندستان

"جنهن جو انجام 7 آ آغاز 8 آ آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) رتبو، عزت. 2- (ع) وڏائي. 3- (س) صاف، سفيد. پانڊون جو ٽيون ڀاءُ جو زبردست تيرانداز هو. تيراندازي جي ذريعي دروپدي کي جيتيائين جنهن سان پوءِ پنجن ئي ڀائرن شادي ڪئي. ڪرشن مهراج جو مشهور اپديش گيتا ارجن طرف مخاطب هو. 4- (س) بخت وارو، سعيد. هندستان جو مشهور فيلسوف شنڪر آچاريہ. هن نالي سان هندستان ۾ ٻيا بہ ڪيترا فيلسوف ٿي گذريا آهن. 5- ڊارون (Darwin) جي اصول ڏانهن اشارو آهي جنهن موجب انسان باندر جي صورت مان ترقي ڪري هن درجي تي پهتو آهي ۽ اڃا بہ ايترو ترقي ڪندو جنهن جو هينئر تصور ڪري نٿو سگهجي. 6- (پ) ٻدنل، مايوس. 7- (پ) پڇاڙي. 8- (پ) شروعات.

Gul Hayat Institute

152

”هندي جوهر ڪي پلي ڪير اچي جانچي پرکي
”ڪير انگريزا ڇهي پانهنجي گهر کي زر ڪي؟
”ڇا مجال آهه سڪندر کي يا هٽر هٽلر 1 کي
”هند جي لاءِ جو تيار ڪري لشڪر کي
”صف شڪن2 آ، قدر انداز3 آ آزاديءَ قوم!“

153

زالن ڏانهن:
هند جي لاڄ! اي ڪاهل نه ٿيو، خوار نه ٿيو
جنگ آزاديءَ قوم آهه ته بيزار نه ٿيو
پهلواني ۽ دليري ڇڏي مردار نه ٿيو
پنهنجي مردن کان صحبت جي مهل ڌار نه ٿيو
هيءُ فرمان آ آواز آ آزاديءَ قوم.

154

هند جون زالون! اچو ڪچ ڇڏيو آرام ۽ گهر
ڪيستائين اهو سينگار نزاڪت ۾ هنر
ويا سوين هندي مري بند ڪيو تير نظر
پنهنجي مردن سان ۽ پائن سان، ٻچن سان ڏيو سر
جيئن چوَن: زال به سر باز4 آ آزاديءَ قوم.

---

1- جرمن قوم جو حاڪم جنهن گذريل لڙائي ۾ فاشسٽ طاقتن جي مهنداري ڪري هارين ۽ مزورن جي حڪومت [سوويٽ يونين] تي ڪاهه ڪئي ۽ پنهنجو نالو نشان گم ڪيائين.
2- (پ) ص ش = (لشڪر جي) صف ٽوڙيندڙ. 3- (پ) تيز انداز.
4- (پ) سپاهي.

Gul Hayat Institute

155

کھڙيون زالون هيون، جن لئي تو ُرئي راجستان
جن جون ڳالهيون اڃا ڳائين ٿا انسان حيوان
جيڪڏهن جنگ جو ميدان ڇڏي آيو جوان
اندران گهر جي هي آواز ڏنس ٿي دل و جان: 1
”بند دروازه ٿئي دروازا آ آزاديءَ قوم“.

156

هاري:
سنڌ جا ساهه ۽ سردار ۽ دلبر هاري
تنهنجي احسان هيٺ آ بشر هر هاري
تو ڪڍين مٽي منجهان موتي ۽ گوهر هاري
ليڪ بيماري ۽ بک تنهنجو آ زيور هاري
دور تو کان نگهه ناز آ آزاديءَ قوم.

157

پنهنجي طاقت تي ۽ حالت تي نظر ڪر هاري
اڄ زمانو ۽ زمين تنهنجا اٿيئي، پر هاري
جاڳ، يڪمشت 2 ٿي، ڪر پاءُ سڳو هر هاري
پوءِ ڏس حال زميندار ستمگر هاري
پوءِ ڏس کهڙو نه اعجاز آ آزاديءَ قوم.

---

1- دل و جان مان مراد زال [اهليه] آهي.
2- (پ) هڪ مٺ [وانگر].

Gul Hayat Institute

158

استاد ن ڏانهن:

اهل علم، اهلِ هنر، اهل ادب، 1 عالي جناب
حرف گستاخي معاف، آهه اوهان ڏي ٻه خطاب
علم آ چڱا، هنر آ چڱا، ادب آ چڱا ۽ نصاب 2
ٿو ڪري جا ٿي غلاميءَ جو قدم جلوه ۽ تاب 3
نه جتي هاڃ سر افراز آ آزاديءَ قوم!

159

پنهنجا شاگرد نه هڪ وجهه 4 معيشت 5 سمجهو
تن جي هر وقت سنڀال اصل سعادت سمجهو
تن جي تعليم ترقي ۾ غنيمت سمجهو
ٻي بها ديس جي دولت هي امانت سمجهو
جنهن ۾ اميد فلڪ تاز 6 آ آزاديءَ قوم.

160

اي ڪڏهن ٻارڙو آهي ته اڃا اڃ ٻاريو
اي پڙهڻ چاهي، لکڻ چاهي، اُڏڻ سيکاريو
قوم جو ٻيڙو اڏاريو ۽ فلڪ تي تاريو
جنهن تي پل سير ۽ فرحت وٺي پنهنجو ڏاريو
هي غرض پانهنجو هي راز آ آزاديءَ قوم.

---

1- (ع) ساهت، علم زبان. 2- (ع) پڙهائڻ جو مقدار (Gurriculum). 3- (پ) رونق. 4- (ع) ذريعو، سبب. 5- (ع) گذران. 6- (پ) ف ت = آسمان تي پهچندڙ.

Gul Hayat Institute

161

قوم شاگرد حوالي ڪيو اُستاد ئيءَ قوم
تن جي دل ذهن ۾ ويهاريو برباد ئيءَ قوم 1
تن جي رڳ رڳ ڪيو هر وار کي فريادي قوم
در و ديوار کي ڏيو جذبهء 2 آزادي قوم
در و ديوار ٿئي آواز: "آزادي قوم!"

162

جي اوهان کان هي سبق ڪين مليو ڪنهن کان ملي
جي اوهان کان نه اهو فيض هليو، ڪاٿان هلي
جي اوهان کان ئي آدم ڪين ٿيو، ڪنهن کان ٿئي
جي اوهان جو ئي جگر ڪين جليو، ڪنهن جو جلي
اي جگر سوز 3 جگر ساز 4 آ آزادي قوم.

163

شاگردن ڏانهن:

هاءِ ڪاليج! اي تعليم ۽ تهذيب جا گهر
هاءِ هي هندي جوان، چال چلن ۾ دلبر 5
هاءِ ٿيندا هي سيان نيچ نفر ۽ نوڪر
هاءِ ٿيندا هي وچي چور ۽ ڌاڙيل اڪثر
جن سان رنجيده آ ناساز آ آزادي قوم!

Gul Hayat Institute

---

1. اڄ ڪلهه جي بربادي: سياسي غلاميءَ جي صورت ۾ هندو مسلم نفاق ۽ فسادن جي صورت ۾، هارين ۽ مزدورن جي ستائڻ ۽ دٻائڻ جي صورت ۾ وغيره. 2. (ع) امنگ، ولولو. 3. (پ) جگر کي ساڙيندڙ ۽ 4. (پ) ٺاهيندڙ. 5. (پ) دل کسيندڙ.

167

جيسين آزادي ملي، عيش ۽ عشرت ڪيو ناس
جيسين آزادي ملي، هان، ڪيو ماتم جو لباس
خاص ۽ عام جي دل ۾ وجهو قومي اِحساس 1
جنهين احساس سان ٿئي قوم جو ڪم يڪدم راس

جنهين اِحساس جو انداز آ آزاديءَ قوم.

168

هند محتاج آ، مظلوم آ، مسڪين آهي
هند بيمار آ، بيتاب آ، غمگين آهي
هاءِ اڄ ڪا ٿي دوا آهہ نہ تَسڪين 2 آهي
نوجوانو! ڇا اوهان ۾ ائين ڪچ ڪين آهي؟

نہ رسيو درد جو آواز آ آزاديءَ قوم!

---

آزادي هر انسان جو حق آهي. آزادي ئي انسان کي مشاهدي ۽ تجربي ڏانهن مائل ۽ مجبور ڪري ٿي. آزادي ئي قدرت جي عجيب و غريب قانونن ۽ ڪرشمن جا دروازا کولي ٿي ۽ انسان کي پنهنجي پوري حيثيت ۽ قدر کان واقف ڪري ٿي. آزادي ئي تعصب تنگدلي ۽ جهالت جي مرضن کي دفع ڪري ٿي ۽ همدردي، انصاف، فراخدلي ۽ شرافت جون صفتون پيدا ڪري ٿي. غرض، آزادي ئي انسان کي انسان بنائي ٿي. آزاديءَ سان ئي انسان هن دنيا ۾ حيوانيءَ مان چڙهي هن درجي تي پهتو آهي ۽ اڳتي وڌڻ جي اميد رکي ٿو.

1- (ع) ڇهڻ ۽ سمجهڻ جي طاقت ۽ تميز. 2- (ع) دلاسو.

Gul Hayat Institute

169

جيڪڏهن هند مثل آهه تہ زندهہ 1 ڪير
چاهي، چاليهہ ڪروڙن جو آ مڙدن جو ڍير
هاءِ! اڄ ڪوئي مسيحا 2 ٿي گهمائي هٿ پير
جو جياري ٿن، ڪڏي سڀ وير ۾ ميڙ
جنهن جي پيرن جو نشان ناز آ آزاد يءَ قوم.

170

نگهہ اِنسان جي! ڏڪائي چڏي ربّ اڪبر کي
ڪهڙي بات آهہ رجائي اگر او پٿّر کي
ڪهڙي ڳالهہ آهہ اُڏائي آگر او لشڪر کي
جنهن تي باوَر 3 آهي يورپ ِڪه ۾ 4 ِبهتر 5 کي
جنهن پڇاڻي نگهہِ ناز آ آزاد يءَ قوم.

171

هندي فرزند! اُٿي، زور نظر پيدا ڪر!
جو وڄهي ٿرٿلو دنيا ۾، آٿر پيدا ڪر!
نئون چرخ 6 ۾ نئون خورشيد و قمر پيدا ڪر!
نئون گلزار ۾ هيڪار ۾ ڪَر 7 پيدا ڪر!
جنهن سان هر رنگ ۾ همراز آ آزاد يءَ قوم.

”جان دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یوں ہے کہ حق ادا نہ ہوا!“

’آزاد يءَ قوم‘ پورو ٿيو

Gul Hayat Institute

---

1- (پ) جيئرو. 2- (ع) حضرت عيسيٰ جو لقب، جنهن لاءِ آهي تہ هو مئلن کي جياريندو هو. 3- (پ) فخر، وڏائي. 4- (پ) ننڍو. 5- (پ) وڏو. 6- (پ) آسمان. 7- (پ) شان، شوڪت.

# اڻ سهيڙيل شاعري

Gul Hayat Institute

# اڻ سهيڙيل شاعري

1ـ رباعيون

2ـ غزل

3ـ نظم

(1) ڪاليجي ڪبوتر

(2) هاري جو زمانو

(3) ائٽم بام

(4) سنڌ پياري

(5) سلام سنڌ!

(6) اي سنڌي وڏيرا، ڪجهه انسان ٿي!

(7) حيوان انسان

(8) جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

(9) بلوچستان زنده آباد!

(10) اي مٺي جيجل! اي سونهاري سنڌ!

(11) مصطفيٰ ماءُ

(12) پيام امن

(13) پاڪستان زنده آباد!

(14) هوش محمد

(15) اڄ ها عيد آئي.

Gul Hayat Institute

# رباعيون

( 1 )

اي يار ضيا تنهنجي ڪان نابين ٿيس،
زلفن ۾ ٿيس قيد ۽ غمگين ٿيس،
مون کي نه خبر پيئي ورن وڪڙن جي،
ٿيو عقل خطا منهنجو ۽ بي دين ٿيس.

( 2 )

جنهن شي جي نه ايندي جي نه ويندي جي خبر،
آغاز ۽ آخر نه اچي جنهن جو نظر،
ڪهڙي ٿا پڇو شرح بيان تنهن جي مگر!
حيرت جي جهان ۾ ڪيو حيرت سان گذر.

سال 1926ع

Gul Hayat Institute

# غزل

( 1 )

ٿو مرد مرد ٿئي ڪجهه تفنگ تير سهي،
سهي ڪي سور ڪي راز ٿو سرير سهي.
جتي ڪٿي به آزاد آهه مرد آزاد،
ڪڙين ۾ قابو سهي قيد ۾ اسير سهي.
اڏي ويا خاڪ ٿي زنجير زور ۽ زندان،
ڪٿي سگهي ٿو ڀلا تاب حق شرير سهي.
هزار حيلا ڪيائون مگر مري نه سگهيا،
جي دل دماغ جا آزاد هئا فقير سهي.
ڪري جو پئي غلام آهه بس غلام غلام،
حضور صدر سهي زار سهي مير سهي.
غلاميءَ ۾ به آ زنده ته آهه مذهب ڇا؟
ڪو مجتهد سهي علامه سهي پير سهي.
اچي ويو نيٺ هتي "انقلاب زنده باد"،
عوام نيچ سهي ۽ سپاهه امير سهي.
هي دور فوج خوشا! شاد باد پاڪستان،
زبانون بند سهي زخميل ضمير سهي.
سدا بهار رهين خالق آسمان اندر،
زمين ۾ ظلم سهي راڙ ڦاڙ چير سهي.
زمين جي حصي ۾ آندئي خرابي خونخواري،
جهان جي ظاهري تصوير دلپذير سهي.
اهي دعائون ٿي نڪتيون غريب انسان ڪان،
بشر حقير سهي ۽ خدا قدير سهي.
گذر مات ۾ حيدر هي شاعري ڇا آهي؟
خيال ۽ جذبه سنڌ گرچه بينظير سهي.

سينٽرل جيل، حيدرآباد سنڌ. 59 ع

Gul Hayat Institute

# غزل
## (2)

ٿي پلي اهائي قسمت، نہ سهي وصال ٿئي ها!
منهنجي لاش تنهنجي در جي اڳيان پائمال ٿئي ها!

ڪيو انتظار جانان تنهنجو وعدو آبِ حيوان:
جي نہ اعتبار ٿئي ها ڪيئن لحظه سال ٿئي ها!

تنهنجو وار وار پردي ۾ رهي ها هر نظر کان:
نہ بغير جسم جانان جي سندم خيال ٿئي ها!

ڪو اُپاري پنهنجو جوبن، ڇو ٿو ڳاري منهنجو تن من:
هيءَ جواني سخت پٿر نہ الاهي شال ٿئي ها!

ڪيو ڪيڏو شور برپا آ جهان ۾ تنهنجي تصوير:
هاءِ هر طرف نہ مائل نگه جمال ٿئي ها!

تو ڪيي اصل کان هو آدم کي خراب خوار ڪرڻو:
نہ تہ هڪ ملڪ کي مالڪ نہ اها مجال ٿئي ها!

ڇو رُئان ها تنهنجي صنعت تي الاهي روز محشر:
نہ مُنکان سندم گناهن جو اگر سوال ٿئي ها!

هو خدا جو پير هر جا، وڃان ڪاٿي ها، عزيزا!
جتي پنهنجي خون سوا ڪجهہ نہ پيو حلال ٿئي ها!

ڪيو ڪفر گم نہ ايمان تہ ڪٿي رهيو مسلمان:
جي دوئي شمار ٿئي ها ڪٿي ذوالجلال ٿئي ها!

ٿئي ڪيئن قيد قابو نظر ۽ خيال ۾ هُو:
نہ خدا خدا ٿي ٿئي ها جي سندس مثال ٿئي ها!

هي مسائلِ تصوف، هي بيان تنهنجو 'حيدر':
نہ رکين ها عشق ڪافر تہ زهي ڪمال ٿئي ها!

ٿماهي 'مهراڻ' 1-1956ع

Gul Hayat Institute

# غزل
( 3 )

نصيب منهنجي تي هر ڪنهن کي چو نہ ارمان ٿئي،
نہ آهي طرز بيان، ۽ نہ مات مون کان ٿئي.

سدائين منهنجون اکيون تنهنجو نازگاه آهن،
ڪٿي نہ وڃ، اي صنم، ڪافي پنهنجو ميدان ٿئي!

اي موت، ناري آ رڳ رڳ تو منهنجي، خوش رهہ دوست!
اهو ئي دوست چڱو، نيٺ جنهن کان درمان ٿئي.

مون رات ڪيئن اها رڪعت نماز پڙهي،
اِلاهي، چئو نٿو خوابن تي ڪنهن جو فرمان ٿئي؟

گناهہ منهنجا لڙن ٿا خدا جي رحمت سان،
ڏسون تہ ڪير ٿو آخر ۾ زور انهن مان ٿئي!

خدا وساري، تون انسان کي اهڙو پيارو گهر،
جو خود خدا بہ سندءِ خوبين تي قربان ٿئي.

ڪمال زندگي موقوفِ قدرِ همت آهہ،
ڪو آدمي ٿئي شدّاد، ڪو سليمان ٿئي.

معاف ڪر، هي عذابِ ابد نہ مون کي کپي،
اي خضر، هاري هتي چڏ جو آبِ حيوان ٿئي.

اجايو ٿا هتي ڳوليو، هُو مرد هو آزاد،
ڪٿي طبيعتِ حيدر، ڪٿي هي زندان ٿئي!

ٽماهي مهراڻ 1959/2ع

Gul Hayat Institute

# غزل

( 4 )

اسان حق جي بات چوندا رهياسين،
اسان ڏينهن کي رات چوندا رهياسين!
ستمگر جي شمعن کي ۽ مشعلن کي،
شرر شر ۽ ظلمات چوندا رهياسين!
سڪندر کي سامهون ستمگر سڏيوسون،
وڏي وات ڪمذات چوندا رهياسين!
”جهڪو آمريت جي آڏو ۽ آسرو!“
هي ذلت خرافات چوندا رهياسين!
غريبن کي چاڙهڻ، ستمگر کي ڏاهڻ،
هي روح مساوات چوندا رهياسين!
غريبن سان گهارڻ رڻ ڳوڙها ڳاڙڻ،
بهاري ۽ برسات چوندا رهياسين!
غلاميءَ جي جيئڻ کان آ موت بهتر!
شهادت حياتات چوندا رهياسين!
اسان جي حسابن ۾ آ ٻه ته ٻارهن،
اڪيلو عدم ذات چوندا رهياسين!
هڪ آزاد دنيا ۾ خوشحال انسان –
هي منشا مناجات چوندا رهياسين!
هي جذبات حيدر هي ابيات حيدر –
هي سنڌيءَ جي سوغات چوندا رهياسين!

مخزن ’ڪونج‘ بمبئي 19ع

Gul Hayat Institute

# غزل

( 5 )

اي بادشاهہ عالم! سجد و نماز ڇا لاءِ؟
هڏڪ بيمثال خاطر عجز و نياز ڇا لاءِ؟

محتاج تون بہ ٿي وئين ڇا پنهنجي صنعتن جو؛
نالو سندءِ مسبب ۽ ڪارساز ڇا لاءِ؟

ڇا تون بہ بادشاهن جان بادشاهہ ٿي وئين؟
محمود ختم ٿي ويا، باقي اياز ڇا لاءِ؟

ڳارڻ ۾ ڇا مزو آ، مارڻ ۾ آهہ ڇا لاءِ؟
ڪوُ ڪوُ ڪبوترن ۾ بازو ٿي باز ڇا لاءِ؟

حيدر تہ ڪڇ نہ آ پر تنهنجو نہ آ تہ ڪنهن جو؟
آ نانءُ تنهنجو رحمان، بنده نواز ڇا لاءِ؟

مخزن 'ڪونج' بمبئي 19ع

Gul Hayat Institute

# نظم

## ڪاليجي ڪبوتر

1ـ مبارڪ هجي سنڌ ڪاليج خوشتر!
شروع ٿيو نئون سال بافضل اڪبر،
ترقيءَ سان، رونق سان ۽ فيض سان پر،
مبارڪ مدرس ۽ طالب ۽ نوڪر،
مبارڪ اي منظر، مبارڪ ڪبوتر.

2ـ سلام اي ڪبوتر مبارڪ ۽ جاني،
اوهان جو وڄڻ آهه سعادت نشاني!
ٿا ڦيرايو گنبد کي ويس آسماني،
ٿا هو هو سان ڪيو هي مناجات خواني،
"رهي سنڌ ڪاليج سرسبز ۽ برتر!"

3ـ ڀلا پڙڪا آهن اوهان جا اي خوشرو:
ڇا ڇيرن جي ڇڻ ڇڻ ۽ ڪڻ ڪڻ ۽ چو چو،
ڇا اٿڻين ۽ سٽڻين ڏيو بازيون هرسو!
بهاري اُٿي آهه ڪيو ٿا جٿي جو،
ٿا گجگوڙ بادل جان ڪيو ساڻ پر پر!

4ـ رهن جاتي ماڻهو اوهان اُت رهو ٿا،
مگر پاڪ جاين ۾ وهه وهه ٿهو ٿا،
اڏي زائرن جي مٿن تي وهو ٿا،
محبت منجهان امن مان.... نا ٿهو ٿا،
آ فطرت سندو ۾ سڪ ۽ زهد ظاهر.

Gul Hayat Institute

5ـ طبيبن اوهان تي جفا ڪئي روا آهه،
مگر تنهن جفا جو نتيجو شفا آهه،
(انهيءَ راز جو ڄاڻندڙ هڪ خدا آهي،)
غرض فيض جاري اوهان کان سدا آهه.
ثنا ۽ دعا ڇو ڪري ڪين شاعر؟

6ـ ڪريو عجز مان ٿا عبادت خدائي،
ڪريو پڻ سدائي بدن جي صفائي؛
صفائيءَ ۾ ڇهنبون ٿيون ڪن ڪمائي:
ڪمائي سو آهي حياتي اجائي؛
ڪمائي آ ممڪن حياتيءَ جي اندر.

7ـ چڳو ۽ نچو سر نوائي نوائي،
پيو صاف پاڻي (پرن کي پسائي)
نمي، دعا گهرو پوءِ، سبق هي پڙائي:
”تو خالق جو سجدو هميشه لڳائي:
اي مخلوق شامل دعا سجدي سان ڪر!“

8ـ ڪبوتر عجب ڇٽ ڪڍيا رب سبحان،
لباسن سندو ٿي: سنهري گريبان،
سيه دامن، ۽ لعل جوراب ۽ چشمان،
۽ منقارتي سفيد موتي درخشان،
ڪان بهزاد ۽ ماني ٿيا حيران مضطر!

9ـ ڏسو سوٽ رنگين ۽ صاف ڏاڙهيون،
۽ ڪارڙ ۽ نيڪ ٽايون ۽ سايون ساڙهيون،
اڇون، آسماني، گلابي ۽ ڳاڙهيون.
تنهن تي زريون دوستن خوب چاڙهيون،
لباس ۾ ڇو ڪير آهين بهتر؟

Gul Hayat Institute

12ـ ڪبوتر ڪڄو سرڻ ڪاريءَ کان نفرت،
جا ڳولـي وڏائيءَ مان چوٿي عمارت،
ڪري ٿي نہ چوزن ۽ ٻچڙن تي رحمت؛
سندس ظلم جي ڪئنچي آهي ڪليل نت،
آ ڪانگن جـا ماتم ۽ ويڙهيل سراسر.

11ـ خبر رکجو بازن جي جهڙپن کان هردم،
۽ ڪانئن کان، کارن جي چغلي سان. ان سڀڪم،
نہ ٿيو چمڙي، ڪبرن ۽ ڳيرن سان همدم،
ڪجو پرک، ساچهہ، محبت سان محرم،
ٿو سونهين ڪبوتر جـو همدم ڪبوتر!

12ـ مـخـمـس ٻڌي ڪبوترن شڪر ڳايا،
”مبارڪ اي جـانـي، اي انسان چايا،
پـلـي آيا! نـت آيا!! ۽ جيءُ آيا!!!
اسان حان اوهان جا وڌن فـڪـر مايا!
ٿي نڪري اوهان جي زبانن مان شڪر!“

13ـ قسم اچ ڪبوتر جـو ٽـوڪـي ضم ٿئي،
تہ چا لاءِ مون سان هي جور و ستم ٿئي،
محـب تي روا چـاهـي رنج و الم ٿئي،
جو مخدوم تنهنجو نـہ درد شڪم ٿئي،
ٿـي خاموش دردن سان مسرور حيدر.

’نئون دؤر‘ 1924ع

Gul Hayat Institute

# هاري جو زمانو

( 1 )

سنڌ جا ساهہ ۽ سردار ۽ دلبر هاري
قوم جا هار ۽ سينگار ۽ زيور هاري
تنهنجي احسان جي هيٺ آهہ بشر هر هاري
ٿيا زمانو ۽ زمين تنهنجا ثنا گر هاري

قوم ساري ٿي هينئر ڳائي ترانو تنهنجو
اُٺ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

( 2 )

ڪو زمانو هو جڏهن دهر ۾ غمسار هئين
ڪڏهن بيمار هئين زار ۽ بي يار هئين
ڪهڙو غمگين ۽ مايوس ۽ لاچار هئين
غرض مسڪيني ۾ گهر ٻار کان بيزار هئين

هڪ جنم ٽيپ هئي زندان هو خانو تنهنجو
اُٺ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

( 3 )

Gul Hayat Institute

توکي انگريز ٺڳي ڦريو ۽ زميندار لٽيو
وياج خورن ٿي ڦريو، توکي عملدار لٽيو
توکي پيرن ٿي ڦريو، قوم جي سردار لٽيو
توکي بيدردي سان هرهڪ ٿي نمڪخوار لٽيو

ظالمن ٿي لٽيو گهر ٻار خزانو تنهنجو
اُٺ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

( 4 )

پانهنجي حال تي آخر توکي غيرت آئي
ذات هاري ۾ غضب واري بغاوت آئي
هر زميندار ۽ ظالم لئي شامت آئي
”هاري حقدار!“ جي نعري سان قيامت آئي

جهنگ جهر بحر ۽ بر ۾ ٿيو فسانو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو —

( 5 )

تنهنجي طاقت جي اڳيان هر ڪائي طاقت ٿي ختم
تنهنجي حملي اڳيان انگريز حڪومت ٿي ختم
ظالم انگريز سان انگريز جي امت ٿي ختم
يعني جاگيري زمينداري جي لعنت ٿي ختم

جو ٻه هو خوار ٿي دشمن ٿيو روانو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو —

Gul Hayat Institute

( 6 )

هاڻي مزدور ۽ هاريءَ جي حڪومت ٿي آهه
يعني برباد حڪومت جي علامت ٿي آهه
قائم انسان سان انسان جي سنگت ٿي آهه
پورهئي محنت لئي دنيا هتي جنت ٿي آهه

نئي دنيا آ مٺيو نقشو پراڻو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو —

( 7 )

هاڻي محنت ڪـي مليو دَرجو عبادت جو آهه
هاڻي محنت ڏسي ٻيو نالو ڪرامت جو آهه
پورهيو اڳ وانگي نه اڄ بوجھ مصيبت جو آهه
پورهيو اڄ باعث فرحت، مزو فطرت جو آهه

محنت ۽ پورهئي ۾ آ شان شهانو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

( 8 )

تنهنجي محنت تي ڪري ڪڻڪ ۽ جوئر پيدا
ڌوڙ مٽي منجهان موتي ۽ جواهر پيدا
باغ باغات گلستان معطر پيدا
آهي ڇا ڇا نه ڪيو ڏاڍي ۽ ڪوڏر پيدا

هي جهان آهه ڪرامت ۽ فسانو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

( 9 )

Gul Hayat Institute

نئي دنيا ۾ نه بک آهه نه بيماري آهه
اگر آهي ته دوا مفت شفا واري آهه
هر ڪنهن ڇهري ۾ لالاڻ جي گلزاري آهه
خوش بهار آهه ۽ سرسبز سگهو هاري آهه

آهه مزدور به خوش يار يگانو تنهنجو
اُٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو –

(10)

اڄ جوانن لئي ڪم ڪار ڪليل عام آهي
اڄ هارياڻي ٿي آ راڻي ۽ گلفام آهي
ٻار اڄ کيل سکيا ۾ چمندي ڇام آهي
پير مردن کي هينئر پينشن آرام آهي

راڳ راحت سان خوشيءَ سان پريو خانو تنهنجو
آٿ هاري اڄهو آيو آ زمانو تنهنجو

(11)

آهي ٿي پختي پڪي هاري حڪومت برپا
يعني ٿي علم ۽ سائنس جي طاقت برپا
يعني ٿيا تجربه فڪرات ۽ محنت برپا
جن وسيلي ٿي جهان ۾ ويئي جنت برپا

جاهلي فقر اجايو هو بهانو تنهنجو
آٿ هاري اڄهو آيو آ زمانو تنهنجو

(12)

Gul Hayat Institute

هاري تنهنجو هي نظام اشرف ۽ آباد رهي
جو ٻه بيڪار آ بدڪار آ برباد رهي
جو ٻه مزدور آ هاري آ سدا شاد رهي
ديس سر سبز رهي زنده ۽ آزاد رهي

سويون حيدر جيان ڳائن جئين گانو تنهنجو
ڏس هاري اڄهو آيو آ زمانو تنهنجو

هاري گيت: آڪٽوبر 1948ع

# آئٽم بام

اي امريڪي آئٽم بام! لعنت توتي صبح ۽ شام!
تو برپا ڪيو قتل عام! توکان ٿيو انسان بدنام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

ائٽم تو ڪيو قهر انڌير! بستان ٿيو مٽيءَ جو ڍير!
ويراني ٿي وئي چوڦير! خاڪ ٿيا گلرو گلفام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

گهوڙا گهوڙا جي ڪوڪاٽ! آمان! آمان اچي پوڪاٽ؛
ڪي پيا بند ڪيو پوساٽ! دم ۾ بند ٿيو ماتام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

زخمن چور ڪيو هر ساهه، ٿي ويو سڀڪجهه باهه ئي باهه
باهه برپا ٿيو درياهه، فرش ۽ عرش تي عام جام
هيرو شيما ناگا ساڪي!

هيءَ بدڪاري هي ناپاڪي، هيءَ جبّاري هيءَ سفاڪي،
هيرو شيما ناگا ساڪي! بخشيندو نه ڪڏهن عوام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

ناگا مان هيروشيما مان، ٿي نڪري فرياد هي هر آن:
بدلو! بدلو! خون انسان، ظالم جو آرام حرام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

شاگرد ايشائي شاباس! تنهنجي همت ۽ احساس:
ڪي ڳائن ٿا آرض آڪاس! ڏينهن ۽ رات صبح ۽ شام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

اُٿو جاڳو آدمزاد! ڪريو ائٽم بم برباد،
انسانيت زنده باد! زنده باد امن و سلام!
هيرو شيما ناگا ساڪي!

حيدرآباد 1953ع

Gul Hayat Institute

## سنڌ پياري!

سلامت سنڌين سان سنڌ پياري!
سلامت راحتِ جان، سنڌ پياري!
سدا خوش حال، خندان، سنڌ پياري!
سدا سرسبز، شادان، سنڌ پياري!
تون پنهنجي جند ۽ جان، سنڌ پياري!
ٿيون قربان توتان، سنڌ پياري!

رهيو آ تنهنجو نالو ۽ نشان، سنڌ!
رهي آ تنهنجي ٻولي، مهربان سنڌ!
اِرم، فِردوس چاهن تو اڳيان، سنڌ!
ڪنهين کي تنهنجو مَٽ پايان نه مان، سنڌ!
تون پنهنجو پاڻ مَٽ آن، سنڌ پياري!
ٿيون قربان توتان سنڌ پياري!

عرب، ايراني آيا، خان، افغان،
سما ۽ سُومرا هندو، مسلمان:
ٿيا داخل جيئن هو سنڌ ۾، جان!
ويا بڻجي هو سنڌي: نيڪ انسان!
وڌايو شانِ انسان سنڌ پياري!
ٿيون قربان توتان سنڌ پياري!

هي تنهنجي لاءِ، سنڌي! ڪيڏو غم ٿيو!
هي پاڪستان طرفان ڇا ڪرم ٿيو؟
سنڌ هستيءَ جو انڪاري اتم ٿيو،
رَوا تنهنجي مٿان آهر ستم ٿيو!
ڪيائين ڪيڏو نقصان، سنڌ پياري!
ٿيون قربان توتان سنڌ پياري!

Gul Hayat Institute

جنهين کي تو نڀايو ڪير پيارو،
۽ پنهنجي هنج هينئين ۾ وهاريو،
ڇو تن آ توکي چابڪ ساڻ ماريو،
ڇو تن آ توکي ڳاريو ۽ رڙايو؟
اڄ ڪم افسوس ارمان، سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

سوين تنهنجا ٻچا اڄ دربدر هن،
ٻڪا بيمار ۽ خسته جگر هن،
املهه ماڻڪ ۽ موتي هن، گُهر هن،
ٿيا بيقدرن اڏو هيچ پر هن،
پڪارن پيا پري ڪان: "سنڌ پياري!
"ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!"

ڏني مردود کي مرڪز وزارت،
وزارت سان مچائين شرارت،
ڪيائنن سنڌ منڙيءَ جا ٻچا رت،
ڪٿيائين پنهنجي لئي نفرت حقارت،
وڪيائين ديس آرزان: سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

وڪيو جنهن ديس پيارو، تنهن تي لعنت!
ڪيو جنهن ڪم هچارو، تنهن تي لعنت!
ڪٽيئين مُنهن پنهنجو ڪارو، تنهن تي لعنت!
وڃهي ٿو ملڪ سارو، تنهن تي لعنت!
آ ٺنهنجو ويري شيطان، سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

Gul Hayat Institute

تو وٽڻي سنڌ کي سو ڪير آهي؟
خريدڻ ڪير تو هي جنس چاهي؟
هي سودو ناهه، جڳ آ، برملا، هي!
تو ڏاهي ڪير فطرت جنهن کي ڏاهي؟
بلند آ ذي ۽ وت کان سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

هزارين آيا اسڪندر ۽ دارا!
ڪري ويا ڪجهه گهڙيءَ لئي پنهنجي رارا!
مري ويا سنڌ جا ٿيا جيڪي مارا!
آ زنده سنڌ ۽ سنڌڙي جا پيارا!
چُٽل آهي مرڻ کان سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

اُٿو، سنڌي! اوهان جو امتحان آ!
مُصيبت جو وڏو طوفان مٿان آ!
خطر ۾ ننگ ۽ ناموس، جان آ!
پيو ڪم ظالم چالاڪ سان آ!
بچايو بدنظر کان سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

ٿي ستسئي ڪيرٿر مان سنڌ ساري!
۽ منڙي مارئي ٿر مان نهاري!
ٿي سهڻي سير سنڌو مان پڪاري!
ٿي مومل دلڙي ڪوهياريءَ سان ڏاري!
”چا تو سان ويل آمان، سنڌ پياري!
”ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!“

Gul Hayat Institute

پيٺائيءَ جي آ ٻُچڙن دل دُکائي!
سچل، سُواميءَ کي رنج آ انتهائي!
ڪئي جنهن صوفي سالڪ سنڌ سائي،
ٿي هر عاشق کان نڪري درد، وائي:
”هي ڇو ڪُلفتِ جو طوفان، سنڌ پياري!“
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

اي دُشمن، سنڌ جا دشمن، خبردار!
ڇڏي ڏي سنڌ تان قبضو، اي مڪّار!
ڇڏي ڏي سنڌ کي آزاد، بدڪار!
غريبن کي فقيرن کي نه آزار!
ڪري ٿي دانهن هر آن، سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان سنڌ پياري!

پمفلٽ 21- مارچ 1967ع

Gul Hayat Institute

## سلام سنڌ

هي سنڌ پنهنجو ساهہ آهہ جان ۽ حيات آ!
هي پنهنجو روح راحت آهہ پنهنجي مٺڙي ذات آ!
هي پانهنجو بهار ۽ باغ ۽ برات آ!
هي سونهن ۽ سهاڳ ۽ سهارو آهہ ذات آ!
اهوئي پنهنجو ديس آهہ اهڙو با صفات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

اي سنڌ تو مٿان سدا صلات ۽ سلام آ!
بهارين ۽ برڪتن جو مينهن توتي عام آ!
عظيم تنهنجو شان ۽ سعيد تنهنجو نام آ!
سدائين خوش رهين صنم! دعا هي صبح شام آ!
دعا هي صبح شام ۽ دعا هي ڏينهن رات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

هي صوفين جو ديس آ، لطيف جي زمين هي؛
هي سامي وارو آستان، مڪان عارفين هي؛
سچل جو هت دراز آهہ سارز آهہ دين هي:
هتي آ دين عشق و اُنس، ۽ بلند امين هي!
هت آ بشر برادري، هتي نہ ذات پات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

اي سنڌ تنهنجو نيڪنام ۽ وقار خوش رهي!
اي سنڌ تنهنجو فيض عام ۽ سڪار خوش رهي!
جو هند ۾ ۽ سنڌ ۾ ۽ تنهنجو يار خوش رهي!
جو تنهنجو يار غار ۽ هزار بار خوش رهي!
اهوئي پنهنجو شعر ۽ بيان آهہ بات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

Gul Hayat Institute

اي سنڌ تنهنجي سرزمين جو رنگ و بُو هوا مٺي،
هوا مٺي نوا مٺي زبان جي هر ادا مٺي؛
ثقافت ۽ ضيافت ۽ شرافت آهه ڇا مٺي!
اسان جي لاءِ سنڌ! تنهنجي آب و عزت ۽ مٺي!

اهائي پنهنجي تاڻ آ، اهائي پنهنجي ذات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

ٻِنو ۽ تنهنجو شهر بر، ھي ڪير ٿر ملهير ٿر؛
سُنو ۽ تنهنجو ساهتي ٻِسرو ۽ لاڙ پارڪر؛
مُنهين دڙو ٺٽو نگر ڪراچي روهڙي سکر؛
لذيذ شهر 'حيدر' 1 آهه سنڌ جو دل ۽ جگر!

اِرم اهوئي آهه هُو 2 تہ وهم ۽ واهيات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

سدائين سنڌو سنڌ مان وهي وسي هلي چلي؛
انهيءَ جي ڪير پير مان ٿي سنڌ سڀ ڦُلي ڦَلي؛
انهيءَ جي پاڪ رس منجهان ٻچو ٻچو ٻِجئي پلي؛
انهيءَ لئي سلسبيل ڪي زبان تي آ: "بلي! بلي!!"

هي ٻِعز و شان نہ نيل کي، نہ مٽ سندس فرات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام ۽ صلات آ!

---

1 - حيدرآباد (سنڌ)، جو لفظ هن شعر جي وزن ۾ نہ ٿو اچي سگهي. 2 - شدّاد وارو اِرم.

Gul Hayat Institute

هي ڇاجي لئي شڪار آهه جهنگ ۾ بزار آ!
ڇو عيش برقرار آهه ڏيهه ۾ ڏڪار آ؟
غريب سنڌ جي مٿان هي بار بار بار آ!
هي رشوتن نوازشن غلامين جو چار آ!
هي لهو لعب جرم جي وسيع واردات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

غريب هي ديار آ غليظ هت شڪار آ؛
مدار ملڪ جو مڙئي گداگري اُڌار آ؛
ٿيو ڇنبي سامراج ۾ شڪاري اڄ شڪار آ!
شڪار سان شراب آهه گڏ تہ شر شرار آ:
هي صاف صاف بات آ، بيان واقعات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

شڪار عيش بند ٿئي، ڪلام حق بلند ٿئي؛
علوم جو فنون جو شعاع ٿئي سگهند ٿئي؛
حسين ڪاروبار سان هرڪو ارجمند ٿئي؛
مزور هاري حق لهي محنَ مان پورهيو قند ٿئي!
اُدم قدم حيات آهه، عيش ۾ ممات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

ڇو سنڌ سان آ دشمني قديم پاڪ نام سان!
مٿي بدلجي ڪيئن تو حلال حق حرام سان؟
دغا ۽ ڌوڪو ڪيستائين هلندو هي عوام سان!
ڇو زور ظلم جبر آهه جاري احتشام سان؟
ڪري جو توسان دشمني ڪمينو آ ڪُذات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

Gul Hayat Institute

اي بي خبر ستمگر، اسان سان جنگ بند ڪر؛
سڏائي پاڻ پاڻ تي تبر تفنگ بند ڪر؛
جفا جا جيل ٽوڙ، سوخت پتنگ بند ڪر؛
ڇڏي ڏي جند سنڌ جي، هي ڍونگ ڍنگ بند ڪر،
اصول پاڻ پاڻ فقط خلوص التفات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اُٿو اُٿو اي سنڌيئو! ڪُلهن مٿي ڪفن ڪيو!
”فنا ۾ آ بقا“ ٻيا اهائي انجمن ڪيو!
سڳوري سنڌ سان اهو سچو پڪو وچن ڪيو!
ڏسو ته ويٽنام ۾ ته ڪهڙو ڪم اٿن ڪيو!
جتي هي احتجاج آ: نجات آپگهات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اي نوجوانو سنڌيئو، جواني جوهر آ ڪٿي؟
جو سنڌ تي نثار ٿئي، اهو دلاور آ ڪٿي؟
تباهه ناس خاڪ ٿيو عدو جو خنجر آ ڪٿي؟
بچاءِ سنڌ پياري لئي ٻيا ٿيو محشر آ ڪٿي؟
اُٿو اُٿو ته صبح ٿئي، انڌاري ڪاري رات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

Gul Hayat Institute

جهان ۾ ڪيئي ظالمن جا قيد ڪوٽ اُڏي ويا!
سپاهي هوا ڪ شير هوا دلير گهوٽ اُڏي ويا!
هو حق پرست جي هٿارون ڪائي چوٽ اُڏي ويا!
سهي سگهيا نه بت شڪن جي هڪ مروٽ اُڏي ويا!
جلايو جت بسم سومنات آ لات منات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

اي سنڌ تـــو حـضور ۾ قبول هـــي ڪلام ٿئي!
عصائي انـقـلاب هـــي حقير جـــو سلام ٿئي!
جـوان پير مـرد زن ۾ جـــوش عام جام ٿئي!
جو سنڌ لئي غذاب آهه نـــاس سـو نظام ٿئي!
هي آرزوئـي حيدر آ، اهـا رهه نجات آ!
اي سنڌ تـو مٿان سـدا سلام آ صلات آ!

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ. 1954ع

Gul Hayat Institute

# اي سنڌي وڏيرا ڪجهہ انسان ٿي!

(هي نظم اُنهن وڏيرن ڏانهن خطاب آهي جي هيٺ مذڪور ڪارنامن جا اڪثر مرتڪب آهن.)

وڏيرا چوَن ٿا: ”وڏا خان آهيون؛
”تمندار سردار سلطان آهيون؛
”ضعيفن جي لئي قهرِ يزدان آهيون؛
”۽ ڏاڍن جا نوڪر ۽ دربان آهيون؛
”حُريت جي جذبي کان بيجان آهيون!“
اڃا پيي چوَن ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

وڏيرا وطن پنهنجو هارائي ويٺا؛
مِٺي سنڌ پنهنجي کي مارائي ويٺا؛
حقن پانهنجن کي ڪُهارائي ويٺا؛
ٻچن مائرن کي رُئارائي ويٺا؛
تڏهن پيي آ دعوي: ”پهلوان آهيون!“
اڃا پيي چوَن ٿا تہ ”انسان آهيون!“

Gul Hayat Institute

وڏيرا وڏي ووٽ ۽ مُعتبر ٿيا؛
وزارت وڏي صاحبِ ڪرّوفر ٿيا؛
پري پيٽ پنهنجو ٿُلها جانور ٿيا؛
غريبن جي ڪاڻ جي لئي شير نر ٿيا؛
”ٿيا خون ۾ لعلِ بدخشان آهيون!“1
اڃان پيي چون ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

---

1- اسان وڏيرا.

هي کُهڙا، هي پُٺا، هي ميمڻ، هي قاضي
ٿيا، سنڌ وڪڻي، وزارت ۾ راضي؛
ڪيو ختم انهن کي 1 ٿيـن قصه ماضي!
ڪيو سنڌ کي پاڪ آزاد اراضي! 2
ڪڏهن ڪين چوندا: ”پشيمان آهيون!“
اڃا پي چون ٿا ته: ”انسان آهيون!“

جنهين سنڌ ماري انهن ساڻ وير آ؛
ڏيئي ووٽ پنهنجا ڪيو تن اندير آ؛
پلي کو وڏيرو آ، مير آ مشير آ؛
وطن جو غدار، هر هڪ ڏٺير آ،
”سڄي سنڌ ۽ پاڻ 3 قربان آهيون!“
اڃا پي چون ٿا ته: ”انسان آهيون!“

جياريو اي هاري: وڏيرن جا ماري:
مٺي سنڌ پياري سڳوري سُنهاري!
پڌن شرم ۾ پـل وڏيرا ڏُهاري؛
ڪيو قوم پنهنجي تي احسان ڀاري،
”اسين هاري حُر مرد ميدان آهيون!“
”اسين آن داتا، مهربان آهيون!“

---

1- سياسي طور. 2- پاڪستان اندر علائقائي آزادي مراد آهي.
3- حيدرآباد ۾، سنڌ اسيمبلي ۾، ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ وارا ميمبر. ياد رهي ته هيٺين پنجن محترم ميمبرن ووٽ نه ڪيو هو: غلام مرتضيٰ سيد، (جيل ۾ بند) غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، عبدالحميد جتوئي، پير الاهي بخش ۽ خورشيد احمد شيخ.

Gul Hayat Institute

هي وطن جو قصّو آ بند و قبازي؛
هي بند و قبازي ڪري ٻڌجو غازي!
ڪٿو ڪوڏ وڏيرن جي هارائي بازي؛
۽ سالم ڪيو سنڌ جي سرفرازي!
ڪوچن ڏيو ته: ”سنڌي محبّان آهيون!“
وچن ڏيو: ”وطن جو شرف شان آهيون!“

اُٿو سنڌيئو! پنهنجي عزّت بچايو!
وڏيرا نه سنڌيرا، شرافت بچايو!
هي وڏڙن سنڌي لاڄ شوڪت بچايو!
۽ اولاد لئي ڪجهه وراثت بچايو!
چئو: ”سنڌ جنّت جا رضوان آهيون!“
”هي دولت انهيءَ جا سليمان آهيون!“

وڏيرا ۽ هاري! ڏسو سنڌ پياري،
پڪاري ٿي آمّا، روئي زاري زاري!
ڪڏهن تائين جيئڻ هي جنجال خواري!
ڪڏهن منهنجي ٻچڙن کي ايندي بهاري!
جواب آهه ڇا؟ ”پاڻ درمان آهيون!“
”اسين مستحقِ گلستان آهيون!“

مبارڪ! جنهين سنڌ سان ڪئي سچائي!
مبارڪ! جنهين سنڌ سان ڪئي ڀلائي!
مبارڪ! جنهين جان سنڌ پنهنجي جلائي!
ته ٿئي سنڌ سائي سهاڳي سدائي!
”اسان [1] نيڪ فالن جا نشان آهيون!“
”اسان خادم آهيون ۽ انسان آهيون!“

---

1- محبّان سنڌ.

Gul Hayat Institute

وڏيرا حڪومت جا چمچا سدائين؛
جهڪي ظالمن کي ڪَرِن ”سائين! سائين!!“
غلامي سلامي خوشامد لنگهائين؛
ڪِريا ”جي حضوري“ ڪري ڪيستائين آ
چَوَن ٿا تہ: ”خودار خاصان آهيون!“
اڃا پيي چَوَن ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

وڏيرن مان غائب ٿي غيرت شجاعت؛
وطن جي بچائڻ لئي ڪاٿي آ همّت؟
بيا جي ڪيائون تہ راشي حڪومت؛
فنا جي ڪيائون تہ عزّت عدالت؛
چَوَن ٿا: ”محافظ نگهبان آهيون!“
اڃا پيي چَوَن ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

وَڏيرا سڏيرا، ڀِرائي پِرائي؛
لقب ۽ شقب ٿا وڻن ڪيترائي؛
مَلِڪ چام ۽ رئيس ڪي چوڌرائي:
ڪو مير آ ڪو پير آ، ڏِسو آڪرائي!
”لقب ڏار، پر يار يڪسان آهيون!“1
اڃا پيي چَوَن ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

مَحلاّت ماڙيون اڏائي رهن ٿا؛
وڏي ٺاٺ سان هو اُتن ٿا وهن ٿا؛
هوُ پنهنجن کي ماري لتاڙي ڪُهن ٿا؛
هوُ غيرن جو هر ظلم ذِلّت سهن ٿا:
”اوهان 1 جا مُلازم ثناخوان آهيون!“
اڃا پيي چون ٿا تہ: ”انسان آهيون!“

---

1- اسان وڏيرا.
2- اوهان حاڪمن جا.

Gul Hayat Institute

وڏيرا مزورن جي محنت لُٽن ٿا؛
وڏيرا غريبن جي عصمت لُٽن ٿا؛
هو آزاد طبعن جي عظمت لُٽن ٿا؛
جو آ قوم ۾ شان شوڪت لُٽن ٿا!
لُٽيرا نہ سوچن ٿا: "نادان آهيون"!
اڃا پيي چون ٿا تہ: "انسان آهيون!"

آ پيشي انهن جي ۾ پاڙاريداري،
هي ڏاڙا، هي ڦريون لٽيون ماراماري؛
ٻيا ڪن ٿا ماتام اندوه ڪاري،
غريبن ۾ جاري آ بس آهہ و زاري؛
نہ ٿا شرم ڪن: "ڪيڏو نقصان آهيون!"
اڃا پيي چون ٿا تہ: "انسان آهيون!"

وڏيرن جا سهسين ڏي زخميل ستايل؛
وڏيرن جا ڪيئي نہ ڏنگيل ڏڪايل:
ڏڪايل، رڇڪايل، رڇڪائي مرايل!
روئي چونہ انسان ڏسي ديس گهايل!
ڪلي ٿا چون: "خوش ۽ خندان آهيون!"
اڃا پيي چون ٿا تہ: "انسان آهيون!"

ڇڏايو وڏيرن کان قومي قيادت؛
انهن جي قيادت کان آئي ذلالت؛
ذلالت: عملدار شاهي جي لعنت؛
جفا جور ۽ ظلم جي قيادت!
چون ٿا تہ: "مؤمن مسلمان آهيون!"
اڃا پيي چون ٿا تہ: "انسان آهيون!"

Gul Hayat Institute

”ٻي ٻي! ها ها“ــ ’تانسين‘ جي تان ٿي!
راڳ جي هڪ حور ’نورجهان‘ ٿي!
ڪهڙي جادوگر ٿي خوش الحان ٿي!
ڪهڙي دل! هن ڪان نہ جا شادان ٿي!

آدمي وحشت ڇڏي قربان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

آدمي بيمار ’جالينوس‘ ٿيو؛
اِبن سينا جا بجا مقدوس ٿيو؛
هن جو ”القانون“ هڪ فانوس ٿيو؛
پنهنجو بُت مضبوط ٿيو مانوس ٿيو؛

آدمي سهڻو قداور خان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

آدمي جهنگلي مان ’ايڊيسن‘ ٿيو؛
شمع! اونداهو جهان روشن ٿيو؛
فونو! آوازن جو هڪ مخزن ٿيو؛
ساز مرده ساهہ سان دمزن ٿيو!

معجزو جو وهم هو اِمڪان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

Gul Hayat Institute

آدمي عالِم ٿيو، مُحسن ٿيو!
’ارون‘ ٿيو، ’مارڪس‘ ٿيو، لينن ٿيو!
نيچ نسل اِعراج 1 جو ضامن ٿيو؛
اِنقلابي مولوي، ڪاهن ٿيو؛

اِنقلابي جاهل ۽ نادان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

---

1ـ اعراج = عروج، بلندي.

آدمي اڻ چاڻ ــ ’انگرسال‘ ٿيو !
جذبه، جوهر ساڻ مالامال ٿيو؛
بت پرستي، وهم هر پامال ٿيو؛
روح انسان روشني ۾ لال ٿيو؛
خوف اجايو مٽجي اطمينان ٿيو !
آدمي حيوان مان انسان ٿيو !

آدمي ٿيو عدل ۾ ’نوشيروان‘ !
کهڙو پيارو نانءُ، جسم جاودان !
تي ويو بغداد باغ داد مان !
حيف انسان! ڪاٿي آ دارالامان ؟
حيف حجاجن 1 جو شان ۽ مان ٿيو !
آدمي انسان مان حيوان ٿيو !

آدمي مٽجي ۽ آدم خور ٿيو !
دشمن انسان سڀ کان زور ٿيو !
باز بڻجي ــ آدمي شهمور ٿيو !
ڌاڪو ۽ ڌاڙيل، خوني، چور ٿيو !
آدمي ڇا هو ۽ ڇا ارمان ٿيو !
آدمي انسان مان حيوان ٿيو !

Gul Hayat Institute

آدمي ’گوتم‘ منجهان ’چنگيز‘ ٿيو؛
خون فشان، خون خوار ۽ خونريز ٿيو !
حضرت انسان هن اڳيان ناچيز ٿيو؛
روح ۾ تاتار ٿيو تبريز ٿيو !
مرثيه خوان ماسڪو ايران ٿيو !
آدمي انسان مان حيوان ٿيو !

---

1 ــ حجاج بن يوسف ڏانهن اشارو آهي.

جگر جا ٽڪر سمجهو آشعار، حيدر!
هي آ جذبهٔ هاري حقدار، حيدر!
هي فرياد سنڌ آهه گفتار، حيدر!
هي آ انقلابات جي اوزار، حيدر!
ڀڃيو ظلم جي پاڙ، احسان ڪريو!
فرشتن کي سجدي جو فرمان ڪريو!

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ، 12 مارچ 1967ع

Gul Hayat Institute

## حيوان انسان

آدمي حيوان مان انسان ٿيو؛
آدمي انسان عالي شان ٿيو!
جا بجا جاري سندس فرمان ٿيو؛
شمع قدرت، قوت يزدان!
هي ڏسي ڪون و مڪان حيران ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

آدمي قدرت جو سو حصو ٿيو،
جنهن جو قدرت ساڻ ڪجهه جهڳڙو ٿيو؛
پنهنجي جرئت ساڻ ڪم سولو ٿيو،
پنهنجي پورهئي ساڻ هو پختو ٿيو؛
قدرتي قوات تي سلطان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

آدمي جيتامڙ و راڪاس ٿيو!
شير، هاٿيءَ جي سامهون داس ٿيو!
مغز جو هڪ ڪوپرو آڪاس ٿيو!
ماس ذرڙو مرڪز احسان ٿيو!
ماس ذرڙو سخت ڪوهستان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

آدمي هڪ مرد ٿيو هڪ زال ٿي،
زال ذات انسان لاءِ ڪمال ٿي؛
ماءُ ٿي، معشوق ٿي، هر حال ٿي؛
رحم راحت ناز حسن و جمال ٿي؛
ڪهڙو پيارو ساٿي دلبر جان ٿيو!
آدمي حيوان مان انسان ٿيو!

Gul Hayat Institute

روحِ 'لنڪن' آ قري ٿيو 'جانسن' !
هٽلري سفاڪ آهي خنده زن،
زهر، گولا هن جا ٿا وسن؛
ظاهري ڊالر ۽ گندم ٿا چُون!

ويٺ نام افسوس قبرستان ٿيو!
آدمي انسان مان حيوان ٿيو!

امن جو رکپال ايٽم بام ٿيو !
بام ! — قتلِ عام جو پيغام ٿيو!
بام ! — ذات انسان جو انجام 1 ٿيو!
رشڪِ زنده موت جو آرام ٿيو!

اشرفِ مخلوق شر شيطان ٿيو!
آدمي انسان مان حيوان ٿيو!

"مارشل لا" ملڪ جو دستور ٿيو؛
هڪ سپاهي گهر جو مالڪ مور ٿيو!
عقل ويچار ٿيو، مجبور ٿيو!
زور، بازو قابض ۽ مغرور ٿيو!

"سڀ زبانون بند ٿيو!" — اعلان ٿيو!
آدمي انسان مان حيوان ٿيو!

---

1 - انجام = خاتمو.

Gul Hayat Institute

آدمي ٿيو آدمي تي نڪته چين!
آدمي نقّاش ٿيو ۽ نقش بين!
آدمي ايجاد ڪيو هر ڪفر و دين!
آدمي ٿيو مُدّعي، شاهد، امين!
السّلام انسان، حيوان السّلام!
السّلام امڪان، حيران السّلام!

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ ـ 24 اپريل 1967ع

Gul Hayat Institute

# جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

توکي سنڌ هزار سلام!
خوش رهه باغ بهار مدام!
خوش رهه خندان با آرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

”پاڻ آ پنهنجو هر انسان!“
پنهنجو آهي هي ايمان!
پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

”ڪينو فتنو ٿئي برباد!“
”قرب محبت زنده باد!“
پنهنجو آهي هي پيغام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ!
جام محبت پيئي سنڌ!
خاص ۽ عام پڙهن هي جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جي ۽ منهنجو هر هنڌ!
پيار بهار ٿئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

سنڌي سهڻو سادو صاف،
هن جي تلاش آ حق انصاف!
هن وٽ آهه نفاق حرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

Gul Hayat Institute

جيئي پنهنجي مٺڙي زبان !
جيئي پنهنجو شعر بيان !
جيئي پنهنجو غزل سلام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئي جمالو چلّو ڏور !
جيئي دلّو، سُرندي سور !
جيئي ڏوهو، ڪافي ڪلام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئي سنڌو جو درياهه !
جيئي سنڌو! پنهنجو ساهه !
آبِ حيات آ جنهن جو جام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئي سڪّر جي بئراج !
جيئي گُڏّوءَ جي گڄ گاج !
جيئي ڪوٽڙي ڏمُ ڏام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئي پيلو، نِمُ، ٻير !
جيئي ڪيلو، سنڌڙي، سير !
جيئي باغ بهار تمام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئي ڪاڇو، جيئي ٿر !
جيئي لاڙ، جيئي ڪينجهر !
جيئي منڇر انڇر جام !
جيئي سنڌ ! جيئي سنڌ !!

Gul Hayat Institute

جيئي سنڌ زمين دلشاد!
جيئي کيت کيت آباد!
جيئي سر سبزي هر گام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي هاري ۽ مزدور!
جيئي هاريائي پُر نور!
پورهئي اندر صبح ۽ شام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي سنڌي دلبر جان!
مرد ۽ زال ۽ هر انسان!
ٻچڙو ۽ ٻچڙي گلفام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي سنڌين سان هي سنڌ!
سنڌين جي آمان هي سنڌ!
سنڌين جو ناموس اِڪرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

سنڌ جو نام ٿو مٽجي ڪيئن؟
سنڌ جو نام ٿو گهٽجي ڪيئن؟
هردم سنڌ جو زنده نام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

ٻوڙا! سنڌ جي ٻڌ فرياد!
گُم ٿي ويا ڪيئي شدّاد!
ڪيئي نام ٿيا گمنام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

Gul Hayat Institute

بي انصافيءَ جو بنياد
ٿئي نابود ۽ ٿئي برباد!
آ تاريخ جو هي انجام! 1
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

سنڌ جا دشمن! ڇڏ هي جوَر!
دور! هي جوَر جو بڇڙو دَور!
سنڌ کي مار نہ بي الزام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

سنڌ کي مار نہ سمجهي هيچ!
سنڌ کي مار نہ سمجهي نيچ!
سنڌ کي سمجهي هڪ گُدام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

سنڌ سڀاجهڙي رنج نہ ڪر!
رنج رسائي ۽ گنج نہ ڪر!
ڦر لُٽ آهہ تمام حرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

فوج ۽ جنگ تي باور ڇڏ!
تير ۽ تفنگ تي باور ڇڏ!
ڪنهن ويا فوجن جا امام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

حاڪم وارو ڪر نہ خُمار!
ياءُ سان ياءُ مثال گذار!
ياءُ جي ڪٽ جس ۽ انعام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

---

1- وعدو.

Gul Hayat Institute

حاڪم وارو ڪــر نـــہ غـُرور!
سـَور ڏيـئـي ٿـــو ٿئين مسرور!
گـهـر ۾ پـَوَنـــدءِ رڙ ماتام!
ڄـيـئـي سـنـڌ! ڄـيـئـي سـنـڌ!!

سـنـڌ، سمجهه! آ ٌستـّل شير!
ڪينڪي رهند و تنهنجي زيـر!
سـنـڌ ۾ سهسين سـُورهيہ جام!
ڄيئي سـنـڌ! ڄيئي سـنـڌ!!

سـنـڌي پيارا! صـلـح پسند!
ظـالـم ڪيئن ٿـو سمجهي پند!
ظـالـم جـــا ظـالـم احـڪـام!
ڄيئي سـنـڌ! ڄيئي سـنـڌ!!

هيرا، مـوتـي هيئن نـــہ هار!
بـي قـدرن وٽ ڇا ويـچـار؟ـ
ڪوڏين ڪان گهٽ تنهنجو ڪلام:
”ڄيئي سنڌ! ڄيئي سنڌ!!“

سـنـڌي پيارا! همـّت ڪر!
هار نہ مـچ، ڪـجهہ جرئـت ڪر!
ظالم جـــي ڪــر هــام تمام!
ڄيئي سـنـڌ، ڄيئي سـنـڌ!!

همـّت سـان آ سـب آسان!
قـربـاني ڪــر، ٿـــي قربان!
ڄيئي سـنـڌي: خاص ۽ عام!
ڄيئي سـنـڌ، ڄيئي سـنـڌ!!

Gul Hayat Institute

سنڌ جو سڏ آ - ڇو لٻيڪ!
پنهنجو آهه "سلام عليڪ!"

پنهنجو آهه "عليڪ سلام!"
"جيئي سنڌ!" "جيئي سنڌ!!"

سڏ هي **حيدر** جو آواز!
آواز آهي ڇا انداز!

آواز آهي يا اِلهام! -
**"جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!"**

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ. 1 مئي 1967ع

Gul Hayat Institute

## بلوچستان زنده باد

( 1 )

وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!
چمن، باغِ عدن پنهنجو، حَرَم پنهنجو بلوچستان!
آ پنهنجو روح راحت، آهه دم پنهنجو بلوچستان!
آ پنهنجي لاءِ هر فيض و ڪرم پنهنجو بلوچستان!

سدا خوش حال، خُرَّمَ، محتشم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو صنم پنهنجو بلوچستان!

( 2 )

جتي ڪوئيٽا، جتي قلاّت ۽ مستونگ ۽ مڪران!
جتي سبي، چمن پنهنجو، گلستان، بوستان، خاران!
زيارت جي زيارتگه سدائين خوش رهي خندان!
هُجي گلزار جي هڪار ۾ سرشار ڪوهستان!

عدن پنهنجو، عرب پنهنجو، عجم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

Gul Hayat Institute

( 3 )

اسان جو ديس پيارو خوب آ پريل خزانن ۾:
تَحرّڪ آهه هت قدرت جي مخفي ڪارخانن ۾؛
زمرّد لعل، گوهر ڪن ٿا آرام آستانن ۾!
اِجهو سينگار ٿا بڻجن نِگارن لاءِ ڳانن ۾!

ٿيو فردوس ڪان وڌ لاجرَم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 4 )

اسان کي آهه جبلن ۾ ۽ ٽڪرن ۾ مزو راحت!
اسان کي جهنگلن، غارن، ڪنڊن ۾ ٿي اچي فرحت!
اسان جو آهه جهڳڙو قدرتي قوّات سان البت!
انهيءَ ۾ ئي آ پنهنجي زندگي جو راز ۽ رغبت!
ٿو ڏيکاري اهو نقشِ قدم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 5 )

هي ڪئيٽا پنهنجو آ منٺار، آ ٿڌڪار گرمين ۾!
ٺري ٿي برف بنجي هت جهنّم نار گرمين ۾!
پين ٿا جامِ لطفِ زندگي دلدار گرمين ۾!
صحت ۾ ٿا مرض تبديل ڪن بيمار گرمين ۾!
خليلي بَرد آ، عيسيٰ جو دم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 6 )

اسان جو توُت ۽ ڪجّور ڏيهان ڏور آ مشهور!
اسان جي ديس جهڙو ڪاٿي آ بادام آنار انگوُر؟
جبل پنهنجو، زمين پنهنجي سدا سرسبز ۽ مسرور!
عِوض اناج جي پنهنجي غِذا ميون جو رس دستور!
پياري عام کي ٿو جامِ جم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 7 )

اسان سادا ۽ صاف انسان، هڪ مشهور قوم آهيون!
اسان آزاد طبع آهيون، اسان غيّور قوم آهيون!
شجاعت ۾، سخاوت ۾ اسان پرپور قوم آهيون!
وطن جي حبّ، خدمت ۾ اسان منصور قوم آهيون!
نپائي پالي تو خير الامم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، ارم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 8 )

اسان تي پئي ٿيا آهن حملا، حملا زمانن کان!
هزارين آفتون ۽ قهر آيا آسمانن کان!
گهٽو کجهه پئي سٺو ٿئون پنهنجي پائن ميهمانن کان!
وهيا خونن جا دريا پانهنجي نوروزخانن کان!
انهن جي خون سان کاتب قلم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، ارم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

Gul Hayat Institute

( 9 )

اسان جا پياءَ هر جا با خبر با امتياز آهن!
زمين، سنڌ ۾، پنجاب ۾، هو سرفراز آهن!
لغاري ۽ جمالي ۽ جتوئي جانباز آهن!
مري، مينگل ۽ مگسي، رند بگٽي دلنواز آهن!
ٿو کوسو، چانڊيو پالي باکرم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، ارم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(10)

اسان جا ڀاءَ ڪي ايران ۾ ۽ زاهدان آهن!
بلوچن جا بُخارا، بلخ ۾ ڀي آستان آهن!
ڀلارا ڀاءَ پنهنجا رُوس ۾ ڪِرغيِستان آهن!
عوامي قوّتن حقّن لئي سورهيه پهلوان آهن!
سڀن جو آهه مرڪز محترم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(11)

وطن ۾ داخل آهن ٿي ويا لومڙ بگهڙ ازدر!
بلوچستان جي اندر اُٿارن ٿا هُو فتنو شر!
مگر موجود آهن هزارين شير ۽ حيدر [1]!
جنهين جي جُرئتن سامهون ڪندا ڇا هي فسادي ڦر!
آ بدنامن جي لئي بندوق بم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(12)

Gul Hayat Institute

بلوچستان جي هستي ۾ آهي پانهنجي هستي!
بلوچستان سان سهنداسي هرگز ڪين من مستي!
هميشه شاد ۽ خندان وطن جو نام ۽ بستي!
بلوچستان جي دشمن کي هردم خواري ۽ پستي!
ستمگر جو ڪندو سرّ نيٺ ختم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

---

1 - علي المرتضيٰ حيدر (بمعنيٰ شير) لاءِ روايت آهي ته هن ٻارپڻ جي زماني ۾ هڪ ازدر کي مروڙي ماري ڇڏيو هو.

( 13 )

ڪيو آ پياري پاڪستان کي بيمار ”ون يونٽ“
مصيبت تي مصيبت جو وڏو آ بار ”ون يونٽ“
ڪيو آ پاڙن کي پاڙن کان ڌار ”ون يونٽ“
عوامي شهرين جي لاءِ آ آزار ”ون يونٽ“
سڄي ٿو ڪيئن سگهي اهڙو ستم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، ارم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

( 14 )

سدا پنجاب خوش! ۽ مشرقي بنگال زنده باد!
سدائين سنڌ مالا مال! آل اطفال زنده باد!
بلوچستان، پٺاڻستان با اقبال زنده باد!
هي پاڪيزو پاڪستان جو خوشحال زنده باد!
دعا اهڙي گهري ٿو دمبدم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، ارم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ ۔ 12 نومبر 1967ع

Gul Hayat Institute

## اي مٺي جيجل! اي سنهاري سنڌ!

اي مِٺي سنڌ! اي سُنهاري سنڌ!
جان منهنجي آ تو جياري سنڌ!
تو مِٺي ٿيج آ پياري سنڌ!
مون کي تو بخشي آ بهاري سنڌ!
تنهنجو آ فيض عام جاري سنڌ!
تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي مِٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

شاد رهه! مادر وطن مُنهنجي!
مُنهنجي آرائش ۽ عدن مُنهنجي!
جان ۽ تن ۽ من ۽ ڌن مُنهنجي!
آخري قبر ۽ ڪفن مُنهنجي!
آهي رڳ رڳ تو منهنجي ٺاري سنڌ!
تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي مِٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

ٿي رهيو آهه تو مٿان بيداد!
تنهنجي جنت ٿي آ رهي بغداد!
تنهنجي ٺالي ڪي ڪن پيا برباد!
تنهنجي مارڻ گهڙيءَ ۾ آ جلاد![1]
سمجهي تو کي ٿلهي متاري سنڌ!
تو مٿان ساهه صدقي پياري سنڌ!
اي مِٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

---

١- لفظ جلاد ۽ شداد مان ڪو خاص فرد مراد ناهي؛ هر اهو شخص مراد آهي جو سنڌين جا حق ماري ۽ کڻي ٿو. هي شاعري مبالغو ڪم آندل آهي.

Gul Hayat Institute

سِنڌ جو سَنڌ سَنڌ آهي سُور!
سِنڌ جو سَنڌ سَنڌ آهي چُور!
ڪيستائين هي ناحق ۽ ناسُور!
ڪيستائين ٻپا اهو دستور؟
آهي جنهن ٻاهه ٻاري، ڳاري سنڌ!
تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمٿي رِجيجل! اي سُنهاري سنڌ!

آمريت جو ڪيستائين دَوُر؟
آمريت جو ڪيستائين جَور؟
جَور تي جَور دمبدم ڪجهه آور؟
ڪيستائين ستم سَهون هِن طور؟
پيڙبي ڪيستائين ساري سنڌ!
تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمٿي رِجيجل! اي سُنهاري سنڌ!

اي رِمٿي جنڊ سنڌ زندهه باد!
تو لتاڙجائي آ پاڻهنجي اولاد!
تو ڦرائي آ حيثيت آزاد!
سيني تنهنجي تي ويٺو آ شدّاد!-1
چئي ٿو: ”مون، واهه! واهه! ماري سنڌ!“
تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمٿي رِجيجل! اي سُنهاري سنڌ!

---

1- لفظ جَلاّد ۽ شدّاد مان ڪو خاص فرد مراد ناهي؛ اهر اهو شخص مراد آهي جو سنڌين جا حق ماري ۽ ڳهي ٿو. هي شاعري مبالغو ڪم آندل آهي.

Gul Hayat Institute

ڇا تون ڪاوڙجي ويٺي اُن آمّا؟
پنهنجي اولاد جي مٿان آمّا؟
تي آن بيزار پاڻ سان آمّا؟
ڇا سڳي ماءُ تي آن ڌاري سنڌ!

تو مٿان سا ھہ صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمني جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

توکي ڪنهن ٻچڙي سر ڌنو ناهي!
ڪير جو موت ڪان ڊنو ناهي؟
تنهنجو زنجير ڪنهن ڇنو ناهي!
تنهنجو دشمن ٿيو ڪنو ناهي!
روڄ ۾ ناھہ جنهن رُئاري سنڌ!

تو مٿان ساھہ صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمني جيجل! سُنهاري سنڌ!

تنهنجا دانا ٿي ويا نادان!
پست همّت حراس ۾ حيران!
ٿي ويا ڪنگال صاحبِ سامان!
ٿي ويا عيّاش نوجوان ارمان!
پانجهن سنڌين سُنهاري سنڌ!

تو مٿان ساھہ صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمني جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

جاڳو، اي دوستو! ٿيو بيدار!
پنهنجي قسمت جا ٿي وڃو مُختيار!
پنهنجي عزت جا ٿيو علمبردار!
سنڌ کي بس بنايو هڪ گلزار!
ڪير ماڪي ۾ پريو پاري سنڌ!

تو مٿان ساھہ صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمني جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

Gul Hayat Institute

سنڌ کي جنهن وطن ڪيو، آ پاڻ؛
آهه هن سنڌ ماءُ جو هي سپاءُ!
هر مُهاجر لهي ٿو سا ڳيو ساءُ؛
ٿو محبت منجهان ڪيري پڙلاءُ:
”هم تمهارے هيں تو هماری سندهہ!

”تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
”اي رِمٽي رِجيجل! اي سُنهاري سنڌ!“

حيدرآباد سنڌ جي آ دِل!
حيدر آباد ڪئي هتي محفل!
دفع ٿي ويئي هاڻي هر مشڪل!
”ون يونٽ“ جي بات ٿي باطل!
جشن ۽ عيد ۽ بهاري سنڌ!

تو مٿان ساهه صدقي، پياري سنڌ!
اي رِمٽي رِجيجل! اي سُنهاري سنڌ!

پمفليٽ، حيدرآباد سنڌ. 9 نومبر 1967ع

Gul Hayat Institute

## مصطفيٰ ماءُ

تون هر دم مُنهنجي دِل ۾ مصطفيٰ ماءُ !
آ، پاڪر پاءُ، مُنهنجي هنج ۾ آءُ !

اي مَظهر ماءُ، دادن ماءُ، خوش رهه!
هُجي خوش پنهنجو سڀ اولاد ۽ چاءُ !

اي جانان ! تُنهنجا ڇا اِحسان ڳايان !
مُون نادان جي حِصي ۾ آيو داناءُ !

تون مُنهنجي لاءِ هڪ تصوير آهين !
نظاري جنهن جي ڪان ناهي ڪڏهن ڏاءُ !

ڪيو آ تو ڪان مون کي ظالمن ڌار !
جُدائي جو وڏو آهي اِنهن گهاءُ !

مگر اي مَـن ! هر دم گڏ آهيون!
سهي وَيج قوم خاطر هيءُ ايذاءُ !

ڪَئي ڪجهه رات تو مون سان مُلاقات !
ڏِنو تو خواب ۾ پي واهه جو ساءُ !

هي— ”جيئي سنڌ!“ ۽ ”جيئي جتوئي !“
جو تُنهنجو نعرو[1] ٿي ويو آهه ڌهڪاءُ !

Gul Hayat Institute

اي حيدر گيت پنهنجي زال جا ڳاءِ !
تون ڪجهه غالب کي شيرازي کي شرماءِ!

سينٽرل جيل، مچ (بلوچستان). 23 اپريل 1968ع

---

1 - ڪوئٽي اسٽيشن تي، بولان ميل گاڏي سامهون 23 اپريل 1968ع تي ’مصطفيٰ ماءُ‘ جو لڳايل نعرو ’جيئي جتوئي‘.

# پيام امن

( 1 )

جو امن جو امام آ، اُنهيءَ تي سو سلام آ،
جو حقّ جو غلام آ، ڪمالِ احترام آ،
جو خادمِ عوام آ، امامِ خاص و عام آ،
اهو ئي بس ڪلام آ، دعا هي صبح شام آ:
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 2 )

هي پنهنجي جنس خوش رهي! هي پنهنجي ذات خوش رهي!
هي اِنس انس خوش رهي! ۽ التفات خوش رهي!
هي ڪائنات خوش رهي! هي ڏينهن رات خوش رهي!
هي رنگ راڳ خوش رهي! عجيب هي نظام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 3 )

Gul Hayat Institute

هي پاڪ ملڪ پاڪ صاف، سايهٔ ڪرم هجي،
هتان جو مرد زال ٻار، مايهٔ محترم هجي،
هي سنڌ سرزمين جو قدم قدم اِرم هجي:
هتي لطيف لعل آ، لطيفي لطف عام آ،
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 4 )

اي امن آ، امان آ، اي امن تون امين ٿي!
تون سڀ کان زور طاقت، زمان ٿي زمين ٿي!
محافظ، حقوق ٿي، عدالت، برين ٿي!
تون فاتح، ڪريم ٿي، بہ شان و اهتمام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 5 )

دماغ جي چراغ کي ذڪاءُ ڏي، ذهين ڪر!
قلوب قرب سان ڀر، نگاهہ دوربين ڪر!
عروج سان تون آدميءَ کي عرش جو مڪين ڪر!
جو تنهنجو آستان آ، جو تنهنجو ئي مقام آ،
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 6 )

ڪرامت، ڪريم سان ڪمينہ ڪينہ ڪين ڪر!
نزاع کي، نفاق کي نڪار ڪر، حزين ڪر!
فساد ختم ڪر ۽ "سڀ جو خير" پنهنجو دين ڪر!
جهان جي خير ۾ خير پانهنجو تمام آ،
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

Gul Hayat Institute

( 7 )

هي جنگ جو هي خون خو، وڃن ٿا تنهنجي آبرو!
چون ٿا هو تہ "امن ڇو، انهيءَ ۾ ناهہ رنگ و بو،
"هي آ اجائي گفتگو، هي آ خيالي آرزو!"
هتڪ هي تنهنجي شان جي، اها هتڪ حرام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 8 )

اي دلربا! اي دلبرا! آ توسان ناز زندگي،
اي دلنواز ڪارساز! تون آن ساز زندگي،
نياز و راز زندگي! حق ۽ مجاز زندگي،
تون زندگي کي زنده رک، به شوق و احتشام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 9 )

گهڙيءَ جو آستان، جيئڻ جو هي جهان آ!
انهن سان ُمئن جي لئي حيات جاودان آ!
هي ڪهڙو تنهنجو شان آ، نه ماڻهو مهربان آ!
ُڪهي ٿو ماڻهو ماڻهو کي، تڏهن به ماڻهو نام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ سلام آ!

( 10 )

جو خوني آ، ستمگر آهه، سوئي جنگباز آ!
چوي ٿو پاڻ شير آ، چوي ٿو شاهباز آ!
اي بيوفا! اي بيحيا! شرارتن کان باز آ!
شرارتون ڇڏي، ڪٽي امان جو پيام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

Gul Hayat Institute

( 11 )

تون ڪجهه سڄاڻ پنهنجو پاڻ، پنهنجي خوءَ کي بدل،
بناء باغ جهنگ کي، جوان ُجوءِ کي بدل،
فلڪ کي شرمسار ڪر، قضا جي سوءِ کي بدل،
تون شر کي خير سان بدل، بخير نؤ نظام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

12

اي ظلمر گمر ٿي، غار ٿي! اي يوٽ پيچ زمين مان!
اي توب تير بام بم، وڃي وسايو آسمان!
اوهان کي اُت به ڪونہ ڏيندو امن ۽ امان امان!
اوهان جي مرحبا جي لئي اُٿي بہ دار و دام آ!
سدائين صلح خوش رهي! اي امن آ، سلام آ!

( 13 )

سدائين صلح خوش رهي، سدا هي سنڌ خوش رهي!
امان هي پنهنجي، دوست دلربا هي سنڌ خوش رهي!
مجسمر امان پارسا هي سنڌ خوش رهي!
اي سنڌ تو مٿان سدا صلات آ، سلام آ!
سدائين صلح خوش رهي، اي امن آ، سلام آ!

( 14 )

سدائين سنڌ خوش رهي، سدا جهان بهار ٿئي!
هر آدميءَ ۾ پيار ٿئي، نگار جو نگار ٿئي!
هر آدمي عزيز ٿئي، اڌيڏ مشڪبار ٿئي!
ڪلامر حيدر آهي هي، پيامر السلام آ!
سدائين صلح خوش رهي! اي امن آ، سلام آ!

Gul Hayat Institute

سينٽرل جيل، مڇ (بلوچستان). ساليانو مخزن ”سوجهرو“
سنڌي ادبي سوسائٽي
ڪراچي يونيورسٽي 1970ع.

# پاڪستان زندهہ باد !

ٻَريو ٻَل قيدخانن کي ! ڪيو قابُو جَوانن کي !
مَرايو مهربانن کي ! نِهوڙيو نُڪته دانن کي !
اُجهايو شمعدانن کي ! ڇڏيو ڪاتي زبانن کي !
پڙهو قَومِي تَرانن کي ! — ته پاڪستان زندهہ باد !

زمينون ڏيو وَڏيرن کي، کَڏيو هارين ڪسانن کي !
رِجيئن سڄا، بُکا سِڪن، سُڪين روٽين ۽ نانن کي !
مزورن کي ڇڏيو ماري، مَٽيو تن جي نشانن کي !
هَلايو ڪارخانن کي — ته پاڪستان زندهہ باد !

عملدارن جي شاهي کي ٻپا ڪيو ۽ ٻهانن کي !
ڏيو واڳون سيٺي واڳُن کي ۽ رِشوت ستانن کي !
ته ماڙيون ۽ مَحَل ناهن جي پهچن آسمانن کي !
بِگاڙن عدل خانن کي — ته پاڪستان زندهہ باد !

اي شاگردو ! ڏسو دنيا جي شاگردن جوانن کي !
وڏي هڪ امتحان خاطر ڇڏي ڏيو امتحانن کي !
بنايو پنهنجي نئين دنيا ٻچو سڀ پوتخانن کي !
مَٽيو نقشن پُراڻن کي — ته پاڪستان زندهہ باد !

اي صَنفِ نازڪ اُٿو ! ۽ ڇڏيو سينگار ڳانن کي !
دليري سان ۽ جُرئت سان ڏيو شه پهلوانن کي !
ڏيو سر پنهنجي ٻچڙن تي ! جَواني ڏيو جوانن کي !
ڇڏيو رقص کي ڳانن کي — ته پاڪستان زندهہ باد !

Gul Hayat Institute

هي آپي خان، هي سُلطان!- ڇا ڇا ٿا ڪين فرمان!
بڻايو آ اِنهن زندان پنهنجو پيارو پاڪستان!
انهن جي لاءِ تياري ۾ آهي چوطرف طوفان!
جو چڙهندو آسمانن کي- ته پاڪستان زنده باد!

سينٽرل جيل، مچ (بلوچستان). 1968ع

Gul Hayat Institute

# هوش محمد

سنڌ جو دلبر هوش محمد
مرد دلاور هوش محمد
فوج جو جوهر هوش محمد
قومي رهبر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

هوش محمد پيارو هوشو!
شيدي سهڻو سارو هوشو!
نور جو مشعل ڪارو هوشو!
جسم منوّر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

هوش جو بس هوش ڇڏي ويو!
سنڌ مٿان جڏهن حملو ٿيو!
بيهوشي ۾ هن ڇا ڇا ڪيو!
شير ببر نر هوش محمد!
سنڌ جو دلبر هوش محمد

ڪاٽيو ماريو هن دشمن کي!
چيريو ڦاڙيو هن غيرن کي!
حملي آور انگريزن کي!
ٿي ويو اژدر هوش محمد!
سنڌ جو دلبر هوش محمد

Gul Hayat Institute

تير تفنگ کان بالاتر ٿيو
انسان هڪ مٿجي پٿر ٿيو
حجر اسود کان اطهر ٿيو
لعل ٿيو گوهر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“
سنڌ تي صدقي ساهہ ڪريسون!
سنڌ دي لاڄ هميشہ رکيسون!
ديس مُطهر هوش محمد
سنڌ دا دلبر هوش محمد

موت نہ توکي ماري سگهيو!
وقت نہ توکي ڳاري سگهيو!
سنڌ نہ توکي وساري سگهيو!
جان کان برتر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

هار نہ باسي هار تو کائي!
واپس سنڌ اسان وٽ آئي!
ڌاريا گم ٿيا، ويا قاصائي!
تون ٿئين خنجر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

ميرن ۾ شهمير ٿئين هوشو!
پانهنجي واسطي پير ٿئين هوشو!
درگہ عالمگير ٿئين هوشو!
تربت اطهر هوش محمد
پنهنجو دلبر هوش محمد

جنرل هوش محمد خوش رهہ!
حيدرآبادي مرقد خوش رهہ!
ننڊ آرام ۾ سرمد خوش رهہ!
خوش رهہ خوشتر هوش محمد!
سنڌ جو دلبر هوش محمد

Gul Hayat Institute

سنڌ جو نام مٽائڻ وارا
سنڌين تي ڌاڙيل ۽ مارا
جلدي ڏسندا ڏينهن جو تارا
سنڌي آهي هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

سنڌي هاڻي شهيد نه ٿيندو!
سنڌي ڪوبه خريد نه ٿيندو!
سنڌي ڪوبه يزيد نه ٿيندو!
سنڌ آ مظهر هوش محمد
سنڌ جو دلبر هوش محمد

پيش ڪريان مان چا نذرانو!
تنهنجي تربت جو ديوانو!
اکين ڳوڙها منهنجو خزانو!
موتي - گوهر هوش محمد!
سنڌ جو دلبر هوش محمد

”جيئي سنڌ“ اڄ ٿيو گهر گهر آ!
نعرو آهي يا نشتر آ
سنڌ زمين ڪي ڪهڙو ڊر آ؟
جت آ حيدر هوش محمد!
سنڌ جو دلبر هوش محمد!

’سڄاڳي‘ مهراڻ آرٽ اڪيڊمي، 1970ع

Gul Hayat Institute

## اڄها عيد آئي

اڄها عيد آئي، اڄها عيد آئي!
ٿي سنڌين جي، پنهنجن جي آخر رهائي!
ٿي حقدار سنڌين جي اڄ حق رسائي!
مبارڪ، مبارڪ سدا سنڌ سائي!

اڄها عيد آئي، اڄها عيد آئي!

ڏکيا ڏينهن اهڙا اسان لئي نہ ايندا،
۽ زندان زنجير سڀ ناس ٿيندا،
هو بندوق توبن جي ٺاٺا ڇڏيندا،
ڪيو سنڌ کي جن ٿي، بيڪ سڃائي،

اڄها عيد آئي، اڄها عيد آئي!

اپريل 1970ع

Gul Hayat Institute

# ڀلنامو

| صفح | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 15 | 16 | نا | ٽا |
| 21 | 2 | هد | هند |
| 21 | 3 | د نبا | د نيا |
| 21 | 22 | گڏ جي | گڏ جن |
| 24 | 23 | ٽون بيحدِ خوشيءَ مان ماڻهن | ٽون بيحد خوشي مان نہ |
| 25 | 1 | 18 | 13 |
| 26 | 9 | ليکن | ليڪ |
| 26 | 16 | حڏ هن | جڏ هن |
| 27 | 10 | نہ | نہ آ |
| 29 | 1 | سار | پيار |
| 30 | پوئين | بُڌاء | پڌاء |
| 37 | 2 | لطف | عطا |
| 37 | 2 | مٿان مٿان | مٿان |
| 37 | 10 | چاهہ | جاهہ |
| 39 | 8 | پٺي | پٺي |
| 40 | 10 | نام | تام |
| 41 | 5 | ڪان | ڪانا |
| 45 | 3 | وچڻ | وچن |
| 48 | 22 | د وُر | دّ رر |
| 49 | 7 | نغارن | نغارا |
| 49 | 8 | هٿي هٿي | هٿي هلي |
| 54 | 1 | ڏ ٺائين | ڏ ٺاٺين |

Gul Hayat Institute

| صفح | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 55 | 1 | اند هه | اوند هه |
| 55 | 13 | سنارا | ستارا |
| 57 | 23 | طرفان | طرفن |
| 60 | 3 | عرض | غرض |
| 60 | 21 | سپ | سٿپ |
| 61 | 1 | آزمودو اکين کي | آزمودو منهنجي اکين کي |
| 62 | 17 | بصعقهه | بضعتته |
| 64 | 1 | مرار | مزار |
| 69 | 6 | انداز آ | انداز 1 آ |
| 69 | 8 | دغاز | دغا باز |
| 70 | 4 | لهي | ٺهي |
| 73 | 8 | صد من | صنمن |
| 73 | 15 | دمباز 7 آ آزادي | دمباز 7 آ آزاديءَ قوم |
| 74 | 5 | شهتار | شهناز |
| 75 | 4 | ويا | ويو |
| 75 | 6 | شاهه | شاد |
| 75 | 10 | آزاديءَ قوم | آ آزاديءَ قوم |
| 77 | 3 | هت حوڙي | هٿ جوڙي |
| 77 | 8 | غلامي بهتر | آ غلامي بهتر |
| 78 | 10 | هزار | هار |
| 83 | 11 | ڀنن | سيئنن |
| 86 | 8 | ملاّ عقيدن | ملاّ جي عقيدن |
| 87 | 6 | مسلمان سنگتي | مسلمانن جا سنگتي |
| 88 | 3 | ڏنو | ڏيو |
| 88 | 14 | اسپين | اسپين ۹ |
| 89 | 6 | راز آهه | راز آ |

Gul Hayat Institute

| صفح | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 91 | 4 | ڏ ڪار | ڏهڪار |
| 92 | 7 | مٿي ٿيو | مٿي ٿيو |
| 94 | 10 | بڙاز | بزار 5 |
| 99 | 14 | هندي ٿي | هندي ٿيو |
| 106 | 4 | هر ڪم | هرڪو |
| 106 | 5 | آزار آ | آراز آ |
| 111 | 4 | ڪير آ هو | ڪير آ اِهو |
| 112 | 11 | ماڻهو فرعون | ماڻهو جو فرعون |
| 113 | 12 | شيءِ جي لائق | شيءِ لائق |
| 115 | 6 | ٿي مرو | ٿي مرو |
| 115 | 13 | نادم | ناهم |
| 116 | 8 | لڇي جي | لڇي رفعت |
| 124 | 3 | ڦاهي ڪاهي | ڦاهي ڪائي |
| 124 | 3 | لئي ڦهي | لئي ڦاهي |
| 126 | 1 | تہ زندهہ | تہ آ زندهہ |
| 126 | 4 | جياري سئلن | جياري مئلن |
| 126 | 9 | يورپ | يورپ جي |
| 126 | 10 | پڇائي | پڇائي |
| 126 | 16 | د ي | دي دي |
| 130 | 2 | ڪي | ڪري |
| 130 | 9 | پٺي | پٺي |
| 130 | 20 | حهان | جهان |
| 130 | 23 | گذ ر | گذار |
| 134 | 8 | تي | ٿي |
| 141 | 17 | سويون | سوين |
| 142 | 11 | باهہ | باهہ جو |
| 142 | 23 | النسانيت | انسانيت |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| 143 | 19 | سنڌ ي | سنڌ ڙي |
| 145 | 16 | ظالم چالاڪ | ظالم ۽ چالاڪ |
| 146 | 13 | 1967 | 1954 |
| 147 | 3 | آ باغ | آهه باغ |
| 148 | 6 | صلات | صلات |
| 150 | 23 | آ لات | لات آ |
| 153 | 4 | ڪيستائين آ | ڪيستائين ! |
| 155 | 10 | جو غدّار | جو آ غدّار |
| 156 | 2 | ٻڌجو غا | ٻڌجو غازي |
| 158 | 10 | پنهفجي | پنهنجي |
| 158 | 16 | احسان ٿيو | احساس ٿيو! |
| 159 | 20 | ’ ارون ‘ | ’ڊارون‘ |
| 161 | 3 | جا تا | جا هرجا تا |
| 172 | 9 | آهن هزارين | آهن هت هزارين |
| 176 | 3 ۽ 4 | جي وچ ۾ | آهيون ڏوهاري سڀ اسان آمتا ! |
| 176 | 13 | سنهاري | اي سنهاري |
| 176 | 22 | مختيار! | مختار! |
| 185 | 11 | هوش | هوشو |

Gul Hayat Institute

**Works of Babe-e-Sind Hyder Bakhsh Jatoi Hyder**

1. Injustice to Sind-I.
2. Injustice to Sind-II & Let us Save Pakistan?I
3. Let us Save Pakistan ? II
4. Unjust Land Taxation in Sind Districts.
5. One Unit and Democracy.
6. Stop Ejectment of Local Population from Makhi Dhand Area.
7. Democracy or Dictatorship in Pakistan?-I
8. Democracy or Dictatorship in Pakistan?-II.(One Unit Bill X-Rayed)
9. Democracy or Dictatorship in Pakistan?-III (Daultana's Debate Dealt with).
10. Hari's Petition of Rights.
11. An Apeal to the People of Pakistan.
12. Democracy and Justice of the Chief Justice.
13. Shall Sindhi Language Stay in Karachi or not?
14. Unjust Land Assessment Rates in Sind Districts.
15. Lands in Sind- Who should Own Them?
16. The Disposal of Evacuee Property-I.
17. The Disposal of Evacuee Property-II.
18. Higher Land Taxation in Southern Zone (Sind)-I, II and III.
19. Disposal of Gudu Barrage State Lands.
20. A Rehabilitation Petition.
21. A complaint (English Translation of original Shikwah Poem in Sindhi)
22. Substance of Quran (Its Analysis and Arrangement on Historical Principle) (Manuscript).
23. Statement of the Accused (In a cased Under Section 153-A-PPC in Hyderabad in 1955-56). (Manuscript).
24. Hyder's Defence Against Court Martial. (Manuscript).

Gul Hayat Institute

١ـ تحفئہ سنڌ

٢ـ آزاديءِ قوم

٣ـ هاري انقلاب

۴ـ زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارنامہ (ناٽڪ)

۵ـ هاري گيت

٦ـ هاري ڪهاڻيون

ےـ ون يونٽ ۽ جمهوريت (اصل انگريزيءَ تان سنڌن ترجمہ ڪيل)

۸ـ سکر ۾ لاڙڪاڻہ ۾ تقريرون، سوڀي گيانچنداڻي جو انٽرويو ۽ آخري پيغام وغيره ٽيپ ٿيل آهي.